ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 30 جنوري 2026 ع 10 شعبان المعظم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (168)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ڪنهن به ذريعي ۽ ڪنهن به سطح تي امريڪا جي حملي جو فوري ۽ ڀرپور جواب ڏنو ويندو: ايران جو سپريم ليڊر

ايران جون آمريڪي حملي جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ تياريون مڪمل، حملو جنگ جي شروعات هوندي: پاسداران انقلاب

بنا پائلٽ جي اڏامندڙ ڊرونز تيار ڪري ورتا آهن. اهي بارودي مواد کڻي ويجهڙ ۽ هدف کي نشانو بڻائڻ جي مڪمل صلاحيت رکن ٿا. جيڪي سيڪيورٽي چيلينجز کي نظر ۾ رکندي تيار ڪيا ويا آهن: ميجر جنرل امير حاتمي

ڊرونز ايراني فوجي ماهرن وزارت دفاع جي تعاون سان تيار ڪيا آهن. انهن کي مختلف آپريشنل مرحلن لاءِ ٺاهڻ ڪيو ويو آهي. جن ۾ اسٽرائيڪر يعني حملو ڪندڙ ۽ جاسوسي ڪندڙ ڊرونز به شامل آهن

ڊرونز زميني، فضائي ۽ سامونڊي محاذن تي متحرڪ ٿي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکن ٿا. ايران جي فوج لاءِ اسٽريٽجڪ برتري کي برقرار رکڻ ۽ ان کي وڌائڻ هڪ مستقل ترجيح آهي

محدود حملو هڪ وهم آهي ۽ اها هڪ مڪمل جنگ جي شروعات هوندي، رد عمل فوري، جامع ۽ غير معمولي هوندو. ان حملي ۾ آمريڪا، تل ابيب جا مرڪز ۽ سندن حامين کي نشانو بڻايو ويندو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران ڪنهن به جنگي صورتحال کي نظر ۾ رکندي آمريڪا کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ پنهنجون تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن. ايراني خابرو اداري موجب ايران جي ڪمانڊرانچيف ميجر جنرل امير حاتمي جو چوڻ آهي ته بنا پائلٽ جي اڏامندڙ ڊرونز ۾ بارودي مواد

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سيد ناصر شاهه کي ايڊمنسٽريٽر ڪي ايم سي مقرر ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) ڪراچي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پي آءِ اي تي سيڙپڪاري مان 55 ارب رپيا قومي خزاني ۾ ايندا، عوام کي بهترين سهولتون ملنديون: وزيراعظم

پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائينز جي نجڪاري بابت حڪومت ۽ عارف حبيب ڪنسورشيم وچ ۾ ٽرانزيڪشن جي دستاويزن تي صحيحن جي مناسبت واري تقريب، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير پڻ شريڪ

نجڪاري ڪانپوءِ پي آءِ اي جي عظمت بحال ٿيندي ۽ عوام کي نه رڳو بهترين سفري سهولتون ملنديون پر پاڪستان جو نالو پڻ بلند ٿيندو. مسافرن لاءِ آرام واري سفر ان جي تحفظ ۽ وقار کي يقيني بڻايو ويندو: وزيراعظم

پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين جو هوابازي جي شعبي ۾ اهم مقام هو ۽ نه رڳو پاڪستان پر سڄي دنيا ۾ پي آءِ اي کي مڃيو ويندو هو ۽ "گريٽ پيپل ٽو فلاءِ ود" جو سلوگن پي آءِ اي جي سڃاڻپ هئي، اهو مقام واپس حاصل ٿيندو

سمورن چيلينجز تي ضابطو آڻيندي انتهائي شفاف انداز ۾ نجڪاري مڪمل ٿي. ٻولي جو سڄو عمل سڄي قوم ڏٺو. عارف حبيب ڪنسورشيم جو ملڪي صنعتي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪردار نمايان آهي

خوشي آهي ته پاڪستاني سيڙپڪارن کي اڳتي اچڻ جو موقعو ڏنو ويو، اسان قومي ڪاز جي لاءِ پاڻ کي پيش ڪيو. 180 ارب رپين جي سيڙپڪاري ۾ 125 ارب رپيا پي آءِ اي جي بهتري تي خرچ ٿيندا: چيئرمين عارف حبيب

ملڪ ۾ ڪاروبار لاءِ ماحول سازگار آهي. ميڪرو اڪنامڪ استحڪام جي ڪري سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ اضافو ٿيو آهي. برٽنگڊ ڪمپني سان انتهائي ڪارائتي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي، سيڙپڪار وڌيڪ بهتر ڪم ڪري سگهندا

تقريب سڌارن جي عمل ۾ موجوده حڪومت جي لاءِ انتهائي اهميت رکندڙ آهي. ڪنسورشيم 180 ارب رپين جي سيڙپڪاري ڪندي، رقم جا 125 ارب رپيا پي آءِ اي جي صلاحيت ۾ اضافي تي خرچ ٿيندا: وزيراعظم جو صلاحڪار محمد علي

اسلام آباد (آءِ پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پي آءِ اي جي نجڪاري جو عمل شفاف انداز ۾ مڪمل ٿيڻ تي اطمينان جو اظهار ڪندي ان يقين جو اظهار ڪيو آهي ته نجڪاري ڪانپوءِ پي آءِ اي جي عظمت بحال ٿيندي ۽ عوام کي نه رڳو بهترين سفري سهولتون ملنديون پر پاڪستان جو نالو پڻ بلند ٿيندو هو ڪالهه خميس ڏينهن پاڪستان انٽرنيشنل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

قوم جي حمايت سان فتنه الخوارج جي دهشتگردن جو مڪمل صفايو ڪيو پيو وڃي: وزيراعظم

وزيراعظم پاران بنون ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز کي شاباس

پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز وقت سر گڏيل ڪارروائي ڪري دهشتگردن جي ڪڌي ارادن کي ناڪام بڻايو

اسلام آباد (آءِ پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بنون ۾ فتنه الخوارج جي خلاف ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز کي شاباس ڏيندي چيو آهي ته حڪومت ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي لاءِ پرعزم آهي ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم 3 دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ ڪرڻ تي پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز کي خراج

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ايران خلاف طاقت جو استعمال مسئلن جو حل ناهي: چين

اهڙا قدم وچ اوڀر کي غيريقيني واري صورتحال جو شڪار ڪري سگهن ٿا

ايران جي معاملن جو فيصلو ايران جي عوام کي پاڻ ڪرڻ گهرجي: چيني نمائندو

گڏيل قومون (آءِ پي پي) گڏيل قومن ۾

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 12 فوتين جي باقيات جي سڃاڻپ اينٽي مارٽم ڊيٽا سان ڪئي وئي

گل پلازا سانحي ۾ سڙي فوت ٿيل 12 ماڻهن جي باقيات سڃاڻپ بعد سندن وارثن حوالي ڪئي وئي

فوتين ۾ 6 ماڻهن جي چهري جي سڃاڻپ ۽ هڪ شخص جو سڃاڻپ ڪارڊ استعمال ڪندي ڪئي وئي آهي: عامر حسن

فوت ٿيل گهڻن ماڻهن جي باقيات مان ڊي اين اي حاصل ڪرڻ ممڪن نه هو: پروجيڪٽ جو سربراهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو گل پلازا سانحي ۾ سڙي فوت ٿيل 12 ماڻهن جي باقيات جي سڃاڻپ اينٽي مارٽم ڊيٽا ۽ موجودگي جي ثبوت جي مدد سان ڪئي وئي ۽ فوت ٿيلن جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

MID-YEAR REVIEW OF
ANNUAL PLAN 2025-26

اسلام آباد: رٿابندي ۽ ترقي واري وفاقي وزير احسن اقبال جي صدارت ۾ ترقياتي رٿائن بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پاڪستان ۽ آسٽريليا وچ ۾ کيڏجندڙ ٽي-20 سيريز جا فول پروف سيڪيورٽي انتظام مڪمل

لاهور (آءِ پي پي) لاهور پوليس پاڪستان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

چين اتر ميانمار جي ٺڳي ڪام فراڊ ڪندڙ گروهن جي 11 ڏوهارين کي ڦاهي ڏئي ڇڏي

بيجنگ (آءِ پي پي) چين اتر ميانمار جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت گل پلازا سانحي جي عدالتي جاچ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي خط لکي ڇڏيو

عدالتي ڪميشن جو فيصلو ڪنهن سياسي دٻاءَ ۾ ناهي ڪيو، اسان عوام آڏو جوابده آهيون: شرجيل ميمڻ

ڪجهه سياسي جماعتون هن سانحي تي سياست ڪري رهيون آهن، ڪنهن به دٻاءَ ۾ نه ايندا سين

سمورا ثبوت عدالت يا عدالتي ڪميشن جي سامهون پيش ڪيا ويندا، ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير مراد علي شاهه گل پلازا سانحي بابت جوڊيشل انڪوائري ڪرائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ڏانهن خط لکي ڇڏيو ان ڳالهه اڄ ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس يحيٰ آفريدي سان ڪوهاٽ ۽ مانسهره بار ايسوسيئيشن جا وفد ملاقات ڪري رهيا آهن

سنڌ ۾ خانگي اسڪولن جي رجسٽريشن ۽ 10 سيڪڙو فري شپ لاڳو ڪرڻ لازمي قرار

هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي ڪارروائي تيز، رجسٽريشن ۽ انسپيڪشن بابت نئون نوٽيفڪيشن جاري

صوبي ۾ هلندڙ غير قانوني ۽ غير رجسٽرڊ اسڪولن جي داخلا، رجسٽريشن ۽ تجديد معطل ڪئي ويندي

فري شپ پاليسي تي عمل نه ڪندڙ اسڪولن خلاف قانوني ڪارروائي ٿيندي: ايڊيشنل ڊائريڪٽر رجسٽريشن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ خانگي اسڪولن جي رجسٽريشن ۽ انسپيڪشن بابت نئون نوٽيفڪيشن جاري، ڊائريڪٽوريٽ آف انسپيڪشن اينڊ رجسٽريشن هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي اڄ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي انٽربورڊ جي اڳوڻي چيئرمين سميت بورڊ عملدارن خلاف فرد جرم لاڳو

شاگردن جي نتيجن ۾ ڦيرڦار جعلسازي، فنڊن ۾ گهوٻين ۽ غيرقانوني ٽينڊر واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

اينٽي ڪرپشن جي اسپيشل جج جي عدالت ۾ جوابدارن ڏوهه قبولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن محمد امين الله صديقي جي عدالت انٽر ميڊيئٽ ۾ شاگردن جي نتيجن ۾ ڦيرڦار جعلسازي، فنڊن ۾ گهوٻين، غيرقانوني ٽينڊر ڪرڻ جي ڪيس وارو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران مختلف ضلعن جي بار ايسوسيئيشن لاءِ امدادي چيڪ جاري

حيدرآباد، جيڪب آباد قمبر شهدادڪوٽ جي وڪيل تنظيمن لاءِ چيڪ جاري ڪيا ويا

ميرپورخاص، ميرپور ماٿيلو ۽ ڪشمور جي بار ايسوسيئيشنز جي به مالي معاونت ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بار ايسوسيئيشنز کي مضبوط ڪرڻ ۽ وڪيل برادري جي فلاح و بهبود لاءِ سنڌ حڪومت اهم قدم

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

CIPATED
PENDENC
ISSIONE
ABAD
MONITO

ٽنڊو ڄام: مقامي اسڪول ۾ لڳايل سائنسي نمائش ۾ شاگردياڻيون اسٽال تي بيٺل آهن

چڪ لڳ ارڙي ۽ ويا وڌيڪ ٻن ٻارڙن جون حياتيون ڪسي ورتيون، صحت کاتو اڳهور ننڊ ستل

ڳوٺ سعدو جتوئي ۾ ريازت ولد صداقت علي ۽ وقاص ولد وقار علي ڊونگائي جتوئي فوت ٿي ويا

ڳوٺ ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ ڪيترائي ٻارڙا موذي مرض ۾ ورتل آهن، صحت کاتو ٽيمون موڪلي: رهواسي

چڪ (رپورٽ غلام رسول جتوئي) چڪ لڳ ارڙي ۽ ويا جهڙي موذي مرض ٻن معصوم ٻارڙن جون حياتيون ڪسي ورتيون صحت کاتو لاپرواهي سبب اڳهور ننڊ ستل (تفصيل موجب) گذريل ڏينهن رستم ٿاڻي جي حد ڳوٺ سعدو جتوئي ۾ ارڙي (خسره) جي ويا سبب ٻه معصوم ٻارڙا فوت ٿي ويا. فوت ٿيلن ۾ هڪ سال جو ريازت ولد صداقت علي ۽ وقاص ولد وقار علي ڊونگائي جتوئي شامل آهن ذريعن موجب ٻنهي ٻارڙن کي ڪجهه ڏينهن کان ارڙي ۽

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ سرڪاري ملازمن جي رهڻ، ميڊيڪل ۽ سفري بلن بابت نئين پاليسي جاري

نئين پاليسي موجب هاڻي 10 سالن تائين جا بل ۽ رهڻ لاڳاپيل کاتا پاڻ منظور ڪندا

وڌيڪ عرصي جا بل لاڳاپيل انتظامي کاتي جي جاچ پڙتال بعد ناڻي کاتي ڏانهن اماڻيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ناڻي کاتي سرڪاري ملازمن جي رهڻ، ميڊيڪل بلن ۽ سفري بلن جي منظوري بابت نئين پاليسي جاري

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

نواب آف جوناڳڙهه جي خاندان خلاف سوشل ميڊيا تي وڊيو اپلوڊ ڪرڻ واري ڪيس ۾ گرفتار جوابدار جي ريمانڊ ۾ واڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نواب آف جوناڳڙهه جي خاندان خلاف سوشل ميڊيا تي وڊيو اپلوڊ ڪرڻ واري ڪيس ۾ ايف آءِ اي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول جي مقرري خلاف داخل درخواست تڪڙي ٻڌڻي لاءِ منظور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي مقرري خلاف داخل درخواست تي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ساموندي معاملن واري وفاقي وزير جنيد انور چوڌري سان اي بي پورٽس ڪارپوريشن جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

اسلام آباد: يورپين يونين جو سفير رائيمنداس ڪارولس وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

وزيراعظم سان يورپي يونين جي پاڪستان ۾ مقرر سفير جي ملاقات

وزيراعظم يورپي يونين جي سفير جي آجيان ڪئي ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

جي ايس پي پلس تحت واپاري قدمن تي ويجهي تعاون لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

اسلام آباد (آءِ پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۽ يورپي يونين جي وچ ۾ گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ باني جي اکين جو پمز اسپتال ۾ معائنو

سيني قيدين کي صحت جون سهولتون ميسر آهن: وفاقي وزير اطلاعات

طبي معائني وقت پي ٽي آءِ جو باني مستحڪم ۽ بلڪل صحتمند هو

اسلام آباد (آءِ پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته طبي ماهرن جي سفارش تي پي ٽي آءِ جي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

مصطفيٰ ڪمال سان مصر جي سفير جي ملاقات، ٻطرفي تعاون تي ڳالهيون

ملاقات دوران دواسازي جي شعبي ۾ سهڪار ۽ ان حوالي سان جاري اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

پاڪستان ۾ هيپاٽائيٽس جي خاتمي لاءِ مصر جو ڪمال رول ماڊل جي حيثيت رکي ٿو: وفاقي وزير صحت

اسلام آباد (آءِ پي پي) صحت واري وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال سان مصر جي سفير ڊاڪٽر ايهاب عبدالحميد ملاقات ڪئي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي سيڪريٽري محمد سميع الرحمان وومين چيمبر آف ڪامرس جي وفد سان ڳالهائي رهيو آهي

قديمي ماڪ موهن جو دڙو جي کوٽائي دوران شهر جي حفاظتي پٽ دريافت

پاڪ آمريڪا گڏيل آثار قديمه مشن تحت دڙي جي کوٽائي جو ڪم جاري آهي

شهر جي چوڌاري ڪچين سرن مان ٺهيل پٽ دفاع ۽ انتظام لاءِ تعمير ڪئي وئي هئي: ماهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي قديم تاريخي ماڪ موهن جو دڙو ۾ کوٽائي دوران ماهرن هڪ اهم اڳڀرائي حاصل ڪندي شهر

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

گل پلازه سانحي جي جاچ لاءِ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي ڪميشن جوڙي وڃي: جي ڊي اي

سينئر جج جي سربراهي ۾ جوڊيشل ڪميشن قائم ڪري رپورٽ 72 ڪلاڪن اندر پڌري ڪئي وڃي

وڏي وزير سميت سرڪاري عملدار ۽ پلازا مالڪن کي بچائي رهيا آهن: فهميده مرزا/ صفدر عباسي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس اڳواڻ ڊاڪٽر فهميده مرزا، ڊاڪٽر صفدر عباسي، لياقت علي خان جتوئي ۽

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اسڪول وين اندر باهه لڳڻ سبب پنج ٻار سڙي زخمي، اسپتال منتقل

شاهه فيصل ڪالوني پل تي اسڪول جي هلندڙ وين کي اچانڪ باهه وڪوڙي وئي

ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو، ٻارن جا ٿيلها، لنچ باڪس ۽ پاڻي جون بوتلون به سڙي ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ شاهه فيصل ڪالوني پل تي اسڪول وين ۾ باهه لڳڻ سبب اسڪول وين ۾ سوار پنج ٻار

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڪريم آباد انڊر پاس ڪم تسلي بخش قرار، رپورٽ وڏي وزير حوالي

پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ کاتي منصوبي جو معائنو ڪرڻ بعد رپورٽ تيار ڪري ورتي

تفصيلي معائني کان پوءِ منصوبي جي مجموعي فزيڪل اڳڀرائي 85 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ (پي اينڊ ڊي) کاتي جي مانيٽرنگ اينڊ ايووليوئيشن سيل 3 ارب 810

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پوليو وائرس جي مڪمل خاتمي لاءِ پختو عزم رکي ٿي: مراد علي شاهه

بل اينڊ ميلنڊا گيٽس فائونڊيشن جي اعليٰ سطحي وفد سان وڏي وزير ملاقات ڪئي

پوليو جي مڪمل خاتمي تائين اسان جو سهڪار ۽ گڏيل ڪم جاري رهندو: ڊاڪٽر ڪرسٽوفر ايلياس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بل اينڊ ميلنڊا گيٽس فائونڊيشن (BMGF) جي اعليٰ سطحي وفد

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ نوجوانن لاءِ 20 هزار ليپ ٽاپ ورهائڻ جو آغاز ڪيو ويو آهي: راجا خليق الزمان

منصوبو نوجوانن کي تعليم، تحقيق، ٽيڪنالاجي ۽ روزگار جي جديد تقاضائن سان هم آهنگ ڪرڻ آهي

بدقسمتي سان 2018 ۾ اڳوڻي حڪومت اهڙا مفيد اسڪيم بند ڪري ڇڏي هئي: صوبائي ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حڪومت جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ سان سلڪ روڊ اميپيڪس جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ ڪرپشن جي روڪٿام، گڊ گورننس ۽ عوامي شڪايتن جي حل بابت ورڪشاپ منعقد

صوبائي محتسب سنڌ ۽ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي سهڪار سان تقريب منعقد ٿي

عوامي شڪايتن جي حل لاءِ غير سرڪاري تنظيمن سان معاهدا مفيد ثابت ٿيا آهن: سهيل راجپوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ ۽ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي سهڪار سان ڪراچي جي هڪ نجي هوٽل

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ حادثن سبب ٻن پوليس اهلڪارن سميت 6 ڄڻا فوت، ٻه ڄڻا زخمي

ميري جيٽي پل اڳيان ٽرڪ جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار اهلڪار گلفام ۽ عامر فوت ٿي ويا

مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻه ڄڻا فوت ٿيا، ٻن ڄڻن جا لاش هٿ ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ ٻن پوليس جي سپاهي سميت 6 ڄڻا فوت ٿي ويا.

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج گهڻ رخي جنگ جي چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ ارتقائي مرحلا طئي ڪري پئي: فيلڊ مارشل

مستقبل جي جنگ جي ميدان ۾ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل حڪمت عملي جسماني چر پر جي جاءِ وٺندي: چيف آف ڊفينس فورسز

پاڪ فوج وطن جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي دفاع لاءِ هر قسم جي خطرن خلاف مڪمل طور تيار آهي

فوج تيزي سان ٽيڪنالاجي کي اختيار ڪري رهي آهي. ان عمل ۾ جدت، مقامي طور تي تياري ۽ حالتن مطابق هلڻ بنيادي اهميت رکن ٿا

بهاولپور گيريزن آمد تي ڪور ڪمانڊر بهاولپور آرمي چيف جي آجيان ڪئي. هن شهيدن جي يادگار تي گلن جي چادر چاڙهي

راولپنڊي (آءِ پي پي) چيف آف ڊفينس فورسز ۽ آرمي چيف، فيلڊ مارشل عاصم منير چيو آهي ته مستقبل جي جنگ جي ميدان ۾ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل حڪمت عملي جسماني چر پر جي جاءِ وٺندي، جنهن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ قتل ڪيس ۾ سزا يافته ملزم عبدالرزاق کي آزاد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (آءِ پي پي) سپريم ڪورٽ قتل ڪيس ۾ سزا يافته ملزم عبدالرزاق

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

دبئي: صدر آصف علي زرداري کي متحده عرب امارات مان پاڪستان روانو ٿيڻ تي يو اي اي جو وزير عبدالرحمان بن محمد الاويس الوداع چئي رهيو آهي

اسلام آباد: چيني سفير نئين چيني سال جي شروعات واري تقريب کي خطاب ڪندي

سڄي ملڪ ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم 2 فيبروري کان شروع ٿيندي

4 ڪروڙ 50 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر

اسلام آباد (آءِ پي پي) پوليو جي خاتمي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسرائيل پاران غزه ۾ جنگبندي جون ڀڃڪڙيون جاري، عام شهرين جون زندگيون خطري ۾ آهن: پاڪستان

عالمي برادري نئين سفارتي ڪوشش کي فلسطيني عوام جي بهتري لاءِ زميني حقيقتن ۾ ٺوس تبديلي ۾ تبديل ڪري

فلسطيني عوام کي بي دخلي، جبر ۽ خود ارادیت واري حق کان محرومي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: عاصم افتخار

فلسطيني قيادت ۾ حڪمراني، اداره جاتي مضبوطي ۾ فلسطيني اٿارٽي جو مرڪزي ڪردار ضروري آهي ۽ اهي هڪ عالمي برادري جي اجتماعي خواهش آهن

گڏيل قومون (آءِ پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل کي ٻڌايو آهي ته هو آمريڪي قيادت ۾ قائم ٿيل بورڊ آف پيس ۾ شامل ٿي ويو آهي، جيڪو سلامتي ڪائونسل جي قرارداد 2803 تحت فلسطيني عوام جي خود

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي ليپ ٽاپ اسڪيم ميرٽ جي نشاني آهي: حنيف عباسي

اسڪيم ان وقت شروع ڪئي وئي هئي جڏهن شهباز شريف پنجاب جو وڏو وزير هو

پاڪستان ريلوي 10 ارب روپين جو منافعو ڪمايو آهي، 70 ريلوي اسٽيشنن کي ڊجيٽل ڪيو آهي

راولپنڊي (آءِ پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

لاهور هاءِ ڪورٽ جي 11 ايڊيشنل ججز کي مستقل جج مقرر ڪرڻ جي منظوري جو نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (آءِ پي پي) صدر آصف علي زرداري پاران لاهور هاءِ ڪورٽ جي 11 ايڊيشنل ججز کي مستقل جج مقرر ڪرڻ جي منظوري ڪانپوءِ قانون ۽ انصاف واري

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال خان ۽ روانڊا جو وزير پروڊينس سيباهزي روانڊا ڪافي فيسٽيول جو افتتاح ڪري رهيا آهن

دهلي هاءِ ڪورٽ نظربند ڪشميري اڳواڻ انجنيئر عبدالرشيد جي درخواست رد ڪري ڇڏي

نئين دهلي (آءِ پي پي) دهلي هاءِ ڪورٽ تهاڙ جيل ۾ غير قانوني طور نظربند ڪشميري سياست دان ۽ پارٽي پارليامينٽ

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پهريون ڀيرو بجيٽ جا اختيار اسڪول سطح تائين منتقل، 18 ارب 63 ڪروڙ رپيا جاري

سنڌ حڪومت جي منظوري کان پوءِ "اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ" سرڪاري اسڪولن ڏانهن منتقل ڪئي وئي

جيستائين اسڪول مالي طور خودمختيار نه ٿيندا، تيستائين انهن جي حالت وس بهتر نه ٿي سگهندي: سردار شاهه

بجيٽ جي منتقلي کان پوءِ هائي اسڪولن جا سربراهه خريداري ۽ ٻيا انتظامي معاملا پاڻ سرانجام ڏيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ پهريون ڀيرو سرڪاري اسڪولن کي انتظامي طور مضبوط بڻائڻ لاءِ هڪ تاريخي قدم کڻندي بجيٽ جا اختيار اسڪول سطح تائين منتقل ڪيا ويا آهن. سنڌ حڪومت

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت لائيو اسٽاڪ ڪاتي کي ترقي ڏيارڻ لاءِ اهم قدم کڻي پئي: ملڪاڻي

اسان پوري دنيا مان پلوڙ قسم جا نر جانور خريد ڪري پنهنجي ملڪ آڻي رهيا آهيون

انهن نسل جا ٻج مقامي مادي جانورن ۾ منتقل ڪري پلوڙ جانورن جي پيدائش شروع ڪئي وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت لائيو اسٽاڪ ڪاتي کي ترقي ڏيارڻ لاءِ اهم قدم کڻي رهي آهي اسان دنيا جي پلوڙ جانورن

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪولمبيا ۾ جهاز ڪري تباهه پارليامينٽ جي ميمبر سميت 15 ڄڻا اجل جو شڪار

بگوٽا (آءِ پي پي) ڪولمبيا جو جهاز وينزويلا جي سرحدي علائقي ۾ ڪري تباهه

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ٽن علائقن ۾ باهه لڳڻ جا واقعا، ڪپڙو، ڪاٺ ۽ ٻيو سامان رک

صدر لڪي اسٽار جي ويجهو هڪ رهائشي عمارت جي هڪ فليٽ ۾ گيزر ۾ باهه لڳي

گودڙا جي علائقي مسلم اسپتال ويجهو ڪپڙي جي ڪچري واري گودام ۾ باهه وڪوڙي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي مختلف 3 علائقن ۾ باهه لڳي وئي تفصيل موجب صدر لڪي اسٽار جي ويجهو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ ئي ڪٽنب جا 7 ڀاتي فوت

ڪابل (آءِ پي پي) افغانستان جي صوبي ننگرهار ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ ئي ڪٽنب جا 7 ڀاتي فوت ٿي ويا

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلا 3 زخمين سميت 6 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اترا کنڊ ۾ هندو پرست غنڊن پاران ڪشميري نوجوان تي وحشياڻو تشدد

نئين دهلي (آءِ پي پي) ڀارتي رياست اترا کنڊ ۾ هندو پرست غنڊن 16 سالن جي ڪشميري نوجوان کي وحشياڻي تشدد جو

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني سان انجنيئرنگ ڊولپمينٽ بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو حماد علي منصور ملاقات ڪري رهيو آهي

حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ جلد الخدمت تحت "قابل بڻيو" داخلا ٽيسٽ منعقد ڪئي ويندي: ڪاشف سعيد شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته جماعت اسلامي جلد ئي سنڌ ۾

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

THE FORTNIGHTLY IBRAT MAGAZINE
عبرت مئگزين
www.dailyibrat.com
1st to 15th February 2026
گل پلازه سانحي تي ٿيندڙ سياست!
گل پلازه شاپنگ مال ۾ باهه: دل ڏوڏيندڙ حادثو
پاڻي جو وڌندڙ بحران: ڪنهن جو ڏيان آهي؟

THE FORTNIGHTLY IBRAT MAGAZINE
پندرنهن روزه عبرت مئگزين حيدرآباد
REG # 2937-A
www.dailyibrat.com
هر گهر جو رسالو
هن پرچي ۾ اوهان پڙهي سگهندا
پهرين فيبروري کان 15 فيبروري 2026ع
- گل پلازه سانحي تي ٿيندڙ سياست!
- گُل پلازه شاپنگ مال ۾ باهه: دل ڏوڏيندڙ حادثو
- پاڻي جو وڌندڙ بحران: ڪنهن جو ڌيان آهي؟
- وڌندڙ ٽيڪس جو بار، عوام ڪيڏانهن وڃي!
- مصنوعي ذهانت ۽ ڊگري يافته نوجوان
- هِنئين جَنين سين هوڏَ
- نيويارڪ ۽ مسلمان ميئر
- ڪم اٽپورا ڇو رهجي ويندا آهن؟
- عورتن ۾ دٻاءُ، پريشاني ۽ ڊپريشن، ڪارڻ ڪهڙا آهن؟
- نياڻين جي شادي ۾ دير ڇو؟
- خواب پورا نه ٿيا، اُڏام اڃا باقي آهي...
- ٻارن جي پرورش، ذميواري، پيار ۽ رهنمائي
- راندين جي ميدان مان...
- شوبز جي دنيا
ان کانسواءِ عورتن، ٻارن، رڌ پچاءُ، ڪهاڻين ۽ شاعري جي صفحن سميت پيو به گهڻو ڪجهه......

بقايا 1 فيصلو

ميونسپل ڪارپوريشن جي ميئر مرتضيٰ وهاب جي ڊگهي موڪل تي وڃڻ ڪانپوءِ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جو ڪم هاڻي سنڌ حڪومت پنهنجي نگراني ۾ ڪندي، صوبائي وزير بلديات سيد ناصر شاهه کي اها ذميواري ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڪي ايم سي جو ايڊمنسٽريٽر يا جماعت اسلامي، ايم ڪيو ايم ۽ پ پ جي ٻڌل هڪ ڪميٽي قائم ڪئي ويندي، جن ۾ سمورا معاملا ترقياتي فنڊن عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي ويندي

بقايا 2 وزيراعظم

ايئرلائينز جي نجڪاري جي حوالي سان حڪومت ۽ عارف حبيب ڪنسورشيم جي وچ ۾ ٽرانزيڪشن جي دستاويزن تي صحيحن جي مناسبت واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو ان موقعي تي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار دفاع وارو وفاقي وزير خواجه محمد آصف اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير وزيراعظم جي صلاحڪار محمد علي سميت اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا. وزيراعظم تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته اڄ جي تقريب تاريخي اهميت رکندڙ آهي جنهن تي قوم کي مبارڪباد ڏيان ٿو پي آءِ اي جي نجڪاري جو عمل شفاف انداز ۾ بخوبي انجام تي پهتو هن چيو ته عارف حبيب ڪنسورشيم جو ملڪي صنعتي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ ڪردار نمايان آهي هن ان اميد جو اظهار ڪيو ته نجڪاري ڪانپوءِ پي آءِ اي مسافرن جي لاءِ آرام واري سفر ان جي تحفظ ۽ وقار کي يقيني بڻائيندي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين جو هوابازي جي شعبي ۾ اهم مقام هو ۽ نه رڳو پاڪستان پر سڄي دنيا ۾ پي آءِ اي کي مڃيو ويندو هو ۽ "گريٽ پيپل ٽو فلاءِ ود" جو سلوگن پي آءِ اي جي سڃاڻپ هئي وزيراعظم چيو ته هو پراميد آهي ته پي آءِ اي جي عظمت بحال ٿيندي، سهولتن جي بهتري سان اداري جو معيار پڻ بهتر ٿيندو هن نجڪاري جي ڪامياب عمل ۾ سمورن حصيدارن جي ڪوشش تي انهن جا ٿورا ادا ڪندي چيو ته نائب وزيراعظم فيلڊ مارشل ۽ حڪومتي ٽيم ان سلسلي ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو اهو بي مثال آهي نجڪاري جي عمل ۾ ڀرپور شرڪت تي ڪنسورشيم جو ڪردار به ساراهه جوڳو آهي هن نجڪاري واري صلاحڪار محمد علي جي پرائيويٽائيزيشن جي عمل ۾ اهم ڪردار کي ساراهيندي چيو ته سمورن چئلينجز تي ضابطو آڻيندي انتهائي شفاف انداز ۾ نجڪاري مڪمل ٿي وزيراعظم چيو ته بولي جو سڄو عمل سڌوسنئون ڏيکاريو ويو نجڪاري ڪانپوءِ پي آءِ اي تي سيڙپڪاري مان 55 ارب روپيا قومي خزاني ۾ ايندا. وزيراعظم چيو ته کيس ڪو شڪ نه آهي ته ڪنسورشيم جي محنت ۽ جذبي سان پاڪستان جو وقار بلند ٿيندو عوام کي نه رڳو بهترين سفري سهولتون ملنديون پر پاڪستان جو نالو به بلند ٿيندو ڪنسورشيم جي چيئرمين عارف حبيب تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته کيس خوشي آهي ته پاڪستاني سيڙپڪارن کي اڳتي اچڻ جو موقعو ڏنو ويو اسان قومي ڪاز جي لاءِ پاڻ کي پيش ڪيو هن ٻڌايو ته 180 ارب روپين جي سيڙپڪاري ۾ 125 ارب روپيا پي آءِ اي جي بهتري تي خرچ ٿيندا. هن چيو ته ملڪ ۾ ڪاروبار جي لاءِ ماحول سازگار آهي، ميڪرو اڪنامڪ استحڪام جي ڪري سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ اضافو ٿيو آهي بوٽنگ ڪمپني سان انتهائي ڪارائتي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي، حڪومتي سرپرستي سان سيڙپڪار وڌيڪ بهتر ڪم ڪري سگهندا، خدمتن ۾ بهتري، اسٽاف جي ڀلائي ۽ ٽيڪس آمدني ۾ اضافو ٿيندو هن يقين ڏياريو ته هو حڪومت ۽ عوام جي اميدن تي پورو لهندا ۽ ڏينهن رات محنت سان پي آءِ اي جي عظمت بحال ڪندا. وزيراعظم جي نجڪاري واري صلاحڪار محمد علي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته صحيحن واري تقريب هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿي هي تقريب سڌارن جي عمل ۾ موجوده حڪومت جي لاءِ انتهائي اهميت رکندڙ آهي ڪنسورشيم 180 ارب روپين جي سيڙپڪاري ڪندي رقم جا 125 ارب روپيا پي آءِ اي جي صلاحيت ۽ اضافي تي خرچ ٿيندا جڏهن ته 55 ارب روپيا حڪومتي خزاني ۾ جمع ٿيندا. هن چيو ته پي آءِ اي جي نجڪاري ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته سيڙپڪار ملڪ ۾ سيڙپڪاري جي لاءِ پرعزم آهي ان کان اڳ تقريب ۾ حڪومتي ۽ ڪنسورشيم جي نمائندن پاران نجڪاري جي دستاويزن تي صحيحون ڪيون ويون

بقايا 3 وزيراعظم

تحسين پيش ڪيو آهي هن چيو ته پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز وقت سر گڏيل ڪارروائي ڪري دهشتگردن جي ڪندي ارادن کي ناڪام بڻايو قوم جي حمايت سان فتنه الخوارج جي دهشتگردن جو مڪمل صفايو ڪيو ويو وزيراعظم چيو ته حڪومت ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي لاءِ پرعزم آهي

بقايا 4 چين

چين جي مستقل نمائندي فوڪونگ ايران خلاف ڪنهن به قسم جي فوجي مهم کان خبردار ڪندي چيو آهي ته طاقت جو استعمال مسئلن جو حل ناهي ۽ اهڙا قدم وچ اوڀر کي غير يقيني واري صورتحال جو شڪار ڪري سگهن ٿا. پرڏيهي ميڊيا مطابق سلامتي ڪائونسل ۾ فلسطين سميت وچ اوڀر تي ٿيل هڪ کليل بحث کي خطاب ڪندي چين جي سفير فوڪونگ چيو ته ايران جي موجوده صورتحال عالمي ڌيان حاصل ڪري ورتو آهي ۽ جنگ جا ڪڪر ڇانئجي رهيا آهن جنهن سبب خطي ۾ ڇڪتاڻ ۾ اضافو ٿي رهيو آهي هن چيو ته چين کي اميد آهي ته آمريڪا ۽ ٻيون لاڳاپيل ڌريون عالمي برادري ۽ علائقائي ملڪن جي آواز تي ڌيان ڏين اهڙا قدم کڻن جيڪي وچ اوڀر جي امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۾ مددگار هجن ۽ ڇڪتاڻ وڌائڻ کان پاسو ڪن چين جي نمائندي واضح ڪيو ته ايران هڪ خودمختيار رياست آهي ۽ ان جي معاملن جو فيصلو ايران جي عوام کي پاڻ ڪرڻ گهرجي هن چيو ته چين ايران ۾ استحڪام جي حمايت ڪري ٿو ۽ ان جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سلامتي جي تحفظ جو حامي آهي فوڪونگ سمورن ڌرين تي زور ڀريو ته اهي گڏيل قومن جي چارٽر جي مقصدن ۽ اصولن جي پاسداري ڪن ٻين ملڪن جي داخلي معاملن ۾ مداخلت جي مخالفت ڪن ۽ عالمي لاڳاپن ۾ طاقت جو استعمال يا ڌمڪي کي رد ڪن

بقايا 5 ڪٽي وئي

باقيات کي مائٽن جي حوالي ڪيو ويو تفصيل موجب گل پلازا سانحي ۾ سڙي فوت ٿيل 12 وڌيڪ ماڻهن جي باقيات جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سڃاڻپ پروجيڪٽ جي سربراهه عامر حسن چيو ته ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو گل پلازا سانحي ۾ فوت ٿيل ماڻهن جي باقيات جي سڃاڻپ اينٽي مارٽم ڊيٽا، گل پلازا ۾ فوت ٿيل جي موجودگي (موجودگي جو ثبوت) ۽ موبائل فون جي جڳهه کي پوسٽ مارٽم مان حاصل ڪيل معلومات سان گڏ بهتر ترتيب ڏئي ڪئي وئي آهي سڃاڻپ ٿيل ماڻهن ۾ نارٿ ناظم آباد جي گل پلازا آئي خاندان جا 3 ميمبر عمر نبيل، سندس زال ڊاڪٽر عائشه ۽ پٽ علي شامل آهن، جڏهن ته ڊيٽي ڪرڪري شاپ جا 2 سڳا ڀائر نعمت الله ۽ عبدالله سائيٽ ميٽرول جا رهواسي، سندس 2 ڪزن يوسف خان ۽ صداقت الله گارڊن جا رهواسي، ڪرڪري شاپ جو مالڪ ياسين قصبه ڪالوني جا رهواسي 3 سڳا ڀائر خضر علي، حيدر علي، عامر علي ۽ ابوبڪر رنڇوڙ لائن جا رهواسي شامل آهن هن چيو ته اينٽي مارٽم ڊيٽا ۽ موجودگي جي ثبوتن جي استعمال سان سڃاڻپ کان پوءِ فوت ٿيل 12 ماڻهن جا باقيات انهن جي خاندانن جي حوالي ڪيا ويا آهن هن وقت تائين سڃاڻپ ٿيل ماڻهن جو تعداد 39 تائين پهچي چڪو آهي جن مان 20 ماڻهن جي ڊي اين اي استعمال ڪندي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي 12 ماڻهن جي باقيات جي سڃاڻپ اينٽي مارٽم ڊيٽا ۽ موجودگي جي ثبوتن جي استعمال سان ڪئي وئي آهي 6 ماڻهن جي چهري جي سڃاڻپ ۽ هڪ شخص جو سڃاڻپ ڪارڊ استعمال ڪندي ڪئي وئي آهي عامر حسن چيو ته سنڌ فارنسڪ ڊي اين اي ليب مان ڊي اين اي ذريعي 4 کان 5 ماڻهن جا نتيجا اڃا تائين نه آيا آهن باقي سڀني باقيات جا ڊي اين اي نتيجا منفي آيا آهن ۽ باقي باقيات مان ڊي اين اي نمونا نه مليا آهن جنهن کان پوءِ ڪو حل ڳولڻو پيو ته جيئن باقيات انهن جي مائٽن جي حوالي ڪري سگهجن هن چيو ته دنيا ۾ اهڙا بين الاقوامي انساني حق آهن جن جي تحت هن صورتحال ۾، موجودگي جي ثبوت، مقتول جي جڳهه گل پلازه ۾ مقتول جي موجودگي انهن جي سامان جي ڳولا کي ذهن ۾ رکندي، انهن سڀني شين کي پوسٽ مارٽم جي معلومات سان بهتر ترتيب ڏنو ويندو آهي پوءِ انهن باقيات کي انهن جي مائٽن جي حوالي ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪيو ويو آهي عامر حسن چيو ته ڪجهه مائٽ پنهنجي دڪانن تان باقيات آڻيندا هئا ۽ انهن جي جڳهه پڻ ساڳئي هئڻ کان اچي رهي آهي اهو هڪ مثبت نقطو آهي مثال طور تاج محمد، ابوبڪر جو پٽ، جيڪو گل پلازا سانحي ۾ فوت ٿي ويو پاڻ بچاءُ وارن اهلڪارن سان گڏ ويو ۽ پنهنجي پيءُ جا باقيات کڻي آيو ۽ وڊيو ثبوتن جي روشني ۾ ڪن ماڻهن جي باقيات جي سڃاڻپ ڪئي وئي هن چيو ته گل پلازا سانحي ۾ فوت ٿيل گهڻن ماڻهن جي باقيات مان ڊي اين اي حاصل ڪرڻ ممڪن نه هو ڇاڪاڻ ته باقيات مسلسل باهه جي ڪري رک ۾ تبديل ٿي ويا هئا. باقيات جيئن ئي توهان انهن کي پنهنجي هٿن ۾ کڻندا آهيو ته ٽٽڻ شروع ٿي ويندا آهن انهن ۾ ڪو به حياتياتي سيال ناهي هن سڄي صورتحال ۾ ڪو حل ڳولڻ ضروري هو سڃاڻپ منصوبي جي سربراهه چيو ته اڄ اينٽي مارٽم ڊيٽا ۽ موجودگي جي ثبوت جي مدد سان 10 کان وڌيڪ ماڻهن جي باقيات جي سڃاڻپ ڪئي ويندي ۽ انهن جي خاندانن جي حوالي ڪئي ويندي ته جيئن ساڻن پنهنجن پيارن کي دفن ڪري سگهن

بقايا 6 مڪمل

۽ آسٽريليا وچ ۾ ڪيڊجنڊر ٽي-20 سيريز لاءِ سيڪيورٽي جا بهتر انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن ترجمان مطابق پاڪستان ۽ آسٽريليا وچ ۾ ٽي-20 سيريز جي سيڪيورٽي تي 09 ايس پيز 25 ڊي ايس پيز ۽ 73 ايس ايڇ اوز مقرر ڪيا ويندا. جڏهن ته 351 اهلڪار 188 ليڊي ڪانسٽيبلز سميت 6 هزار کان وڌيڪ آفيسر ۽ جوان سيڪيورٽي ڊيوٽي سرانجام ڏيندا. جڏهن ته 1 هزار کان وڌيڪ ٽريفڪ وارڊن به فرض سرانجام ڏيندا. لاهور جي سي سي پي چيو ته سيريز دوران سڄي شهر جي سيڪيورٽي هاءِ الرٽ رهندي ٽي 20 ميچن دوران ٽريفڪ جي رواني کي برقرار رکڻ لاءِ اٿارٽين قدمن جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن هن ٻڌايو ته سيڪيورٽي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ سيف سٽي اٿارٽي ۽ ٻين ڪنٽرول رومز ذريعي پڻ نگراني ڪئي ويندي ميچن دوران ڊولفن فورس پيرو ۽ ايليٽ فورس جون ٽيمون اٿارٽي پيٽرولنگ کي يقيني بڻائينديون جڏهن ته سينئر پوليس آفيسر فيلڊ ۾ موجود رهن ۽ حالتن تي مسلسل نظر رکندا.

بقايا 7 ڦاهي

ٽيلي ڪام فراڊ ڪندڙ گروپن جي 11 ڏوهارين کي ڦاهي ڏئي ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق اتر ميانمار ۾ رهندڙ گروپس جي 11 ڏوهارين کي گذريل ڏينهن ڦاهي ڏني وئي جن ۾ ٽيلي ڪام گروپس جا اهم ڪارڪن به شامل آهن انهن ماڻهن کي 11 سيپٽمبر 2025ع تي موت جي سزا ٻڌائي وئي هئي ڦاهي جي سزا اوڀر چين جي صوبي ژي جيانگ جي شهر وينزو جي هڪ عدالت سپريم پيپلز ڪورٽ جي منظوري ڪانپوءِ ڏني هئي

بقايا 8 خط

سينيئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو ته عدالتي جاچ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي خط لکيو آهي. جنهن ۾ درخواست ڪئي آهي ته سانحي جي جاچ حاضر سروس جج کان ڪرائي وڃي هن چيو ته اسان ڪنهن به سياسي جماعت جي دٻاءَ هيٺ نه ايندا سين گل پلازا جي شهيدن جي وارثن کي امدادي چيڪ ڏيڻ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي عدالتي ڪميشن جو فيصلو به ڪنهن سياسي دٻاءَ هيٺ نه ڪيو ويو آهي، چو ته اسان سياسي جماعتن کي نه پر عوام کي جوابده آهيون سندس چوڻ هو ته ڪجهه سياسي جماعتون هن سانحي تي سياست ڪري رهيون آهن، جڏهن ته اسان اهڙن واقعن تي سياست نٿا ڪريون. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ڪنهن به دٻاءَ ۾ نه آهي ڪراچي ۾ باهه جا 1,100 کان وڌيڪ واقعا ٿيا آهن پر هي سانحو سڀ کان وڏو هو ۽ حڪومت پنهنجين خامين جو به اعتراف ڪيو آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حڪومت ڪنهن تي الزام تراشي نه پئي ڪري، پر ان جو مقصد حقيقتن کي شفاف طريقي سان سامهون آڻڻ آهي هن واضح ڪيو ته عدالتي ڪميشن ايم ڪيو ايم جي مطالبي تي نه جوڙيو پيو وڃي حڪومت ڪنهن به سياسي دٻاءُ يا پوائنٽ اسڪورنگ تحت فيصلا نه پئي ڪري ۽ سمورا ثبوت عدالت يا عدالتي ڪميشن جي سامهون پيش ڪيا ويندا. شروعاتي نتيجن ۾ هر لاڳاپيل آفيسر ۽ اداري جي ذميواري واضح آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي غفلت ظاهر ٿي ته اعليٰ آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي فيصلي جو اختيار ۽ وقت لاڳاپيل جج يا ڪميشن پاران طئي ڪيو ويندو ۽ حڪومت شفاف ۽ صحيح معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ مڪمل ذميواري سان ڪم ڪري رهي آهي

بقايا 9 لازمي قرار

رجسٽرڊ اسڪولن خلاف ڪارروائي تيز پرائيويٽ ايجوڪيشن ايڪٽ 2013ع تحت 10 سيڪڙو فري شپ لاڳو ڪرڻ لازمي قرار، ڊائريڪٽوريٽ رجسٽريشن ڪانسواءِ هلندڙ اسڪولن کي فوري رجسٽريشن ڪرائڻ جي هدايت. غير قانوني ۽ غير رجسٽرڊ اسڪولن جي داخلا رجسٽريشن ۽ تجديد معطل ڪئي ويندي. فري شپ پاليسي تي عمل نه ڪندڙ اسڪولن خلاف قانوني ڪارروائي ٿيندي. عدالتي حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ اسڪولن خلاف ايڊيشنل ڊائريڪٽر رجسٽريشن رفيع ملاح پاران سخت قدم کڻڻ جو اعلان ڪيو ويو

بقايا 10 فرد جرم لاڳو

معاملو انٽربورڊ جي اڳوڻي چيئرمين نسيم ميمڻ، ڊاڪٽر سعيد الدين سميت بورڊ عملدارن خلاف فرد جرم لاڳو عدالت ۾ جوابدارن ڏوهه قبولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي ڪيس جا شاهد طلب ڪندي ٻڌڻي 26 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي هن کان اڳ عدالت جوابدارن خلاف چالان منظور ڪندي جوابدارن کي چالان جون ڪاپيون سپلائي ڪيون هيون اينٽي ڪرپشن جي جاچ آفيسر شاهنواز راهوپوٽو عدالت ۾ اڳوڻو چيئرمين انٽر بورڊ ڊاڪٽر سعيد الدين، اڳوڻو ڪنٽرولر انور عليم راجپوت، اڳوڻو اسسٽنٽ ڪنٽرولر محمد عطر، محمد اسلم چوهاڻ سميت ٻين جوابدارن خلاف عدالت ۾ چالان پيش ڪيو هو جاچ آفيسر چالان ۾ بورڊ آفيس جي آءِ ٽي ڊائريڪٽر شرير وقار کي جوابدار طور نامزد ڪيو عدالت آءِ ٽي ڊائريڪٽر کي جوابدار طور شامل ڪرڻ جي شفارش ڪئي هئي. هن کان اڳ جاچ آفيسر شاهنواز راهوپوٽو پاران ڪيس سان بورڊ آفيس جي ٻن آفيسرن اڳوڻي ڪنٽرولر ظهير پنو ۽ حارث فاروقي کي بيگناهه جي رپورٽ پيش ڪئي عدالت پڻ رپورٽ منظور ڪري ورتي هئي.

بقايا 11 چيڪ جاري

ڪندي سنڌ جي مختلف ضلعن جي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشنز کي مالي مدد فراهم ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشنز جيڪب آباد ۽ حيدرآباد لاءِ امدادي چيڪ جاري ڪيا ويا، جڏهن ته قمبر شهدادڪوٽ ۽ ميرپورخاص جي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشنز کي پڻ امدادي چيڪ ڏنا ويا آهن. اهڙي ريت ميرپور ماٿيلو ۽ ڪشمور جي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشنز کي به مالي معاونت جا چيڪ جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا 12 اڳهوڻ نه سٽل

تيز بخار هو ۽ بروقت علاج ۽ حفاظتي بچاءَ جا ٽڪا نه لڳڻ سبب سندن حالت گنڀير ٿي وئي ۽ هو زندگيءَ جي جنگ هارائي ويا. واقعي بعد ڳوٺ ۾ سوڳ جي فضا ڇانيل آهي ڳوٺاڻن ٻڌايو ته ڳوٺ سعدو جتوئي سميت ڀرپاسي جي علائقن ۾ ڪيترائي ٻار ڳڙا ارڙيءَ ۾ ورتل آهن پر صحت کاتي طرفان اڃا تائين ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي نه طبي ٽيم پهتي آهي ۽ نه ئي حفاظتي مهم شروع ڪئي وئي آهي علائقي واسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور ميڊيڪل ٽيمون موڪلي ارڙيءَ جي وبا تي ضابطو آندو وڃي ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن وڌيڪ قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ کان بچي سگهن

بقايا 13 پاليسي جاري

ڪري ڇڏي نئين پاليسي موجب هاڻي 10 سالن تائين جا بل ۽ رهتون لاڳاپيل کاتا پاڻ منظور ڪندا ڏهه سالن کان وڌيڪ عرصي جا بل خزاني کاتي کان منظور ڪرايا ويندا. ناڻي کاتي موجب پگهارن جي رهتن بابت ڪيس ناڻي کاتي ڏانهن موڪليا ويندا ۽ لاڳاپيل کاتن کي ان حوالي سان آگاهه ڪيو ويندو سرڪاري ملازمن جي پگهار ۽ الائونسز بابت دعوائون ڏهه سالن تائين پراڻيون قرار کاتن اندر قائم ڪيل اسڪروٽني ڪميٽي ذريعي سنڌ فنانشل رولز 2023ع مطابق اڪلايو ويندو

بقايا 14 واڌ

طرفان گرفتار ڪيل ملزم مدثر کي سٽي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو جتي عدالت ملزم جو جسماني ريمانڊ 30 جنوري تائين وڌائي ڇڏيو آهي. ڪيس نواب زادي عاليه دلاور جي فرياد تي داخل ڪيو ويو آهي جيڪا نواب آف جوناڳڙهه مرحوم دلاور خانجي جي پوٽي آهي. ايف آءِ آر موجب، ملزم تي الزام آهي ته هن نواب آف جوناڳڙهه جي خاندان بابت سوشل ميڊيا تي غيرقانوني وڊيو اپلوڊ ڪئي. ملزم مدثر کي نيشنل سائبر ڪرائم ايجنسي گرفتار ڪيو آهي. ڪيس ۾ موجوده نواب آف جوناڳڙهه مرتضيٰ خانجي کي پڻ نامزد ڪيو ويو آهي.

بقايا 15 منظور

عدالت تڪڙي ٻڌڻي جي استدعا منظور ڪري ورتي. عدالت درخواست جي وڌيڪ ٻڌڻي 12 فيبروري تي مقرر ڪندي فريادي ۽ ٻين فريقن کي نوٽيس جاري ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي آهي. درخواست گذار طارق منصور ايڊووڪيٽ طرفان موقف اختيار ڪيو ويو ته هي رڳو هڪ درخواست ناهي پر سنڌ جي لڳ ڀڳ ٽن ڪروڙ شهرين جي حقن جو معاملو آهي. درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ايس بي سي اي جهڙي اهم اداري جو سربراهه لازمي طور سول انجنيئر، ٽائون پلانر يا آرڪيٽيڪٽ هجڻ گهرجي.

بقايا 16 زخمي

سپاهي سميت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ڊاڪس ٿاڻي جي حد آءِ سي آءِ مين چورنگي جي ويجهو ميري جيٽي پل لڳ تيز رفتار ٽرڪ جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار 2 ماڻهو فوت ٿي ويا. فوتين جا لاش ايڌي ايمبولينس جي ذريعي سول اسپتال جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيا ويا، ايڌي رضاڪارن موجب فوتين جي سڃاڻپ سپاهي گلفام ۽ عامر پٽ ايم شريف جي نالي سان ٿي آهي. ڪورنگي جي علائقي گذر چورنگي EBM ڪمپني جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ محمد اويس ولد ذوالفقار فوت ٿي ويو آهي

بقايا 17 ورڪشاپ منعقد

۾ ڪرپشن جي روڪٿام گڊ گورننس ۽ عوامي شڪايتن جي حل طريقيڪار ۽ تجويزن بابت هڪ هائي ليول ڪيپيسيٽي بلڊنگ ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي ورڪشاپ ۾ صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت، چيئرمين ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جسٽس (ر) ضياءَ پروين چيئر ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل فرينڪوئس ويليرين مختلف سرڪاري کاتن جي سربراهن محمد سليم راجپوت، زاهد عباسي، ظريف کيڙو، رشيد احمد زرداري، ايم ڊي ڪراچي واٽر ڪارپوريشن احمد علي صديقي چيئرمين هلال احمر سنڌ محمد ريحان هاشمي، ڊي جي سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو 1122 برگيڊيئر واجد صبغت الله اطلاعات کاتي سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل معيز الدين پيرزادو، ڊي جي ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن سنڌ اورنگزيب پنهور، ڊي جي صوبائي محتسب سنڌ نسيم الدين ميراڻي، ڊائريڪٽر ڪوآرڊينيشن امداد حسين صديقي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 18 راجا خليق الزمان

صوبائي ترجمان راجا خليق الزمان انصاري اعلان ڪيو آهي ته سنڌ ۾ نوجوانن لاءِ 20 هزار ليپ ٽاپس جي تقسيم جو باضابطه آغاز ڪيو ويو آهي جنهن جي شروعات اين اي ڊي يونيورسٽي ڪراچي کان ڪئي وئي. راجا خليق الزمان انصاري چيو ته هي ڏينهن نوجوانن لاءِ هڪ خوش آئند ۽ اميد افزا ڏينهن آهي، چو ته وزيراعظم پاڪستان جي نوجوان دوست ويزن تحت سنڌ ۾ ليپ ٽاپس فراهم ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. هن زور ڏنو ته ليپ ٽاپ اسڪيم صرف هڪ فلاحي منصوبو ناهي، پر نوجوانن کي تعليمي تحقيقي ٽيڪنالاجي ۽ روزگار جي جديد تقاضائن سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ هڪ جامع حڪمت عملي آهي.

بقايا 19 مراد علي شاهه

سان ملاقات ڪئي جنهن جي اڳواڻي فائونڊيشن جي عالمي صدر ڊاڪٽر ڪرسٽوفر ايلياس ڪري رهيو هو. ملاقات جو مقصد سنڌ، پاڪستان کي پوليو کان پاڪ بڻائڻ لاءِ وڌيڪ سهڪار ۽ گڏيل ڪوشش کي هٿي ڏيڻ هو. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، سيڪريٽري صحت جمشيد ميمڻ ۽ ايمرجنسي آپريشن سينٽر جي ڪوآرڊينيٽر شارق ميمڻ شرڪت ڪئي. اجلاس دوران سنڌ ۾ پوليو جي موجوده وبائي صورتحال ۽ سال 2026 لاءِ تيار ڪيل اسٽريٽجڪ منصوبي تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. بل اينڊ ميلنڊا گيٽس فائونڊيشن جي وفد ۾ ڊاڪٽر انيتا زيدي (صدر، جينڊر ايڪوئلٽي ڊويزن)، ڊاڪٽر ڪيٽي نيوسيل (ڊائريڪٽر پوليو) ۽ ڊاڪٽر مائيڪل گيلي وي (ڊپٽي ڊائريڪٽر پوليو) شامل هئا.

بقايا 20 وڏي وزير حوالي

ڪروڙ 74 لک 70 هزار روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ ڪريم آباد انڊر پاس جو معائنو ڪرڻ کان پوءِ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي رپورٽ پيش ڪئي آهي جنهن موجب منصوبي جي مجموعي فزيڪل اڳڀرائي 85 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪي آهي ۽ ڪم تسلي بخش قرار ڏنو ويو آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي هدايتن تي ايم اي سي جي ٽيم جنهن جي اڳواڻي ريجنل مانيٽرنگ اينڊ ايويليوئيشن آفيسر (آر ايم اي او) اورنگزيب وسترو ڪري رهيو هو ضلعي سينٽرل ۾ جاري اي ڊي پي اسڪيم "ڪريم آباد ۾ 2+2 لين انڊرپاس جي تعمير" جو دورو ڪيو. دوري دوران ايم اي سي ٽيم عملدرآمد ڪندڙ اداري (اي اي) جي ٽيڪنيڪل عملي سان گڏجي تعميراتي ڪم جي رفتار ۽ معيار جو تفصيلي جائزو ورتو. موقعي تي معيار جا ٽيسٽ ڪيا ويا ۽ منظور ٿيل معيار سان مطابقت جانچڻ لاءِ ماپون ورتيون ويون.

بقايا 21 منتقل

زخمي ٿي پيا. جن کي فوري طور تي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو اسڪول وين ۾ باهه لڳڻ دوران اسڪول وين جا ٿيلها، لنچ باڪس ۽ پاڻي جون بوتلون به سڙي ويون باهه لڳڻ دوران اسڪول وين مڪمل طور تي سڙي وئي، جڏهن ته ان جو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو پوليس اختيارين موجب، اسڪول وين ۾ موجود سڀئي ٻار محفوظ آهن جيئن ئي اسڪول وين ۾ باهه لڳي شاهه فيصل پل تان گذرندڙ شهري روڪي ويا، جڏهن ته پوليس به موقعي تي پهچي وئي.

بقايا 22 جي ڊي اي

سردار عبدالرحيم گل پلازا باهه سانحي جي جاچ لاءِ سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل انڪوائري ڪميٽي ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي سربراهي ۾ ٺهيل سب ڪميٽي کي رد ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته هن حادثي جي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ لاءِ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي سينئر جج جي سربراهي ۾ جوڊيشل انڪوائري ڪميشن قائم ڪئي وڃي ۽ ان جي رپورٽ 72 ڪلاڪن اندر عوام جي سامهون پيش ڪئي وڃي، جيئن اصل سبب ۽ ذميوارن کي عوام جي سامهون آندو وڃي جي ڊي اي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت پنهنجي نااهلي لڪائڻ لاءِ پنهنجي ئي سربراهي ۾ ڪميٽيون ٺاهيون آهن.

بقايا 23 دريافت

جي حفاظت لاءِ تعمير ڪيل حفاظتي پٽ (فصيل) دريافت ڪري ورتي آهي. ماهرن موجب مرڪزي شهر جي چوڌاري ڪچين سرن مان ٺهيل هي پٽ شهر جي دفاع ۽ انتظام لاءِ تعمير ڪئي وئي هئي. موهن جو دڙو ۾ هن وقت پاڪ-آمريڪا گڏيل آثار قديمه مشن تحت کوٽائي جو ڪم جاري آهي، جيڪو آمريڪي ماهر آثار قديمه پروفيسر جوناٿن مارڪ ڪينويئر ۽ سنڌي ماهر علي لاشاري جي نگراني ۾ ماهرن جي ٽيم سرانجام ڏئي رهي آهي.

بقايا 24 ڳالهيون

جنهن دوران صحت جي شعبي سميت ٻطرفي تعاون ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات دوران دوا سازي جي شعبي ۾ سهڪار ۽ ان حوالي سان جاري اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو وفاقي وزير چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ مضبوط، پراڻا ۽ پائيدار لاڳاپا قائم آهن جڏهن ته صحت جي شعبي ۾ سهڪار ٻنهي ملڪن جي ٻطرفن لاڳاپن جو اهم ٿنڀ بڻجي چڪو آهي

بقايا 25 معائنو

باني جي اکين جو پمز اسپتال ۾ معائنو ڪيو ويو پي ٽي آءِ جو باني مڪمل طور تي ٺيڪ آهي سڀني قيدين کي صحت جون سهولتون ميسر آهن خميس ڏينهن هتي ميڊيا سان ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اکين جي ڊاڪٽرن اڊيالا جيل ۾ پي ٽي آءِ جي باني جي اکين جو معائنو ڪيو جنهن کان پوءِ انهن تجويز ڏني ته معمولي طبي طريقيڪار لاءِ ڪيس پمز وٺي وڃڻ ضروري آهي هن چيو ته اکين جي ڊاڪٽرن جي سفارش تي ڪيس گذريل ڇنڇر جي رات پمز اسپتال آندو ويو جتي سندس اکين جو معائنو ڪيو ويو پي ٽي آءِ جي باني جي لکت ۾ رضامندي ڪانپوءِ تقريبن 20 منٽن تائين طبي معائنو ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ ضروري هدايتن سان ڪيس واپس اڊيالا جيل آندو ويو.

بقايا 26 ملاقات

خاص طور تي واپار سيڙپڪاري، ترقي ۽ سلامتي، مائيگريشن ۽ موسمياتي تبديلي جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪندي پاڪستان ۽ يورپي يونين جي وچ ۾ واپار جي فروغ ۾ جي ايس پي پلس اسڪيم جي اهم ڪردار تي زور ڏنو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان يورپي يونين جي پاڪستان ۾ سفير رائمونڊاس ڪاروبلس ڪالهه خميس ڏينهن ملاقات ڪئي. ان موقعي تي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، وزيراعظم جو صلاحڪار ڊاڪٽر سيد توقير شاهه، وزيراعظم جو خاص معاون طارق فاطمي ۽ پرڏيهي سيڪريٽري آمنه بلوچ پڻ وزيراعظم سان گڏ موجود هئا.

بقايا 27 پاسداران انقلاب

ڪئي وڃڻ ۽ هدف کي نشانو بڻائڻ جي مڪمل صلاحيت موجود آهي. رپورٽ موجب اهي ڊرونز جون 2025ع ۾ آمريڪا سان ٿيل 12 ڏينهن واري جنگ جي تجربن ۽ اڀرندڙ سيڪيورٽي چئلينجز کي نظر ۾ رکندي تيار ڪيا ويا آهن. اهي ڊرونز ايراني فوجي ماهرن وزارت دفاع جي تعاون سان تيار ڪيا آهن انهن کي مختلف آپريشنل مرحلن لاءِ ڊزائن ڪيو ويو آهي. جن ۾ اسٽرائيڪر يعني حملو ڪندڙ ۽ جاسوسي ڪندڙ ڊرونز به شامل آهن ان ڪانسواءِ اليڪٽرانڪ وار فيئر به ٻيڙي جو حصو آهن اهي ڊرونز زميني، فضائي ۽ سامونڊي محاذن تي متحرڪ ٿي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکن ٿا. ميجر جنرل امير حاتمي موجب ايران جي فوج لاءِ اسٽريٽجڪ برتري کي برقرار رکڻ ۽ ان کي وڌائڻ هڪ مستقل ترجيح آهي ڪنهن به آمريڪي حملي جي صورت ۾ ايران فوري ۽ ڀرپور جواب ڏيندو.

بقايا 28 فيلڊ مارشل

کي نظر ۾ رکندي پاڪستان جي هٿياربند فوج جديد ترين حربي صلاحيتن ۽ گهڻ رخي جنگ جي چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ تيزي سان ارتقائي مرحلا طئي ڪري رهي آهي. انهن خيالن جو اظهار هن بهاولپور گيريزن جي دوري ۽ خيرپور ٽاميوالي ۾ اعليٰ سطح جي فيلڊ مشقن جي مشاهدي جي موقعي تي جوانن کي خطاب ڪندي ڪيو. پاڪ فوج جي سنڌ سماءَ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) مطابق ان موقعي تي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کي ڪور جي مختلف آپريشنل تربيتي ۽ انتظامي رخن خاص طور تي گهڻ رخي جنگ جي تيارين تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. آرمي چيف خيرپور ٽاميوالي ۾ اعليٰ سطح جي فيلڊ مشق "استقامت عزم" جو مشاهدو ڪيو انهن مشقن ۾ ڊرونز جديد ترين نگراني جي اوزارن اليڪٽرانڪ وار فيئر جي اثاثن ۽ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول جي جديد مڪينزم جهڙين جديد ٽيڪنالاجيز جي انضمام جو مظاهرو ڪيو ويو جيڪو هٿياربند فوج جي ٽيڪنالاجي تي ٻڌل گهڻ رخي آپريشنز تي ڌيان جي عڪاسي ڪري ٿو. فوجي جوانن کي خطاب ڪندي آرمي چيف سندن بلند حوصلي پيشيوراڻي مهارت ۽ آپريشنل تيارين کي ساراهيو هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان جي هٿياربند فوج وطن جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي دفاع لاءِ هر قسم جي خطري خلاف مڪمل طور تيار آهي

بقايا 29 آزاد ڪري ڇڏيو

کي آزاد ڪري ڇڏيو سپريم ڪورٽ ۾ قتل ڪيس ۾ سزا يافته عبدالرزاق جي بريت جي درخواست تي خميس ڏينهن ٻڌڻي ٿي جنهن کان پوءِ عدالت وڪيلن جا دليل مڪمل ٿيڻ تي عبدالرزاق کي سمورن ڏوهن مان بري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ٻڌڻي دوران ملزم جي وڪيل جسٽس (ر) صغير احمد قادري موقف اختيار ڪيو ته گواهن جا بيان ۽ ميڊيڪل شاهديون هڪ ٻئي سان هڪجهڙائي نٿيون ڪن جنهن جي بنياد تي سزا برقرار نٿي رکي سگهجي وڪيل عدالت کي درخواست ڪئي ته ٽرائل جي طريقيڪار کي درست ڪرڻ لاءِ واضح هدايت جاري ڪئي وڃي جسٽس (ر) صغير احمد قادري چيو ته هاءِ ڪورٽس جي رولز موجب ٽرائل ڪورٽ ۾ ڪيس هڪ هفتي اندر مڪمل ٿيڻ گهرجي جڏهن ته ان رولز تي عمل درآمد نٿو ڪيو وڃي

بقايا 30 شروع ٿيندي

بابت وزيراعظم جي فوڪل پرسن عائشه رضا فاروق چيو آهي ته سڄي ملڪ ۾ ستن ڏينهن واري پوليو جي خاتمي واري مهم 2 فيبروري کان شروع ٿيندي جيڪا 8 فيبروري تائين جاري رهندي مهم دوران 4 ڪروڙ 50 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن ٻڌايو ته مهم دوران 4 لک کان وڌيڪ پوليو ورڪرز گهر گهر وڃي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارينداهن والدين ۽ ڪميونٽي کي اپيل ڪئي ته هو هر مهم ۾ پوليو ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪن ۽ پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا ضرور پيارين

بقايا 31 پاڪستان

اراديت واري حق ۽ رياست جي قيام تي ٻڌل ڊگهي امن جي قيام لاءِ ڪم ڪندو گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي سفير عاصم افتخار احمد وچ اوڀر جي صورتحال فلسطين مسئلي سميت، سلامتي ڪائونسل جي بحث کي خطاب ڪندي چيو ته عالمي برادري، خاص ڪري سلامتي ڪائونسل جي ذميواري آهي ته اها نئين سفارتي ڪوشش کي فلسطيني عوام جي بهتري لاءِ زميني حقيقتن ۾ ٺوس تبديلي ۾ تبديل ڪري. هن چيو ته فلسطين مسئلي جو حل نه ٿيڻ وچ اوڀر ۾ عدم استحڪام جو بنيادي سبب آهي، جڏهن ته ڏهاڪن تي ٻڌل اسرائيلي قبضي جي نتيجي ۾ فلسطيني عوام کي بي دخلي جبر ۽ خود اراديت واري حق کان محرومي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا 32 حنيف عباسي

محمد حنيف عباسي چيو آهي ته ماضي ۾ سياسي اڳواڻن جون تقريرون ظاهري طور تي پراثر هونديون هيون پر ان جو ڪوبه عملي نتيجو سامهون نه ايندو هو جڏهن ته اسان پنهنجي اڳواڻن تي نعرن نه پر ڪارڪردگي جي بنياد تي فخر ڪريون ٿا. گذريل ڏينهن پير مهر علي شاهه باراني زرعي يونيورسٽي ۾ وزيراعظم جي ليپ ٽاپ اسڪيم جي تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته اها اسڪيم حقدارن ۽ قابل شاگردن لاءِ آهي اها ڪا خيرات نه پر شاگردن جي محنت جو نتيجو آهي. وفاقي وزير چيو ته هي اسڪيم ان وقت شروع ڪئي وئي هئي جڏهن شهباز شريف پنجاب جو وڏو وزير هو. ان اسڪيم جو مقصد نوجوانن کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ هو. وفاقي وزير چيو ته اسان جي قيادت جي سربراهي ۾ ميٽرو بس منصوبو مڪمل ڪيو ويو

بقايا 33 نوٽيفڪيشن جاري

وزارت باضابطه نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيا آهن قانون ۽ انصاف واري وزارت پاران جاري نوٽيفڪيشن موجب صدر پاڪستان جي آئين تحت اختيار استعمال ڪندي لاهور هاءِ ڪورٽ جي 11 ايڊيشنل ججز جي خدمتن کي مستقل حيثيت ڏيڻ جي منظوري ڏني اهڙي طرح صدر لاهور هاءِ ڪورٽ جي ايڊيشنل جج جسٽس طارق محمود باجوه جي ملازمت جي مدي ۾ 6 مهينن جي توسيع جي پڻ منظوري ڏئي ڇڏي آهي

بقايا 34 درخواست رد

جي ميمبر انجنيئر عبدالرشيد جي درخواست رد ڪري ڇڏي آهي جنهن ۾ هڪ ٽيرر فنڊنگ ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو ڪرڻ کي چيلينج ڪيو ويو هو ڪشمير ميڊيا سروس موجب عدالت جي فيصلي پارٽ ۽ عدليه جي غير جانبداري ۽ انصاف جي فراهمي تي هڪ ڀيرو ٻيهر سوال اٿاريا آهن

بقايا 35 جاري

جي منظوري کان پوءِ "اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ" تحت سرڪاري اسڪولن کي مجموعي طور 18 ارب 63 ڪروڙ روپيا جاري ڪيا ويا آهن. صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه چيو آهي ته اسڪولن کي فنڊز جاري ٿي چڪا آهن ۽ هن سموري عمل جي نگراني ۾ سول سوسائٽي کي به ساٿ ڏيڻ گهرجي. پنهنجي وڊيو بيان ۾ هن چيو ته "جيستائين اسڪول مالي طور خودمختيار نه ٿيندا، تيستائين انهن جي حالت پنهنجي وس بهتر نه ٿي سگهندي.

بقايا 36 ملڪاڻي

جا نسل سنڌ ۾ آڻڻ سميت آئي وي ايف جي ذريعي مقامي مادي جانورن ۾ نسل جا حمل ڏئي کير ۽ گوشت جي پيداوار وڌائڻ چاهيون ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز جي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي خميس ڏينهن پنهنجي آفيس ۾ ڊيري فارم پرائيويٽ لميٽڊ جي عملدارن سان هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. ان موقعي تي ڊيري فارم جي سي اي او ڊاڪٽر صلاح الدين انجنيئر فيضان راحت (ميمبر سنڌ ڪائونسل پي پي سنڌ)، شعيب منير پراچا (ڊائريڪٽر) ۽ ڊي ايس اسٽاف محمد عمران شرڪت ڪئي.

بقايا 37 سامان رک

هڪ رهائشي عمارت جي هڪ فليٽ ۾ گيزر، نيو ڪراچي نالا اسٽاپ تي ڪاٺ جي گودام ۽ نيو ڪراچي گوڌرا مسلم اسپتال جي ويجهو ڪپڙي جي ڪچري جي گودام ۾ باهه لڳي وئي فائر برگيڊ جي ترجمان موجب صدر لڪي اسٽار جي مدد سان هڪ فليٽ ۾ گيزر ۾ لڳل باهه کي اڌ ڪلاڪ جي جدوجهد کان پوءِ باهه جي نتيجي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو باهه جو سبب گئس ليڪيج ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 38 گرفتار

علائقن ۾ پوليس مبينا مقابلي دوران وڏيون ڪارروايون ڪيون ۽ 3 زخمي ڌاڙيلن سميت 6 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو جڏهن ته هڪ شڪي ماڻهو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ڪارروائين دوران هٿيار چوري ٿيل موبائل فون ۽ موٽرسائيڪلون پڻ هٿ ڪيون ويون سچل پوليس چانديو چوڪ ويجهو مبينا مقابلي دوران پنج رڪني ڌاڙيلن جي ٽولي کي گرفتار ڪيو مقابلي ۾ ٽولي جا ٻه جوابدار زخمي ٿيا

بقايا 39 شڪار

ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ پارليامينٽ جي هڪ ميمبر سميت سمورا 15 ماڻهو فوت ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب ڪولمبيا جي سول ايوي ايشن اٿارٽي جي هڪ عهديدار ٻڌايو ته اهو حادثو گذريل ڏينهن ان وقت پيش آيو جڏهن رياستي ايئرلائين ساٽينا جو جهاز سرحدي شهر ڪوڪوٽا کان روانو ٿيو.

بقايا 40 فوت

جڏهن ته هڪ شخص زخمي ٿي پيو ميڊيا رپورٽن موجب صوبائي پوليس ترجمان ٻڌايو ته گهر جي ڇت ڪرڻ جو واقعو ننگرهار صوبي جي جلال آباد واري علائقي ۾ پيش آيو جڏهن ته فوت ٿيلن ۾ ڇهن مهينن جو ٻار ۽ سندس ماءُ پڻ شامل آهن

بقايا 41 تشدد

نشانو بڻايو جنهن جي ڪري هو شديد زخمي ٿي پيو ڪشميري ميڊيا سروس موجب ڪشميري شال وڪرو ڪري روزي ڪمائڻ واري نوجوان تي غنڊن بنا سبب حملو ڪيو ۽ تشدد جو نشانو بڻايو نوجوان کي سخت زخم رسيا آهن اسپتال ۾ کيس 15 ٽاڪا لڳا آهن بعد ۾ حملو ڪندڙ موقعي تان فرار ٿي ويا.

بقايا 42 ڪاشف سعيد شيخ

حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ الخدمت تحت بنو قابل داخلا ٽيسٽ منعقد ڪندي امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان جي ويزن موجب، ڊي ڪنيڪٽ پروگرام هڪ انقلابي قدم آهي جماعت اسلامي دستياب وسيلن سان پنهنجي حصي جي شمع روشن ڪري رهي آهي اسان سنڌ سميت سڄي ملڪ جي نوجوانن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون جماعت اسلامي سنڌ جي ساٿين کي اڪيلو نه ڇڏينداسين نه رڳو صوبي جي برننگ مسئلن کي ڪلي حڪمرانن آڳيان عوام جو ڪيس وڙهنداسين

گورنمينٽ آف سنڌ

انوائرنمينٽ، ڪلائيميٽ چينج اينڊ ڪوسٽل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ

No. SO(ECD&CDDV-155/23
Dated: 29-01-2026

واڪن جي ڪوٽ (IFB)

(IFB) سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2010 جي تحت)
اينوائرمينٽ، ڪلائيميٽ چينج اينڊ ڪوسٽل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ
گورنمينٽ آف سنڌ

اينوائرمينٽ، ڪلائيميٽ چينج اينڊ ڪوسٽل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ هيٺ ڏنل منصوبي لاءِ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز (ايس پي پي رولز)، 2010 جي مطابق اهل، معزز ۽ تجربيڪار فرمن/ڪمپنين کان مهربند واڪ طلب ڪري ٿو:

1- منصوبي جو نالو:
ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ EPA عمارتن ۽ ماحولياتي ليبارٽرين جي توسيع ۽ مضبوطي.

2-ڪم جو دائرو:
ڪم جي دائري ۾ سنڌ صوبي ۾ مقرر ڪيل هنڌن تي مسلسل ايمبيئنٽ ايئر ڪوالٽي مانيٽرنگ اسٽيشنز (CAAQMS) جي فراهمي، تنصيب، ٽيسٽنگ، ڪميشننگ، آپريشن ۽ سار سنڀال شامل آهن. جنهن ۾ سيٽي اينالائيزر، سينسر، ڊيٽا حاصل ڪرڻ جا نظام، ڪيليبريشن سسٽم، ڪميونيڪيشن انفراسٽرڪچر، سافٽ ويئر ۽ لاڳاپيل خدمتون شامل آهن جيئن واڪ دستاويزن ۾ بيان ڪيل آهن. ان کان علاوه، ڪانو ليبارٽري شيون، سار سنڀال جون خدمتون ۽ فرنيچر ۽ فڪسچر خريد ڪندو. تفصيل واڪ دستاويزن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

3-واڪ جو طريقو:
سنگل اسٽيج-ٻه لفافي جو طريقو (ايس پي پي رولز، 2010 جو ضابطو 46(2)
اينوليپ-I: ٽيڪنيڪل پروپوزل
اينوليپ-II: فنانشل پروپوزل
صرف ٽيڪنيڪل طور تي جوابده واڪ ڏيندڙن جا فنانشل پروپوزل کوليا ويندا.

4- واڪ جمع ڪرائڻ جو طريقو:
واڪ مهربند لفافن ۾ يا ته epads webiste portalsindheprocure.com ذريعي جمع ڪرائڻ گهرجن.

5- واڪ جي قيمت:
واڪ ڏيندڙ صرف پاڪستاني روپين (PKR) ۾ واڪ جي قيمت ڏيندو

6- واڪ سيڪيورٽي
واڪ سيڪيورٽي 4 ملين روپيا پي آرڊر جي صورت ۾: سيڪريٽري، اينوائرنمينٽ، ڪلائيميٽ چينج اينڊ ڪوسٽل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ جي حق ۾.
واڪ سيڪيورٽي واڪ جي ڪارگر مدي کان وڌيڪ 28 ڏينهن تائين ڪارگر رهڻ گهرجي.

7-اهم تاريخون

تفصيل	تاريخ
واڪ دستاويزن جي دستيابي	پهرين فيبروري، 2026
جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ	16 فيبروري، 2026 منجهند 2:30 وڳي
ٽيڪنيڪل واڪ جو کولڻ	16 فيبروري، 2026 منجهند 3:00 وڳي

8- قابليت ۽ اهليت جا معيار:
1. واڪ ڏيندڙ هوا جي معيار جي نگراني جي سامان جي ٺاهيندڙ يا ٺاهيندڙ جو مجاز نمائندو هوندو.
2. ماحولياتي پيرا ميٽرز کي ڊڪينڊ ريئل ٽائيم ايمبيئنٽ ايئر ڪوالٽي مانيٽرنگ سسٽم جي سپلائي، انسٽاليشن، ڪميشننگ، ۽ آپريشن ۽ سار سنڀال ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج (5) سالن جو تجربو
3. واڪ ڏيندڙ پاران تيار ڪيل سڀني شين لاءِ صحيح ٺاهيندڙ اختيار جا ليٽر جمع ڪرائڻ گهرجن.
4. واڪ ڏيندڙ جو گهٽ ۾ گهٽ سراسري ساليانو ٽرن اوور گذريل ٽن (3) مالي سالن دوران 200 ملين روپين جي برابر هوندو، جنهن جي حمايت آڊٽ ٿيل مالي بيانن ۽ بينڪ اسٽيٽمينٽ سان ڪئي ويندي.
5. ساڳئي CAAQMS منصوبن لاءِ سرڪاري يا معزز خانگي تنظيمن کان گهٽ ۾ گهٽ ٻه (2) اطمينان بخش مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽن سان گڏ ڪارڪردگي بيان جمع ڪرائڻ
6. باقاعده پگهار تي قابليت رکندڙ آپريشن ۽ سار سنڀال جي اهلڪارن جي دستيابي، جنهن ۾ شامل آهن: پروجيڪٽ انجنيئر اليڪٽرانڪس / انسٽرومينٽيشن ٽيڪنيشن، ڊيٽا مئنيجمينٽ / آئي ٽي ماهر

اهم هدايتون:
1. واڪ جا دستاويز ٽينڊر نوٽيس ۾ ذڪر ڪيل کاتي جي سرڪاري ويب سائيٽ يا آفيس مان حاصل/ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
2. نامڪمل واڪ يا واڪ سيڪيورٽي کانسواءِ واڪ مڪمل طور تي رد ڪيا ويندا.
3. پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي رولز، 2010 جي قاعدي 25 جي مطابق ڪنهن به يا سڀني واڪن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
4. مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت ڪانپوءِ ڪا به آڇ قبول نه ڪئي ويندي.
5. جيڪڏهن واڪ کولڻ جي تاريخ سرڪاري موڪل تي پوي ٿي، ته واڪ ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي کوليا ويندا.

عام حالتون:
1. پروڪيورنگ ايجنسي واڪ ڏيندڙن پاران واڪ تيار ڪرڻ يا جمع ڪرائڻ ۾ ٿيندڙ ڪنهن به خرچ جو ذميوار نه هوندو.
2. تفصيلي ٽيڪنيڪل وضاحتون ۽ شرطون ۽ ضابطا واڪ دستاويزن ۾ مهيا ڪيا ويا آهن.

(عبدالستار سومرو)
سيڪشن آفيسر (Dev)
فار سيڪريٽري ٽو گورنمينٽ آف سنڌ

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

INF-KRY.NO.0323/2026

پیشکشیں مطلوب ہیں

حوالہ ٹینڈر: FSD/PC 6 Items/2026
بتاریخ: 26-01-2026

مندرجہ ذیل سالانہ خریداری کے لیے "فی مرحلہ دو لفافہ کی بنیاد پر" سربمہر ٹینڈرز طلب کیے جاتے ہیں:

نمبر	اشیاء کی تفصیل	ٹینڈر نمبر	اسٹیشن	افتتاح / اختتام	تفصیلات
1	کٹلری پیک 9x1 ڈسپوزایبل	FSD-26010008	کراچی	16-02-2026 صبح 10:30 بجے (پاکستان اسٹینڈرڈ ٹائم) [اختتامی وقت] صبح 11:00 بجے (پاکستان اسٹینڈرڈ ٹائم) [افتتاحی وقت]	ٹینڈر کے لئے بولی لازمی طور پر پی پی آر اے ای-پیڈز ویب پورٹل کے ذریعے جمع کی جائے اور سر بمہر لفافوں میں بھی جمع کرائی جائے۔
2	ہاتھ کے دستانے	FSD-26010006			
3	میڈیکل باکس	FSD/MB/2026			
4	لیشنگ نیٹ اور پیلیٹس	FSD-008-26			
5	ڈیٹا بیک اپ سافٹ ویئر سروسز	PIAC/PR-25012451/26			
6	واکی ٹاکی	PIAC/PR-25011923/26			
7	ٹیبل کوّر لائینن	FSD-26010013			
8	کافی ساشے	FSD-26010016			
9	کالی چائے 02 گرام کا تھیلا	FSD-26010012			
10	اوون ریک	FSD-26010005			
11	سنیک باکس	FSD-26010007			
12	ہیٹ ایکسچینجر	ENG-Heat-Ex-26			

پاکستان انٹرنیشنل ایئر لائنز (پی آئی اے)، جو کہ قومی فضائی کمپنی ہے، سپلائرز سے مہر بند بولیاں طلب کرتی ہے۔
(سپلائرز کی اہلیت کا ذکر ٹینڈر دستاویزات میں موجود ہے۔)

ہر لاٹ کے لیے بولی کے دستاویزات، جن میں تفصیلی شرائط و ضوابط شامل ہیں، درج ذیل ویب سائٹس سے مفت ڈاؤن لوڈ کیے جا سکتے ہیں۔ پی آئی اے کی ویب سائٹ: https://www.piac.com.pk/corporate/sales-procurement/tender اور PPRA E-PADS کی ویب سائٹ www.eprocure.gov.pk۔ بولی دہندگان کو PPRA E-PADS کے ویب پورٹل پر رجسٹر ہونا ضروری ہے تاکہ وہ ٹینڈر دستاویزات اور متعلقہ معلومات، بشمول الیکٹرانک بولی جمع کروانا، تک رسائی حاصل کر سکیں۔ E-PADS کے ذریعے آن لائن بڈز جمع کرانے سے متعلق کسی بھی معاونت کے لیے، بولی دہندگان جناب طارق غوری سے بذریعہ موبائل: +92334-2888282 اور ای میل: auditcell.scm@piac.aero پر رابطہ کر سکتے ہیں۔

بولیاں صرف PPRA E-PADS کے ای-ویب پورٹل کے ذریعے الیکٹرانک طور پر جمع کروائی جا سکتی ہیں۔ بغیر E-PADS دستی طور پر (مینول) بولی جمع کروانا ممنوع ہے۔ E-PADS پر رجسٹریشن، تربیت یا تکنیکی مسائل کی صورت میں، ممکنہ بولی دہندگان، جناب رضوان محمود، ڈائریکٹر MIS روم نمبر 109، پہلی منزل، ایف بی سی بلڈنگ، سیکٹر G-5/2، اسلام آباد، یا ہیلپ لائن: 051-111-137-237 پر رابطہ کریں۔

بولیاں، ٹینڈر دستاویز میں دی گئی ہدایات کے مطابق تیار کرکے، مذکورہ وقت و تاریخ تک E-PADS ویب پورٹل کے ذریعے جمع کرائی جائیں۔ بولیاں اسی دن صبح 11:00 بجے کے بذریعہ E-PADS کھولی جائیں گی۔ تمام دلچسپی رکھنے والے بولی دہندگان درج ذیل لنک کے ذریعے E-PADS پر خود کو رجسٹر کریں: https://eprocure.gov.pk/#/supplier/registration

نوٹ:
اصلی بڈ سیکیورٹی / زر ضمانت انسٹرومنٹ، ٹیکنیکل پروپوزل کے ساتھ لازماً منسلک ہونا چاہیے، اور اس کا ریفرنس / پے آرڈر کی کاپی بھی، ٹینڈر بند ہونے کی مقررہ تاریخ و وقت سے پہلے E-PADS کے ذریعے آن لائن جمع کرائی ضروری ہے۔

پی آئی اے سپلائی چین مینجمنٹ
پہلی منزل، سپلائی چین مینجمنٹ ڈیپارٹمنٹ بلڈنگ، پی آئی اے سی ایل ہیڈ آفس،
ایئرپورٹ 75200، کراچی، پاکستان
فون: 5674 / 99045379-21-92+
ای میل: dgmpc@piac.aero / spo.fk@piac.aero
پی آئی اے ٹینڈر لنک (ویب) - https://www.piac.com.pk/corporate/sales-procurement/tenders

PID K No.2581/25

PAKISTAN
International Airlines
Great People to Fly With

UAN: 111-786-786

www.piac.com.pk /PakistanIntAirline /official_PIA pakistan-international-airlines @pakistanintairlines

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلهڙيا پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 30 جنوري 2026ع

ڇا وفاقي حڪومت ڪئنالن وارو مامرو ٻيهر اُٿارڻ چاهي ٿي؟

سنڌو درياهه مٿان نون ڪئنالن جي تعمير وارو مامرو هڪ ڀيرو ٻيهر قومي سياست ۽ وفاقي نظام جي بنياد طرف وڌندي ڏسجي رهيو آهي. سنڌ جي عوامي مزاحمت، سياسي دٻاءُ ۽ احتجاجن کان پوءِ جڏهن گڏيل مفادن واري ڪائونسل صوبن وچ ۾ اتفاقِ راءِ کان سواءِ تڪراري 6 ڪئنالن جي تعمير روڪڻ جو فيصلو ڪيو هو تڏهن اهو سمجهيو پئي ويو ته شايد وفاقي حڪومت هن حساس مامري کي ڪجهه وقت لاءِ ٿڌو ڪندي پر هاڻي حڪومت پاران سي سي آءِ جي اجلاس جي روشنيءَ ۾ نئين سر مشاورت لاءِ اهم اجلاس طلب ڪرڻ اهو تاثر ڏئي رهيو آهي ته ڪئنالن وارو مامرو رڳو عارضي طور روڪيو ويو هو ختم نه ٿيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ خدشن، شڪ ۽ بي اعتماديءَ جي فضا ٻيهر جنم وٺي رهي آهي. ڇو ته سنڌو درياهه رڳو پاڻيءَ جو ذريعو ناهي پر سنڌ جي تهذيب، معيشت، زراعت ۽ سڃاڻپ سان جڙيل وجودي مسئلو آهي جڏهن به سنڌوءَ مان وڌيڪ پاڻي کڻڻ، نوان ڪئنال ٺاهڻ يا درياهه جي قدرتي وهڪري سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ جون ڳالهيون ٿين ٿيون ته سنڌ جي ماڻهن ۾ فطري طور خوف پيدا ٿئي ٿو. تاريخ شاهد آهي ته ماضيءَ ۾ به پاڻيءَ جي ورڇ، ڊيمز ۽ ڪئنالن جي نالي تي سنڌ سان ناانصافيون ٿيون آهن، جن جا اثر اڄ تائين زراعت، ڊيلٽا ۽ ماحوليات تي ڏسي سگهجن ٿا. ان پسمنظر ۾ وفاقي حڪومت جو ڪئنالن واري مامري تي ٻيهر سرگرم ٿيڻ سنڌ لاءِ هڪ سنجيده خدشي کان گهٽ ناهي. 28 اپريل 2025 تي ٿيل سي سي آءِ جو اجلاس سنڌ جي سياسي جدوجهد ۽ عوامي احتجاج جو نتيجو هو جنهن ۾ حڪومتي اتحادي پارٽي پ پ به کليل لفظن ۾ نون ڪئنالن جي مخالفت ڪئي هئي. ان اجلاس ۾ اهو واضح فيصلو ٿيو هو ته صوبن جي گڏيل رضامنديءَ کان سواءِ ڪو به نئون ڪئنال نه ٺاهيو ويندو ۽ تعمير کي اتفاقِ راءِ قائم ٿيڻ تائين روڪيو ويندو. هي فيصلو نه رڳو آئين جي روح مطابق هو پر وفاقي نظام ۾ صوبن جي حقن جي احترام جي علامت به سمجهيو ويو. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن اهو فيصلو موجود آهي ته پوءِ نئين سر مشاورت جي ضرورت ڇو پيش اچي رهي آهي؟ ڇا سرڪار ڪنهن نه ڪنهن رستي سان ان فيصلي کي نرم ڪرڻ يا ان مان نڪرڻ جو رستو ڳولي رهي آهي؟

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ طلب ڪيل اجلاس، جنهن ۾ نائب وزيراعظم، قانون وارو وزير، پاڻي وسيلن وارو وزير، رٿابندي ۽ اقتصادي معاملن جا وزير ۽ اٽارني جنرل شامل آهن، اهو ظاهر ڪري ٿو ته حڪومت هن مامري کي رڳو فني يا انتظامي نه پر قانوني ۽ معاشي زاويي کان به اڳتي وڌڻ چاهي ٿي. اها به حقيقت آهي ته پاڻيءَ جا مامرا رڳو انجنيئرنگ يا منصوبابندي جا مسئلا ناهن پر سياسي اعتماد، بين الصوبائي هم آهنگي ۽ وفاقي وحدت سان سڌيءَ ريت ڳنڍيل آهن. جيڪڏهن انهن کي بند ڪمرن ۾، عوامي اعتماد کان سواءِ اڳتي وڌايو ويو ته نتيجا ڏکيا ٿي سگهن ٿا. سنڌ اڳ ئي پاڻي کوٽ، سمنڊ جي پاڻڻ، زمينن جي تباهي ۽ زرعي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ سنڌوءَ مان وڌيڪ ڪئنال ڪڍڻ جا منصوبا، ڀلي اهي ڪنهن به نالي سان هجن، سنڌ جي وجود لاءِ خطري کان گهٽ ناهن. سي سي آءِ جو فيصلو ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ هو ته پاڻيءَ جا فيصلا زبردستي يا اڪثريت جي زور تي نٿا ڪري سگهجن. جيڪڏهن وفاق واقعي وفاقي وحدت کي مضبوط ڪرڻ چاهي ٿو ته پوءِ ان فيصلي تي لفظي نه پر عملي طور عمل ڪرڻو پوندو. هي به ياد رکڻ گهرجي ته ڪئنالن جو مامرو صوبن وچ ۾ اعتماد جي آزمائش آهي. جيڪڏهن هڪ صوبو اهو سمجهي ته سندس وسيلن تي بغير رضامنديءَ هٿ وڌو پيو وڃي ته پوءِ وفاقي ڍانچو ڪمزور ٿيندو. سنڌ ۾ ٿيندڙ احتجاجن اهو پيغام ڏنو آهي ته هاڻي عوام پاڻيءَ جي مامري تي خاموش رهڻ لاءِ تيار ناهي. اها شعوري بيداري ڪنهن به حڪومت لاءِ نظرانداز ڪرڻ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي. وفاقي حڪومت لاءِ هاڻي بهترين رستو اهو ئي آهي ته سي سي آءِ جي فيصلي کي آخري ۽ حتمي سمجهي، صوبن سان کليل، شفاف ۽ ايماندار ڳالهه ٻولهه ڪري. مشاورت جيڪڏهن صرف رسمي هجي ۽ نتيجو اڳ ئي طئي ٿيل هجي ته اها مشاورت نه پر سياسي چالاڪي ليکبي. سنڌ کي اعتماد ۾ وٺڻ، ان جي خدشن جو جواب ڏيڻ ۽ پاڻيءَ جي ورڇ بابت آئين ۽ 1991 واري واٽر اڪارڊ تي مڪمل عمل ڪرڻ کان سواءِ ڪو به قدم وفاقي استحڪام لاءِ فائديمند نه هوندو.

ڪاروباري خرچ؟

ڪاشف اشفاق

پاڪستان ۾ هن وقت انڊسٽري ۽ ڪاروباري طبقي کي سڀ کان وڏو مسئلو بجلي جي قيمتن ۾ اضافي جي سبب پيداواري لاڳت وڌڻ جو آهي. هڪ طرف مقامي سطح تي ماڻهن جي خريداري جي طاقت گهٽجي وئي آهي، جنهن سبب پيداوار جو عمل سست ٿي رهيو آهي ۽ ٻئي طرف عالمي مارڪيٽن ۾ پاڪستاني شيون ٻين علائقائي ملڪن سان مقابلي ۾ پوئتي ٿي رهيون آهن. هن صورتحال ۾ ننڍا ۽ وچولا ڪاروباري ادارا سڀ کان وڌيڪ دٻاءُ ۾ آهن، ڇو ته وڏا ڪاروباري ادارا ڪنهن نه ڪنهن طرح سولر انرجي ڏانهن منتقل ٿي ويا آهن. پر ننڍا ۽ وچولا ڪاروباري ادارا، هٿ جا ڪارخانا (Cottage Industry)، ڪمرشل ۽ گهريلو صارف اڃا به مشڪل ۾ آهن ان کان علاوه، نيشنل گرڊ کان سولر انرجي ڏانهن منتقل ٿيندڙ صارفين جي ڪري پيدا ٿيل اضافي مالي بار به موجوده صارفين تي لاڳو ڪيو پيو وڃي. انهيءَ سبب، نيشنل گرڊ ڇڏڻ جي رجحان ۾ وڌيڪ تيزي اچڻ جو خدشو آهي. ان سلسلي ۾ نيٽ ميٽرنگ پاليسي ۾ تازيون تبديليون هڪ ٻيو پريشان ڪندڙ قدم آهي، ڇو ته سولر انرجي ڏانهن منتقل ٿيندڙ صارفين پاران نيشنل گرڊ ۾ فراهم ڪيل اضافي بجلي جي معاوضي جي شرح ۾ گهٽتائي تي ماهر اڳ ۾ ئي خدشا ظاهر ڪري چڪا هئا. تنهن هوندي به، تازي متعارف ڪرايل پاليسي تحت 2015ع جي نيٽ ميٽرنگ رولز کي تبديل ڪري گراس ميٽرنگ جو نظام متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن جو مقصد اِهو آهي ته صارف صرف پنهنجي منظور ٿيل بجلي جي لوڊ جي حد اندر سولر پينل لڳائي سگهن. ان جو نتيجو اهو ٿيندو ته صنعت، ڪمرشل ۽ گهريلو صارفين جيڪي سولر انرجي اختيار ڪري نيٽ ميٽرنگ مان فائدو وٺي رهيا هئا، انهن کي هاڻ اهي فائدا نه ملندا. جيتوڻيڪ هن پاليسي جو بنيادي مقصد صارفين کي ٻيهر نيشنل گرڊ ڏانهن آڻڻ آهي، پر خدشو اهو آهي ته هن پاليسي سبب گهڻا صارف مڪمل طور آف گرڊ ٿيڻ جو رجحان اختيار ڪري سگهن ٿا، يعني اهي نيشنل گرڊ تي پاڙڻ بند ڪري مڪمل طور تي سولر انرجي تي مدار رکڻ شروع ڪري سگهن ٿا. هن صورتحال ۾، بجلي پيدا ڪرڻ ۽ تقسيم ڪرڻ وارن ڪمپنين کي بچائڻ، ڪاروباري خرچ گهٽائڻ ۽ ڊگهي مدي وارن بنيادن تي سيڙپڪاري کي وڌائڻ لاءِ توانائي واري شعبي جي بنيادي ڍانچي ۾ سڌارا ڪرڻ ضروري آهن ان سلسلي ۾، پائيدار اصلاحاتي عمل جي شروعات بجلي جي شعبي ۾ بهتر حڪمراني ۽ مالي نظم و ضبط سان ڪري سگهجي ٿي. ماضي ۾ ڪجهه سياسي بنيادن تي ڪيل فيصلا ملڪ ۾ بجلي جي اضافي پيداوار جي ذريعي صارفين تي 'ڪيپيسٽي پيمينٽس' جي اضافي مالي بار وجهي چڪا هئا. پر جيڪڏهن ان وقت سولر انرجي جي استعمال کي فروغ ڏنو ويو هجي ها ته اڄ پاڪستان جي توانائي واري شعبي جي صورتحال بلڪل مختلف ۽ بهتر هجي ها.

خوش آئند ڳالهه اِها آهي ته موجوده حڪومت مهانگي بجلي پيدا ڪندڙ نجي بجلي گهرن سان ڪيل معاهدن کي ختم ڪري رهي آهي، جنهن سان ايندڙ هڪ کان ٻه سال اندر بجلي جي صارفين تي موجود اضافي مالي بار مڪمل طور تي ختم ٿيڻ جي اميد آهي. ان سان گڏ، بجلي جي تقسيم ڪندڙ ڪمپنين جي لائن لاسز گهٽائڻ بجلي چوري روڪڻ ۽ سپلائي چين ۾ وقت تي ادائيگين کي يقيني بڻائڻ به ضروري آهي، جيئن مجموعي طور تي بجلي جي قيمت گهٽجي وڃي. اهو نه صرف صنعتي شعبن کي پيداوار جي خرچ ۾ واڌ جا چئلينج گهٽائڻ ۾ مدد ڏيندو، پر عام صارفين کي نيشنل گرڊ ڇڏڻ ۽ سولر انرجي ڏانهن منتقل ٿيڻ جي رجحان کي به گهٽائڻ ۾ مدد ملندي. ان کان علاوه، بجلي جي اصل پيداوار جي قيمت جي بنياد تي شفاف ٽيرف (مقرر ڪيل قيمتن) جو نظام ٺهڻ ضروري آهي، جيئن پاڪستان جي صنعتن کي علائقي جي ٻين ملڪن جي برابر قيمتن تي بجلي پهچائي سگهجي. اهو نه صرف پاڪستان ۾ صنعتن جي پيداوار کي وڌائڻ ۾ مدد ڏيندو پر عالمي مارڪيٽن ۾ پاڪستاني برآمد ڪندڙن جي مقابلي جي صلاحيت کي به بهتر بڻائي، برآمدات ۾ اضافو ممڪن بڻائيندو ساڳئي وقت، اهو عمل سيڙپڪارن جو اعتماد وڌائڻ ۽ پيداوار وارن شعبن کي بجلي جي قيمت ۾ اچانڪ واڌ کان تحفظ ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. ارباب اقتدار کي اهو سمجهڻ گهرجي ته توانائي جي انفراسٽرڪچر کي بهتر ڪرڻ لاءِ، ترسيل ۽ تقسيم جي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ اسمارٽ گرڊز ۾ سيڙپڪاري ضروري آهي. ان کان علاوه، توانائي ذخيره ڪرڻ جي صلاحيت وڌائڻ سان سپلائي مستحڪم ٿي سگهندي ۽ ٽيڪنيڪي نقصانات گهٽجي سگهندا. انهن قدمن جي ذريعي مينوفيڪچرنگ، ڪاٽن ڪوٽڻ ۽ برآمدات سان لاڳاپيل صنعتن لاءِ سستي بجلي فراهم ڪرڻ ممڪن ٿي سگهندي، جنهن سان نه صرف ملڪ ۾ صنعتڪاري (انڊسٽريلائيزيشن) کي فروغ ملندو، پر روزگار جي موقعن ۾ اضافي سان عام ماڻهن جي زندگي ۾ به بهتري ايندي. پر اهو سڀ ڪجهه جامع اصلاحات جي نفاذ ۽ بنيادي ڍانچي کي اپ گريڊ ڪرڻ کانسواءِ ممڪن ناهي. ان کانسواءِ ڪاروباري خرچ گهٽائڻ، صنعتي پيداوار وڌائڻ ۽ ڊگهي مدي جي سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ ناممڪن هوندو. ان کان علاوه، پاڪستان کي موسمي تبديلي جي چئلينجن سان

جسٽس سيد ديدار حسين شاهه جي ورسيءَ جي مناسبت سان..

’مِٽي اِنَ خَميرَ، اَصلِ هُئِي ايتَرِي‘

سالڪ مجيد

مون کي پنهنجي 37 سالن جي صحافتي ڪيريئر دوران راندين کان وٺي شوبز تائين ۽ عدالت کان وٺي سياست تائين ڪيترن ئي نمايان شخصيتن سان ملاقات ۽ انهن جي شخصيت کي پرکڻ جو موقعو مليو. خوشگوار ۽ تلخ يادن سان گڏ هيءُ سفر جاري رهيو جڏهن پوئتي وڃي ڏسان ٿو ته ڪيترائي روشن چهرا ۽ انهن جا فخر جوڳا ڪم ياد اچن ٿا. انهن مان اڄ هڪ شخصيت جو خصوصي طور تي ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن جي ورسي 30 جنوريءَ تي آهي ۽ جيڪي مون سميت ڪيترن ئي ماڻهن جي يادن ۾ هڪ ڀرپور زندگي گذارڻ واري شخصيت جي حيثيت سان موجود آهن. ها، مان ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو جسٽس ديدار حسين شاهه جو، جن جي شاندار زندگي ڪنهن هڪ شعبي ۾ ڪاميابين تائين محدود نه هئي پر شايد سندن بزرگن جي خصوصي دعائن جي ڪرم يا انهن جي وسيع ذهانت، قابليت ۽ محنت سبب، اهي جنهن به شعبي ۾ قدم رکندا ويا، ڪاميابي انهن جا قدم چمندي هئي. سندن خلوص، شائستگي ۽ گفتگوءَ جي مٺاس سندن اعليٰ تعليم ۽ تربيت جو عڪس هئي. ماڻهن سان انهن جو حُسنِ سلوڪ ۽ ورتاءُ سندن مضبوط ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن واري خانداني پسمنظر جي شاهدي ڏيندو هو. کين قدرت اهو اعزاز ڏنو هو ته ننڍا هجن يا وڏا، سڀ ماڻهو کانئس پنهنجي زندگيءَ جي معاملن ۾ رهنمائي حاصل ڪندا هئا ۽ انهن سان مشاورت کي اهميت ڏيندا هئا. ان جو سبب اِهو هو ته اهي مڪمل سنجيدگي، ڌيان ۽ ديانت سان مشورو ڏيندا هئا ۽ سندن ڳالهيون هميشه دليل تي ٻڌل هونديون هيون.

هيءَ دليل ۽ منطق ئي هو جنهن انهن کي قانون، انصاف، سياست، عوامي خدمت ۽ سماجي ڀلائيءَ جي هر ميدان ۾ ڪامياب رکيو. اهي ڪيترن ئي حوالن سان خداداد صلاحيتن وارا هئا. نازڪ ۽ حساس معاملن جي گهرائپ، ڏوررس نتيجن ۽ ممڪن منفي اثرن کي جلدي سمجهي ويندا هئا ۽ انهن جو اندازو هميشه حقيقتن جي قريب هوندو هو. اهڙن هڪ نه پر ڪيترن مثالن جو ذڪر سندس ساٿي، ايستائين جو سندس سياسي مخالف به ڪندا آهن. زندگيءَ ۾ وفاداري انهن لاءِ انتهائي اهم هئي، پنهنجي نظريي ۽ مقصد سان ثابت قدمي ڏيکاريندڙن جا قدر ڪندا هئا. حياتيءَ ۾ انهن ڪيترائي لاها چاڙها ڏٺا، طاقت جي حاصل ٿيڻ ۽ وڃڻ، خوشين جي موسم ۽ غم کي مُنهن ڏيڻ پنهنجي ڊگهي ڪيريئر دوران انهن سڀني رنگن ۽ موسمن جو مشاهدو ڪيو ۽ جيڪو سبق حاصل ڪيو، اهو پنهنجي يادن ۽ ڪتابن ذريعي ايندڙ نسلن تائين پهچايو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل سندس ڪتاب پڙهڻ سان پڙهندڙ هڪ الڳ دنيا ۾ محو ٿي ويندو آهي، پاڻ کي انهيءَ ماحول جو رهواسي محسوس ڪندو آهي ۽ سندن خوشين ۽ ڪاميابين ۾ پاڻ کي شامل سمجهي ٿو. اهو هڪ وڏو زبردست احساس آهي، جيڪو سندن تحرير جي خوبيءَ کي اجاگر ڪري ٿو. پاڻ پنهنجي بزرگن ۽ پنهنجي مٽيءَ سان محبت ۽ وابستگيءَ کي مڪمل طور نڀايو. سندن ڪم صرف ڪم نه هئا پر اهڙيون خدمتون هيون، جن جي ذريعي هن علائقي ۽ خاندان سان جُڙيل سڀني ماڻهن جا سر فخر سان بلند رهندا.

هڪ نظر سندن شاندار ڪيريئر تي:

جسٽس مرحوم سيد ديدار حسين شاهه هڪ ممتاز قانوندان، پارليماني ميمبر ۽ سرڪاري ملازم هئا، جن جو ڪيريئر پاڪستان جي عدليه، پارليامينٽ ۽ احتسابي ادارن تي مشتمل رهيو. انهن عدالتي انصاف، قانون جي حڪمراني ۽ آئيني نظام کي برقرار رکڻ ۾ ناقابلِ فراموش خدمتون سرانجام ڏنيون، خاص طور تي سنڌ ۽ قومي سطح تي. انهن جي ديانت، راءِ جي آزادي ۽ عوامي مفاد لاءِ جذبو انهن جي پيشاورانه زندگيءَ جي شاندار خصوصيت رهيو.

عدالتي ڪيريئر ۽ خدمتون

جسٽس سيد ديدار حسين شاهه 1994ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جا جج مقرر ٿيا ۽ 2000ع تائين ان عهدي تي نمايان طور فائز رهيا. پنهنجي عهدي دوران انهن قانوني فهم، متوازن فيصلن ۽ انصاف لاءِ پُختي عزم جي بدولت وسيع احترام حاصل ڪيو. انهن آئيني، سول، فوجداري ۽ واپاري معاملن جي هڪ وسيع دائري کي سنڀاليندي صوبي ۾ قانوني نظريي جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندن تجربو، قابليت ۽ عدالتي مزاج جي اعتراف ۾ کين فيبروري 2000ع کان مئي 2000ع تائين سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر ڪيو ويو. جيتوڻيڪ اهو عهدو مختصر هو پر وقار، انتظامي نظم، عدالتي آزادي ۽ ڪارڪردگيءَ تي زور ڏيڻ جي ڪري نمايان رهيو. بعد ۾ جسٽس ديدار حسين شاهه کي پاڪستان جي سپريم ڪورٽ ۾ ترقي ڏني وئي، جتي هُن چئن سالن تائين اعليٰ ترين عدالت جي جج جي حيثيت سان ملڪ جي ڀرپور خدمت ڪئي. سپريم ڪورٽ ۾ انهن قومي اهميت وارن آئيني ۽ قانوني سوالن جي فيصلن ۾ حصو ورتو. انهن جا فيصلا آئيني اصولن جو گهرو احترام، بنيادي حقن جي تحفظ ۽ قانون جي حڪمرانيءَ سان وابستگي ڏيکاريندا هئا. ملڪ جي اعليٰ عدالتي فورم تي انهن جي شراڪت عدليه ۾ عوامي اعتماد کي وڌيڪ مضبوط ڪيو.

احتساب ۽ عوامي سالميت ۾ ڪردار

عدالتي ڪيريئر کان پوءِ جسٽس مرحوم سيد ديدار حسين شاهه هڪ اهم قومي اداري ۾ خدمت جاري رکي. کين آڪٽوبر 2010ع کان مارچ 2011ع تائين نيشنل اڪائونٽيبلٽي بيورو (نيب) جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو، جڏهن احتسابي ادارن تي عوامي تنقيد جو دٻاءُ هو. هُن جي مقرر ٿيڻ تي ساک، شفافيت ۽ ادارتي سالميت جي طرف هڪ قدم سمجهيو ويو. نيب جي چيئرمين جي حيثيت سان، انهن احتسابي عمل ۾ عدالتي سختي، غيرجانبداري ۽ آزاديءَ کي يقيني بڻايو. سندن قيادت قانوني طريقيڪار، انصاف ۽ قانون جي پابنديءَ تي زور ڏنو ۽ اهو اصول مضبوط ڪيو ته احتساب سياسي اثرن کان پاڪ، آئيني ۽ قانوني دائري ۾ هجڻ گهرجي.

پارليماني ۽ جمهوري خدمتون

عدالتي ۽ ادارياتي ڪردار کان علاوه جسٽس سيد ديدار حسين شاهه هڪ چونڊيل نمائندي جي حيثيت سان پاڪستان جي جمهوري عمل ۾ پڻ حصو ورتو. پاڻ 1988ع ۽ 1990ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر (ايم پي اي) رهيو. پاڻ سنڌ اسيمبليءَ ۾ قانونسازي ۽ عوامي معاملن ۾ تعميري ڪردار ادا ڪيو. پارليماني ڪارروائين ۾ قانوني بصيرت ۽ آئيني فهم شامل ڪيو. هڪ قانونساز ۽ جج ٻنهي حيثيتن سان انهن جو تجربو کين حڪمراني، قانونسازي ۽ قانون جي عملدرآمد بابت منفرد نظر ڏني، جنهن بعد ۾ انهن جي عدالتي ۽ عوامي خدمتن کي مالا مال ڪيو.

ديانت، آزادي ۽ پيشاورانه ساک

سڄي ڪيريئر دوران جسٽس مرحوم سيد ديدار حسين شاهه پنهنجي ذهني ديانت، فڪري آزادي ۽ اخلاقي استقامت سبب مشهور رهيو. ٻاهرين دٻاءُ کان آزاد رهي، فيصلن ۾ انصاف ۽ حوصلي سان سندن ساک قائم رهي. ساٿين، بار جي ميمبرن ۽ سرڪاري عهديدارن مسلسل سندن پيشاورانه اخلاقيات کي ساراهيو. پاڻ اهڙي جج ۽ سرڪاري ملازم جو مثالي نمونو هئا، جن آئين، قانون ۽ عوامي مفادن کي سڀني ذاتي يا سياسي مصلحتن کان مٿانهون رکيو. عدالت اندر ۽ ٻاهر انهن جو رويو سادگي، انڪساري ۽ فرض شناسيءَ جي عڪاسي ڪندو هو.

ورثو ۽ قومي اثر

جسٽس سيد ديدار حسين شاهه جو ورثو پاڪستان ۾ انهن جي ڪثير الجهتي خدمتن ۾ شامل آهي- بطور هاءِ ڪورٽ جج، چيف جسٽس، سپريم ڪورٽ جي جج، هڪ اهم احتسابي اداري جو چيئرمين ۽ هڪ چونڊيل پارليماني ميمبر سندن خدمتن عدالتي ادارن کي مضبوط ڪيو، آئيني نظام کي فروغ ڏنو ۽ قانون جي حڪمرانيءَ ۾ عوامي اعتماد کي مستحڪم ڪيو. سنڌ سان تعلق رکندي، انهن پنهنجي قومي سطح جي خدمتن ۽ انصاف جي عزم ذريعي سنڌ جو نالو روشن ڪيو. سندن ڪيريئر ججن، وڪيلن ۽ سرڪاري ملازمن جي ايندڙ نسلن لاءِ مشعلِ راهه آهي.

جسٽس سيد ديدار حسين شاهه- مختصر تعارف

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو اڳوڻو چيف جسٽس سيد ديدار حسين شاهه 11 ڊسمبر 1939ع تي ڳوٺ غلام حيدر قادري، تعلقي رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول رتيديري مان پاس ڪيائين. بي اي جو امتحان سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان 1962ع ۾ ۽ ايل ايل بي جو امتحان سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان 1964ع ۾ پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات 1957ع ۾ رتيديري ميونسپالٽيءَ ۾ آڪٽراءِ انسپيڪٽر طور ڪيائين. 1960ع کان 1965ع تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول رتيديري ۾ هڪ استاد طور خدمتون سرانجام ڏنائين 1965ع ۾ سرڪاري نوڪري ڇڏي وڪالت شروع ڪيائين. جسٽس سيد ديدار حسين شاهه کي 1994ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ڪيو ويو، جتي هن 2000ع تائين نهايت وقار ۽ امتياز سان خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس سينيئارٽي، قابليت ۽ عدالتي مزاج کي نظر ۾ رکندي، فيبروري 2000ع ۾ کيس سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر ڪيو ويو. کيس آڪٽوبر 2010ع کان مارچ 2011ع تائين نيشنل اڪائونٽيبلٽي بيورو (نيب) جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. نيب جي چيئرمين طور هن عدالتي سنجيدگي، غيرجانبداري ۽ آزاديءَ کي فروغ ڏنو. سندس قيادت هيٺ احتساب جو عمل قانون، آئين ۽ واجب ڪارروائي جي اصولن مطابق هلايو ويو، جنهن سان اهو واضح پيغام مليو ته احتساب سياسي اثر کان پاڪ ۽ قانون جي دائري ۾ هجڻ گهرجي.

هو 1988ع ۽ ٻيهر 1990ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو چونڊيل ميمبر رهيو. پنهنجي اسيمبلي مدي دوران هن قانون سازي، بحث مباحثن ۽ عوامي معاملن ۾ سرگرم ۽ تعميري ڪردار ادا ڪيو، جتي هن پنهنجي قانوني ۽ آئيني ڄاڻ کي ڀرپور نموني استعمال ڪيو. هو هڪ اهڙو مثالي جج ۽ عوامي خادم هو جنهن هميشه آئين، قانون ۽ قومي مفاد کي ذاتي يا سياسي مفادن تي ترجيح ڏني. سندس شخصيت سادگي، انڪساري ۽ فرض شناسيءَ جو بهترين مثال هئي. ايم آر ڊي تحريڪ دوران ٽي مهينا سکر جيل ۾ نظربند رهيو. سندس آتم ڪٿا جا ٻه جلد "گوندر ويا گذري" ۽ "سکن لڏي سار" جي نالي سان ڇپيل آهن. جسٽس ديدار حسين شاهه 30 جنوري 2019ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. کيس رتيديري ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

سنڌي ٻوليءَ جو درد ۽ ان جو جياپو!

غلام فاروق

سنڌ جي سرزمين جيڪا دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ آهي، ان جي دل ۾ هڪ مٺڙي ٻولي رهي ٿي، جنهن کي دنيا سنڌي چئي ٿي. اها ٻولي نه رڳو سنڌين جي سڃاڻپ آهي پر ان ۾ هزارين سالن جي تاريخ، ثقافت ۽ جذبو لِڪل آهي سنڌي ٻولي سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب کان وٺي موجود آهي ۽ ان ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ، سچل سرمست ۽ ٻين عظيم شاعرن جي ڪلام ذريعي سنڌ جي روح کي زندگي مليل آهي پر افسوس آهي ته اڄڪلهه اسان جي نوجوان نسل ان ٻوليءَ کي وساري رهي آهي وڏي تڪليف سان اهو لکڻو ٿو پوي ته نوجوان نسل پنهنجي مٺڙي ماءُ جي سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي اکر يا جملا هاڻي ٻين ٻولين ۾ استعمال ڪري رهيو آهي نوجوان نج سنڌي ته پري جي ڳالهه آهي پر عام سنڌي ٻوليءَ جا اکر به ادا ڪرڻ کان عاجز ٿي رهيا آهن جيڪا صورتحال نه رڳو دل کي ڏکوئيندڙ آهي پر اسان جي ثقافتي ورثي لاءِ هڪ وڏو خطرو پڻ آهي جيڪڏهن اهو ئين جاري رهيو ته اسان جي ايندڙ نسل کي سنڌي ٻوليءَ جي اصل خوبصورتي کان محروم ٿيڻو پوندو ۽ اسان جي قومي سڃاڻپ جو هڪ اهم ٿنڀ ختم ٿي ويندو اڄ جي گلوبل دنيا ۾ جتي ثقافتون هڪ ٻئي سان مليل جليل آهن اتي سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو زوال اسان جي تاريخي ورثي کي خطري ۾ وجهي رهيو آهي ۽ اسان کي بيدار ٿيڻ جي ضرورت محسوس ڪرائي رهيو آهي.

اسان جي سماج ۾ اهڙيون تبديليون اينديون پيون وڃن جو ٻارن کان وٺي وڏن ماڻهن تائين سنڌي ٻوليءَ جو استعمال گهٽجي رهيو آهي مون اهو مشاهدو ڪيو آهي ته اسان جا ٻار هاڻي ڪيترن ئي سنڌي اکرن ۽ جملن کي غيرسنڌي ٻولين سان بيان ڪندا آهن جيڪا هڪ ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال آهي. مثال طور اسڪولن ۾ انگريزي يا اردو ۾ پڙهائي ٿيندي آهي، جنهن سبب ٻارن کي سنڌيءَ ۾ سوچڻ ۽ ڳالهائڻ جو موقعو ئي نٿو ملي گهرن ۾ ٽي وي ۽ موبائيل فون تي غير ملڪي مواد جو اثر وڌي رهيو آهي. جنهن ۾ انگريزيءَ ۽ اردوءَ جو مواد گهڻو غالب آهي ۽ نتيجي ۾ اسان جا ٻار پنهنجي ٻوليءَ کان پري ٿي رهيا آهن. شهري علائقن ۾ ته اهو مسئلو وڌيڪ گنڀير آهي جتي ٻار اردو يا انگريزيءَ ۾ سوچڻ شروع ڪندا آهن اها صورتحال صرف ٻوليءَ جو مسئلو ناهي رهي پر اسان جي قومي سڃاڻپ لاءِ سواليه نشان آهي جيڪڏهن اڄ به اسان ان کي نظرانداز ڪيو ته ايندڙ نسل کي سنڌي ٻولي موجوده صورت ۾ شايد نه ملي ۽ اسان جي ثقافت، لوڪ ڪهاڻيون، گيت ۽ شاعري وغيره انهن کان وسري ويندو.

سنڌي قديم ۽ تاريخي ٻولي آهي هزارين سال پراڻي هن ٻوليءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙا شاعر پيدا ٿيا، جن پنهنجي بيتن ۾ سنڌ کي زنده رکيو شاهه جي رسالي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بهترين مثال ملي ٿو جيڪو دنيا جي ادب ۾ منفرد حيثيت رکي ٿو ڇو ته سنڌيءَ ۾ اهڙيون خوبيون آهن جيڪي دنيا جي ٻين ٻولين ۾ تمام گهٽ ملن ٿيون سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي نظروجهندڙاسين ته خبر پوندي ته سنڌي سنڌو ماٿريءَ جي قديم تهذيب کان وٺي اڄ ڏينهن تائين موجود آهي موئن جو دڙو جهڙن قديم ماڳن جي لکت ۾ به ان جا نشان ملن ٿا ته محقق ان کي انهيءَ تهذيب جي ٻولي قرار ڏين ٿا عربن، مغلن ۽ انگريزن جي دور ۾ به سنڌي ٻولي زنده رهي ۽ مختلف تهذيبن جي اثر هوندي به پنهنجي اصليت برقرار رکي پر اڄڪلهه جي جديد دور ۾ ٻين ٻولين جي ڪري سنڌيءَ کي وڏو خطرو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا ڪُل 52 اکر آهن جيڪي ان کي دنيا جي هڪ مڪمل ترين ٻولين مان هڪ بڻائين ٿا. اهي اکر نه رڳو آوازن کي ادا ڪن ٿا پر هر هڪ جي پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي اهميت آهي مثال طور سنڌيءَ ۾ "ڄ"، "ڳ"، "ٽ" جهڙا اکر آهن جيڪي ٻين ٻولين ۾ نٿا ملن ۽ اهي سنڌي آوازن جي خاصيت کي ظاهر ڪن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري (Sindhi Language Authority) جو ڪم ساراهه جوڳو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو قيام 1990ع ۾ ٿيو، جنهن جو مقصد سنڌي ٻوليءَ کي تحفظ ڏيڻ، ان جي واڌاري ۽ معياري استعمال کي هٿي آهي. اداري پاران ڪيترائي ڪتاب، لغتون ۽ تحقيقي مواد شايع ڪيا ويا آهن جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي تفصيلي ڪم، نون لفظن جو واڌارو، قديم لکت جو تحفظ ۽ ٻوليءَ جي معياري شڪل کي هٿي ڏيڻ شامل آهي. اداري جي مهربانيءَ سان سنڌي ٻولي 2003ع ۾ يونيڪوڊ ۾ شامل ٿي، جنهن سان ڊجيٽل دنيا ۾ ان جو استعمال آسان ٿيو ۽ هاڻي ڪمپيوٽر موبائيل ۽ انٽرنيٽ تي سنڌي لکڻ ممڪن ٿيو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ هن اداري مختلف ورڪشاپ، "شاهه لطيف فيسٽيول" ۽ "سنڌي ٻولي قومي ٻولي" جهڙيون آگاهي مهم هلائيون آهن. پر اڃا به گهڻو ڪم ڪرڻو آهي، خاص ڪري نوجوانن کي ان سان جوڙڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجيءَ کي استعمال ڪري ٻوليءَ کي وڌيڪ پکيڙي سگهجي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ اسان سڀني کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جيئن گهرن ۾ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايون، انهن کي پراڻيون ۽ لوڪ سنڌي ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ سنڌي گيت، خاص طور تي سهرا لکيون يا ٻين لفظن ۾ ته شاعري ڪيون اسڪولن ۾ سنڌي ادب کي شامل ڪريون ۽ سنڌي ٻوليءَ کي لازمي مضمون بڻايون سماجي سطح تي پروگرام منعقد ڪريون ادبي ميلن مشاعرن ۽ ورڪشاپن ذريعي وڃايل لفظن کي ٻيهر زندگي ڏيون اڄ هر سنڌيءَ ماڻهوءَ تي اهو فرض بڻجي ٿو ته هُو پنهنجي ٻوليءَ کي بچائي ۽ ان کي ايندڙ نسل تائين پهچائي اهڙيون ننڍيون ننڍيون ڪوششون وڏو انقلاب آڻي سگهن ٿيون.

هڙادو ذهانت (آرٽيفيشل انٽيليجنس) ۽ يوٽيوب آٽوميشن وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي عام استعمال ڪرڻ جا بي مثال طريقا موجود آهن يوٽيوب، جيڪو اڄڪلهه دنيا جو سڀ کان وڏو وڊيو پليٽ فارم آهي جنهن جي رسائي سڄي دنيا جي هر هڪ ماڻهوءَ تائين آهي جنهن ۾ مختلف ملڪن نسل ۽ ٻولين جا ماڻهو شامل آهن سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ احياءَ لاءِ يوٽيوب آٽوميشن جهڙوڪ AI سان ٺهيل وڊيون، ٽيڪسٽ ٽو اسپيچ، آٽو جنريٽيڊ سب ٽائيٽلز ۽ شيڊولڊ اپلوڊز هڪ جديد ۽ موثر طريقو آهي ان طريقي سان اسان سنڌي ٻوليءَ ۾ لوڪ ڪهاڻيون، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا بيت، سنڌي شاعري، ثقافتي ورثو لوڪ گيت، تاريخي واقعا، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جا سبق ۽ ٻيو دلچسپ مواد آسانيءَ سان دنيا تائين پهچائي سگهون ٿا. آٽوميشن جي مدد سان روزانو يا هفتيوار وڊيوز اپلوڊ ڪرڻ ممڪن ٿئي ٿو جنهن سان چينل جي واڌارو پڻ تيز ٿئي ٿو خاص ڪري نوجوان نسل جيڪي يوٽيوب تي گهڻو وقت گذاريندا آهن انهن کي سنڌي ٻوليءَ سان جوڙڻ جو بهترين موقعو آهي هن عمل سان نه رڳو سنڌي ٻوليءَ جو استعمال وڌندو پر غير سنڌين کي به سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ جو تعارف حاصل ٿيندو جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي علمي سطح تي سڃاڻپ ۽ ساک مضبوط ٿيندي.

ان سلسلي ۾ آئون (ليکڪ) سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي نئين چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر شير مهرانيءَ کي پنهنجي مهارتن جي پيشڪش ڪندس ته هن عمل سان اسان ڪاميابي حاصل ڪري سگهون ٿا. آئون پنهنجي يوٽيوب آٽوميشن جي تجربي، ٽيڪنيڪل مهارت (جهڙوڪ AI ٽولز استعمال ڪري سنڌي وڊيوز جنريٽ ڪرڻ سنڌي ٽوٽ اسپيچ سب ٽائيٽلز SEO، چينل مئنيجمينٽ ۽ مواد جي پلاننگ کي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري (SLA) تحت هڪ گڏيل سهڪار تي ٻڌل پروجيڪٽ پيش ڪندس. اهڙي تعاون سان سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو (SLA) پنهنجي آفيشل يوٽيوب چينل کي فعال بڻائي سگهي ٿو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر لفظن، شاهه جي رسالي جي تشريح، سنڌي لوڪ داستان، تعليمي ۽ ثقافتي مواد آٽوميٽيڊ طريقي سان شايع ڪري سگهجي ٿو. هيءَ پيشڪش نه رڳو سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽل نمائش کي وڌائيندي پر نوجوان نسل کي ٻوليءَ سان پيار پيدا ڪرڻ ۾ پڻ ڪارآمد ثابت ٿيندي.

(ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (اي آءِ) يونيورسٽي آف يونيمارڪوني اٽلي ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر اي آئي ۽ ريسرچ، ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آهي.)

اڄوڪو ڏينهن - 30 جنوري

ابو سلمان شاهجهانپوري

ابو سلمان شاهجهانپوري اردو ٻوليءَ جو مشهور ليکڪ، محقق ۽ تاريخ نويس هو. سندس جنم 30 جنوري 1940ع تي هندستاني رياست اترپرديش جي شهر شاهجهان پور ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ ڪراچي اچي وسايائين. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي جون سندون ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. هن گورنمينٽ نيشنل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنيون، جتان 2002ع ۾ رٽائر ٿيو. هن سئو کان مٿي ڪتاب لکيا، جن مان 50 ڪتاب مولانا ابوالڪلام آزاد جي باري ۾ آهن. هن مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا محمد علي جوهر ۽ تحريڪ آزاديءَ بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا. سندس ڪجهه ڪتابن جو سنڌي ترجمو ڇپجي چڪو آهي، جن ۾ "مولانا عبيدالله سنڌي ۽ ريشمي رومال تحريڪ" ۽ "مولانا عبيدالله سنڌي ۽ سندس ڪجهه همعصر" شامل آهن. هن 02 فيبروري 2021ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي.

اشتياق انصاري



سنڌ جي هن نالي واري ليکڪ ۽ محقق جو جنم 30 جنوري 1952ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هو سنڌ جي برک اديب انيس انصاريءَ جو پٽ آهي ۽ مشهور ليکڪا شبنم گل سندس جيون ساٿي آهي. هن مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان سول انجنيئرنگ جي سند حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪئمبرج ۽ براڊفورڊ يونيورسٽيءَ مان به انجنيئرنگ جا ڪورس پاس ڪيا. هڪ انجنيئر هئڻ سان گڏ کيس سنڌ جي قديم آثارن ۽ سنڌي ادب سان گهڻي دلچسپي رهي آهي. هن گورک جبل، ديبل بندر، اڇڙي ٿر ۽ لاهوت سميت سنڌ جي ڪيترن ئي قديم آثارن بابت تحقيقي مقالا لکيا آهن. سندس لکيل ڪتاب "سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا" اسان جي قديم آثارن ۽ تاريخي ماڳن بابت هڪ ڄاڻ جو خزانو آهي. سندس ٻين ڪتابن ۾ خيما ڪاهوڙين (سفرنامو)، ووڙيم سڀ وڻاڻ (سفرنامو اوڏ مٽيءَ جا ڪوڏ (ناول)، قيد ڪهاڻي (جيل ڊائري) ۽ ڏکم (ڪهاڻيون) شامل آهن. هو قديم آثارن جي ماهر طور سنڌ سرڪار جي انڊوميٽ فنڊ ٽرسٽ سان به لاڳاپيل رهيو آهي.

ڪيائين ۽ بي اي جو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. فارسيءَ جي تعليم خانگي طور پنهنجي والد مرزا سڪندر علي بيگ وٽ حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ ملازمت سان ڪيائين. هن 2000ع کان باقاعدي لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ هڪ نثر نويس، شاعر ۽ محقق طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي. سندس لکيل مضمون ۽ مقالا ساک وارن ادبي رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "گنج" (شاهه سائينءَ جي ڪلام جي الف ب وار ترتيب)، "دردانگيز سفرنامه جعفري"، "مقتل لهوف"، "تمغهاءِ بلبل فصاحت" ۽ "سنڌ جا ٽالپر" شامل آهن.

اشرف پلي

نئين ٽهيءَ جي هن نمائنده شاعر جو پورو نالو محمد اشرف ولد عبدالغفور پلي آهي ۽ سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1985ع ۾ عمرڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ لطف الله پليءَ ۾ ٿيو. هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول صوفي فقير مان مئٽرڪ جو امتحان ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ مان انٽرميڊيئيٽ جو امتحان پاس ڪيو. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۽ سوشالاجيءَ ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين. هن ننڍي هوندي کان ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "جوڀن ڀريان ڏينهن" 2012ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

مير حسن علي خان ٽالپر

مير حسن علي خان ٽالپر سنڌ جي آخري ٽالپر حڪمران مير نصير خان ٽالپر جو وڏو فرزند هو. هن جو جنم 26 ذوالقعد 1240هه مطابق 1824ع تي حيدرآباد جي قلعي ۾ ٿيو. وقت جي وڏن عالمن وٽ قرآن شريف سنڌي، عربي ۽ فارسي پڙهيو. هن 10 سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو. 1843ع ۾ سنڌ تي انگريزن جي قبضي کان پوءِ هن کي پنهنجي والد سان گڏ گرفتار ڪري ڪلڪتي ۾ جلاوطن ڪيو

مختيار اُنڙ

جاڻائي آهي، جڏهن ته ڊاڪٽر دُرمحمد پٺاڻ، نور احمد جهنجهي ۽ ڪجهه ٻين ماهرن سندس وفات 30 جنوري 1907ع ٻڌائي آهي. کيس حيدرآباد ۾ پنهنجي بنگلي ۾ امانت طور دفنايو ويو. بعد ۾ سندس جسم کي ڪربلا ۾ دفنايو ويو.

بدر قريشي

اڄ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ صحافيءَ بدر قريشيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. بدر قريشي مشهور شاعر امير قريشيءَ جو فرزند هو ۽ 12 اپريل 1941ع تي جيڪب آباد ۾ ڄائو. جيئن ته سندس والد جي نوڪري ڪراچيءَ ۾ هئي، ان ڪري عمر جو گهڻو حصو ڪراچيءَ ۾ گذاريائين. انٽر آرٽس کان پوءِ دوائن جي هڪ ڪمپنيءَ ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. هڪ ادبي گهراڻي ۾ پرورش پائڻ سبب ادبي شوق کيس ورثي ۾ مليو. پنهنجي والد امير قريشيءَ ۽ مشهور اديب سرشار عقيليءَ جي سرپرستيءَ ۾ سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪيائين. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ صحافت سان به سلهاڙيل رهيو ۽ ڪراچيءَ جي ٻن وڏين انگريزي اخبارن ۾ ڪيترائي ليک لکيائين. نومبر 1970ع ۾ هڪ خطرناڪ حادثي سبب سندس جسم جو هيٺيون ڌڙ مفلوج ٿي ويو ۽ باقي حياتي بستري داخل رهيو. انهيءَ حادثي ۽ معذوريءَ باوجود هن همت نه هاري ۽ ادبي سرگرميون جاري رکيائين. سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جون اڪثر ڪاروباري گڏجاڻيون سندس گهر منعقد ٿينديون هيون. هن 30 جنوري 1990ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

الهه بخش اُنڙ

الهه بخش اُنڙ سنڌ جو مشهور عوامي شاعر هو. اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن 1949ع ڌاري شهيد بينظيرآباد ضلعي جي ڳوٺ الهه بچائي اُنڙ ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. شاعريءَ سان شوق ننڍي هوندي کان

مدن رامچند جماڻي

مدن جماڻي هند ۽ سنڌ جو مشهور ناٽڪ نويس، اداڪار، هدايتڪار ۽ ليکڪ هو. هن جو جنم 21 ڊسمبر 1934ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 21 بجاءِ 31 ڊسمبر لکي وئي آهي. مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين. هن کي ننڍي هوندي کان ئي اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جو شوق هو. هندستان لڏي وڃڻ کان پوءِ به هن جو اهو شوق برقرار رهيو. هن سنڌي، هندي ۽ گجراتيءَ ۾ ڪيترن ئي اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪار ۽ هدايتڪار طور ڪم ڪيو. هو هڪ بهترين ليکڪ پڻ هو. اسٽيج ۽ ريڊيو جي لاءِ ڪيترائي ڊراما تحرير ڪيائين. هن هندستان جي پهرين رنگين سنڌي فلم "هل ته پرچي هلون" ۾ هدايتڪار طور ڪم ڪيو. هن سنڌي فلمن "هو جمالو"، "سنڌوءَ جي ڪناري"، "نقلي شان"، "جهولي لال"، "هل ته پرچي هلون" ۽ ٻين فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر پڻ ڏيکاريا. هن 30 جنوري 2017ع تي زندگيءَ جي اسٽيج تان هميشه لاءِ موڪلايو.

جسٽس ديدار حسين شاهه

اڄ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس سيد ديدار حسين شاهه جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. شاهه صاحب جو جنم 11 ڊسمبر 1939ع تي ڳوٺ غلام حيدر قادري، تعلقي رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول رتيديري مان پاس ڪيائين. بي اي جو امتحان سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان 1962ع ۾ ۽ ايل ايل بي جو امتحان سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان 1964ع ۾ پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات 1957ع ۾ رتيديري ميونسپالٽيءَ ۾ آڪٽراءِ انسپيڪٽر طور ڪيائين. 1960ع کان 1965ع تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول رتيديري ۾ هڪ استاد طور خدمتون سرانجام ڏنائين. 1965ع ۾ سرڪاري نوڪري ڇڏي وڪالت شروع ڪيائين. 1979ع ۽ 1987ع ۾ ضلعي ڪائونسل لاڙڪاڻي جو ميمبر چونڊيو. پاڻ تعلقي ڪائونسل رتيديري جي چيئرمين طور به ڪم ڪيائين. 1988ع، 1990ع ۽ 1993ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ايم آر ڊي تحريڪ

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-IX حيدرآباد
(روبرو مس حميرا اولن)
فيملي سوٽ نمبر 2459 سال 2025

مسمات بشرا ڌيءَ منير احمد زال سجاد سولنگي رهندڙ ويجهو بنگلو نمبر03 آفيسر بيراج ڪالوني حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: سجاد سولنگي پٽ نظير سولنگي رهندڙ آفيسرز ڪالوني ويجهو بنگلو نمبر05 حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکي)
فيملي سوٽ نمبر 475 سال 2025

مسمات فاطمہ ڌيءَ عبدالرحمان تنيو رهندڙ سميرا ڪالوني نوابشاهہ ...پلينٽف...خلاف: شاہ الله پٽ پير بيگ مگسي رهندڙ سميرا ڪالوني نوابشاهہ ضلعو شهيد بينظير آباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 10-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکي)
فيملي سوٽ نمبر 440 سال 2025

مسمات صائمہ ڌيءَ محمد شريف مغيري رهندڙ مهراڻ ڪالوني نوابشاهہ ....پلينٽف...خلاف: فلڪ شير پٽ محمد جمن دنگراج رهندڙ ڳوٺ خان محمد دنگراج ديهہ 28-نصرت تعلقو دوڙ . حال رهندڙ جمشيد ڪالوني جام صاحب روڊ نوابشاهہ ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 10-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي.اين شاهہ
فيملي سوٽ نمبر148 سال 2025

مسمات حاجران ڌيءَ علي اصغر ذات جوڙيو ويٺل ڳوٺ جوڙيو تعلقو ڪي.اين شاهہ ضلعو دادو...پلينٽف...خلاف: يونس پٽ شاهنواز جوڙيو ويٺل ڳوٺ جوڙيو تعلقو ڪي.اين شاهہ ضلعو دادو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ مينٽيننس، عدت پيريڊ آف پلينٽف مائنر حميرا ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 03-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول ڪورٽ ڪي.اين شاهہ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب IVth سول جج اينڊ جي.ايم حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2390 سال 2025

سوني زال روبيو...پلينٽف...خلاف: روبيو پٽ جڳهو رهندڙ ڳوٺ شبير ميمڻ ويجهو ستي متياري سيل نمبر: 0322-8457246....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ٽرمينيشن آف ميرج يو/ايس 11 آف هندو ميرج ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 06-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-VI حيدرآباد
ايگزيڪيوشن نمبر..... سال 2025

تارا چند...پلينٽف...خلاف: عباس علي پٽ علي رضا بالغ هندو رهندڙ فليٽ نمبر ٿرڊ فلور امر ريزيڊينسي ويجهو جيجل ماءُ هاسپيٽل نسيم نگر چوڪ قاسم آباد حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 06-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول /فيملي جج-VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-I ڄامشورو
(روبرو جناب عمران)
ايفسي سوٽ نمبر10 سال 2026

(1) طارق علي پٽ سردار چانڊيو (2) مسمات صائمہ ڌيءَ سردار چانڊيو زال شعبان بالغ مسلم ذات چانڊيو رهندڙ هائوس نمبر B-272 مسلم ٽائون ڪوٽڙي تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو...پلينٽف...خلاف: (1) چيئرمين نادرا ايٽ اسلام آباد (2) انچارج آفيسر/ مئنيجر آف نادرا آفيس ويجهو امير ڪامپليڪس مين نيشنل هاءِ وي ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (3) سيڪريٽري انٽيرئر ڊويزن اسلام آباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ڊڪليئريشن مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 30-01-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سينئر سول ڪورٽ-I ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايفسي سوٽ نمبر 275 سال 2025

مسمات عائشہ زال محمد عثمان ڌيءَ محمد اشرف ناهيون مسلم بالغ رهندڙ محمد خان ناهيون ديهہ ناهيڪي تعلقو ٽنڊوالهيار پي.اي.بي. سيڪشن ٽنڊو الهيار..پلينٽف..خلاف: (1) ڊي اسسٽنٽ مئنيجر ٽنڊوالهيار (2) ڊي ڊائريڪٽر جنرل نادرا گورنمينٽ آف پاڪستان اسلام آباد (3) پبلڪ ايٽ لارج....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن اينڊ مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 02-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

تاريخ پيدائش ۾ درستگي

جيئن تہ منهنجي فرزند نالي سهيل علي شاهہ ولد ساجد علي شاهہ جي پرائمري جي آر توڙي سيڪنڊري اسڪول رڪارڊ ۾ پيدائش جي تاريخ غلطي سان 08-05-2009 لکجي ويئي آهي جيڪا رڪارڊ ۾ درست ڪري 08-05-2012 لکي ۽ پڙهي وڃي

ساجد علي ولد سليمان شاهہ، ڳوٺ علي محمد شاهہ يو سي سهو خان چانڊيو تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو
ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن نمبر 20 سال 2025
اِن فيملي سوٽ نمبر230 سال 2024

مسمات زڪيہ ڌيءَ نور محمد زال سڪندر علي ڪنيار رهندڙ جتوئي ڪالوني مورو ....ڊگري هولڊر..خلاف: سڪندر علي پٽ صوبدار خان زرداري تعلقو رهندڙ ڳوٺ دائر خان تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ. حال سرونگ ايز پوليس ڪانسٽيبل ايٽ ٽي سي ٽريننگ ڪاليج شهدادپور. بڪل نمبر295 موبائل نمبر: 0300-3415689....ججمينٽ ڊيبٽر

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن يو/ايس (3) 13 آف ويسٽ پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ 1964 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 31-01-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/فيملي ڪورٽ مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/گارڊين جج اينڊ جي.ايم-II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر.... سال 2026

نادر علي ڏاهري پٽ علي حيدر ڏاهري رهندڙ ڳوٺ شفيع محمد ڏاهري هالا نيو ضلعو مٽياري.....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات نادرا ڌيءَ علي حيدر ڏاهري رهندڙ ڳوٺ شفيع محمد ڏاهري هالا نيو ضلعو مٽياري. (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...آپونينٽس مائنرز: (1) بابر علي پٽ علي حيدر ڏاهري (عمر اٽڪل 16 سال 08 مهينا). (2) علي اصغر پٽ آف علي حيدر ڏاهري (عمر اٽڪل 13 سال 09 مهينا).

نالي مٿين آپونينٽس نمبر02 ڏانهن:
جيئن تہ مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين شپ ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 07 ۽ 10 آف گارڊين اينڊ واردس ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 16-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ گارڊين جج اينڊ جي.ايم-II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب 8th ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سول اپيل نمبر296 سال 2025

(1) مسمات عالم خاتون ڌيءَ مرحوم غازي خان لغاري مسلم بالغ ذات لغاري (2) اميد علي پٽ مرحوم غازي خان لغاري مسلم بالغ ذات لغاري (فوتي معرفت سندس قانوني وارث: سيريل نمبر01 مسمات عالم خاتون سسٽر معرفت اٽارني محمد علي عمراڻي پٽ حاجي الہ جڙيو عمراڻي مسلم رهندڙ ويجهو ميمڻ ٽائون بنگلو نمبر C-12 غفور شاهہ جهانيان ڪاليج قاسم آباد حيدرآباد...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) پراونس آف سنڌ معرفت سندس سيڪريٽري ٽو ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ شهباز بلڊنگ ٺٽي سڙڪ حيدرآباد (2) ڊي ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن حيدرآباد (3) ڊي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد (4) ڊي اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو حيدرآباد (5) ڊي مختيارڪار تعلقو حيدرآباد (6) ڊي سب رجسٽرار رجسٽريشن تعلقو حيدرآباد (7) ڊي رجسٽرار رجسٽريشن سندس آفيس ويجهو راڻي باغ ٺٽي سڙڪ حيدرآباد (8) ڊي ايڊيشنل ڪمشنر I حيدرآباد ڊويزن حيدرآباد (9) خميسو پٽ ڏتي بخش (فوتي معرفت سندس قانوني وارث) (اي) لياقت علي (پٽ) (بي) الهہ داد (پٽ) (10) مئو پٽ ڏتي بخش (فوتي معرفت سندس قانوني وارث) (اي) صدا بخش حاجاڻو (پٽ) (بي) ليمون حاجاڻو (پٽ) (سي) فيض محمد حاجاڻو (پٽ) (11) علي گوهر پٽ علي بخش ڪاڪا (12) جهانگير پٽ علي بخش ڪاڪا (13) باغ علي پٽ جمعون لغاري (14) حاجي رحيم پٽ سمائو لغاري (فوتي معرفت سندس قانوني وارث) (اي) حق نواز (پٽ) (بي) محمد نواز (15) ولي محمد پٽ غلام الله (فوتي معرفت سندس قانوني وارث: (اي) شريف (پٽ) (بي) علي ڏنو (پٽ) (16) خير محمد پٽ غلام الله (فوتي معرفت سندس قانوني وارث: (اي) پيارو (پٽ) (بي) علي غلام (پٽ) سڀ مسلم بالغ رهندڙ ديهہ ٻاريجاڻي سڀ مسلم بالغ رهندڙ ديهہ ٻاريجاڻي تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد ٽو بي سروڊ معرفت مختيارڪار تعلقو حيدرآباد (17) مصري پٽ الهہ بخش مسلم بالغ رهندڙ ديهہ ٻاريجاڻي تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد ٽو بي سروڊ معرفت مختيارڪار تعلقو حيدرآباد (18) غلام مصطفيٰ عباسي پٽ ياندي خان عباسي مسلم بالغ ذات عباسي (فوتي معرفت سندس قانوني وارث: (اي) ساهہ مصطفيٰ (پٽ) ٽو بي سروڊ معرفت مختيارڪار تعلقو حيدرآباد....ريسپانڊنٽس

نالي مٿين ريسپانڊنٽس ڏانهن:
جيئن تہ مٿين اپيلانٽ توهان جي خلاف سول اپيل لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 09-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

8th ايڊيشنل اينڊ سيشنز جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
(روبرو جناب علي احمد جان)
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر02 سال 2026

(1) مسمات رضوانہ بيواهہ مرحوم امان الله ڪوسو ڌيءَ محمد يعقوب مسلم بالغ رهندڙ هائوس نمبر15 مسلم ٽائون ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (2) غلام حيدر پٽ مرحوم امان الله ڪوسو (3)رضا حسين پٽ مرحوم امان الله ڪوسو مسلم مائنر معرفت سندس مدر/ گارڊين نيڪسٽ فرينڊ ايپليڪينٽ نمبر.01....ايپليڪينٽس...خلاف: (1) علي حيدر پٽ مرحوم امان الله ڪوسو (2) قرت العين عيني رهندڙ هائوس نمبر15 پٽ مرحوم امان الله ڪوسو مسلم بالغ مسلم ٽائون ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (3) انچارج/ مئنيجر حبيب بينڪ لميٽيڊ قاسم آباد حيدرآباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:
جيئن تہ مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 ساڻ درخواست زير قلم 32 رول 3 آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي مرحوم امان الله ڪوسو پراپرٽي ۾ حبيب بينڪ قاسم آباد برانچ جي اڪائونٽ ۾ رقم -/334,421.69 تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو

تصحيح

جيئن تہ بروز خميس 29 جنوري 2026 جي اشاعت ۾ عام اطلاع نالي محبوب علي ولد عبدالغني آرائين مختيار ڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ وارثن ۾ نالي ۾ غلطي سان سيريل نمبر (7) منيرا لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري صغران لکيو ۽ پڙهيو وڃي (ادارو)

عام اطلاع

جيئن تہ اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالحفيظ خان ولد عبدالرحيم خان درخواست ڏني آهي تہ هن جا ڀائر هر هڪ (1) نالي عبدالعزيز ولد عبدالرحيم خان (2) نالي عبدالحميد ولد عبدالرحيم خان فوت ٿي ويل آهن ٻئي فوتي غير شادي شده هئا فوتين کي ديهہ بدين ٽيو بدين تعلقي بدين ۾ هائوس نمبر(بي 49) ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو تہ فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي (1) نالي عبدالعزيز ولد عبدالرحيم خان تفصيل فوتي (2) نالي عبدالحميد ولد عبدالرحيم خان ٻئي فوتي غير شادي شده هئا سندن ڪوبہ اولاد وغيره نہ هو فوتين جو جائز وارث سندن ڀاءُ نالو وارث جو 1 عبدالحفيظ خان ولد عبدالرحيم خان ڀاءُ فوتين جو جائز وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ڏني ٿو ڪجي تہ مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن بہ ماڻهو کي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض هجي تہ هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

تاريخ پيدائش ۾ درستگي

جيئن تہ منهنجي فرزند نالي فواد علي شاهہ ولد ساجد شاهہ جي پرائمري جنرل رجسٽري توڙي سيڪنڊري سرٽيفڪيٽن ۾ جنم جي تاريخ غلطي سان 02-07-2009 لکجي ويئي آهي. جيڪا رڪارڊ ۾ درست ڪري 02-07-2012 تي لکي ۽ پڙهي وڃي.

ماجد علي شاهہ ولد سليمان شاهہ، ڳوٺ علي محمد شاهہ يو سي سهو خان چانڊيو تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان

بقايا 1 پوليس آڏو پيش

آپريشن تيز ڪري ڇڏيو آهي، تعلقي ٺل جي بي سيڪشن ٿاڻي جي مختلف ڳوٺن ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن ڪندي سنڌن گهيرو تنگ ڪرڻ کان پوءِ بنگلاڻي گينگ جي 5 وڏيڪ ڌوهارين منصب عرف ٻنالو پٽ آدم بنگلاڻي، حيات عرف ڪڪر ولد سبز علي بنگلاڻي، گلزار احمد ولد غلام نبي بنگلاڻي، حامد ولد مريد عرف ڏتو بنگلاڻي، مير حسن ولد مٽيرا بنگلاڻي پوليس آڏو هٿيار ڦٽا ڪري گرفتاري پيش ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ صحافين کي ٻڌايو تہ تعلقي ٺل ۾ پهريان وڏي تعداد ۾ ڏوهہ جون وارداتون ٿينديون هيون پر سان جيڪب آباد مقرر ٿيڻ کان فوري بعد تعلقي ٺل ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن تيز ڪري ڇڏيو آپريشن دوران جديد اصلحي ۽ ٽيڪنالوجي سان ڌوهارين جو گهيرو تنگ ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ بنگلاڻي گينگ جا ڌوهاري مسلسل پنهنجو پاڻ پوليس آڏو هٿيار ڦٽا ڪري گرفتاريون پيش ڪري رهيا آهن هن چيو تہ بنگلاڻي گينگ جا 5 ڌوهاري ڌوهن جي دنيا کي الوداع چئي پوليس آڏو پيش ٿيا آهن جن مٿان مختلف ڌوهن جا ڪيترائي ڪيس درج ٿيل آهن. ڌوهارين پاران پنهنجو پاڻ پوليس آڏو پيش ٿيڻ جيڪب آباد پوليس جي وڏي ڪاميابي آهي. جڏهن تہ ان کان اڳ بہ بنگلاڻي گينگ جا نالي وارا ڌوهاري پوليس آڏو پيش ٿيا هئا. هن چيو تہ ڌوهارين خلاف آپريشن کان پوءِ امن امان جي صورتحال بهتر ٿيندي پئي وڃي، جيڪب آباد ضلعي ۾ امن امان جي مڪمل بحالي تائين ڌوهارين خلاف ڪارروايون جاري رهنديون

بقايا 2 احتجاجي مظاهرو

برادري جي ماڻهن سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شهرين ۽ قومپرستن احتجاج ريلي ڪڍي ۽ پريس ڪلب ڪهڙا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي شهيد عدنان چني جي خون سان انصاف ڪيو مظاهرين مقتول جي پيءُ وحيد علي چنا، ايڊووڪيٽ يونس چنا، نعيم احمد چنا، ممتاز علي ۽ جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نذير کوکر امتياز ماڇي ۽ ٻين مظاهرين خطاب ڪندي چيو تہ مدرسي جي طالب علم معصوم عدنان علي چنا کي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي ڪوڙو خودڪشي جو ڊرامو رچايو پيو وڃي. پنج ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس اڃا تائين قاتلن کي گرفتار ناهي ڪيو ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ جاري ناهي ڪئي وئي مدرسي ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرا هجڻ باوجود ڪئميرا جا فوٽيجز مٽايا ويا آهن اڳواڻن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور اي ايس پي ڪمبٽ کان مطالبو ڪيو تہ مقتول عدنان جا قاتل گرفتار ڪري ڪين لاڪ اپ ڪيو وڃي ۽ معصوم جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 3 گهر ۾ ڪهرام

زخمي ڪيل مير محمد شاهہ کي ڳنڀير جوکي حالت ۾ چاهہ نوازعلي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان کيس انتهائي نازڪ حالت حيدر آباد سول اسپتال منتقل ڪيو جتي زير علاج دوران سيد مير محمد شاهہ زخمن جا تاب نہ سهندي فوت ٿي ويو پوليس موجب جاچ دوران واقعي هنڌان هٿيارٻندن جا پيرا نشان ڪٿي بہ نہ مليا آهن وڌيڪ واقعي جي هر رخ سان جاچ ڪريون پيا جڏهن تہ فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو واقعي جي اصل ڪارڻ جي پوليس معلوم ڪري نہ سگهي آهي نہ ئي فوتي جا وارث ٻڌائڻ لاءِ ڪا ڳالهہ لاءِ تيار نہ آهي سيد مير محمد شاهہ جو قتل مشڪوڪ بڻجي ويو آهي

بقايا 4 ڪيس داخل

ڀاءُ صدام حسين سرڳاٽي جي فرياد تي واقعي واري ٿاڻي جي حد ميهڙ اي سيڪشن تي داخل ڪيو ويو آهي جڏهن تہ واقعي کي 5 ڏينهن گذريل باوجود پوليس کان بہ ڪارروائي نہ ڪئي مقتول جا وارث انصاف جا منتظر آهن

بقايا 5 احتجاج جو چتاءُ

عملي سان گڏجي ڪارروائي ڪئي هئي ڪارروائي دوران باب احمد شاهہ گيٽ لڳ غيرقانوني قائم ڪيل ٻڪرين جي مال پڙي کي مڪمل طور ختم ڪرايو انتظاميا طرفان مال پڙي ۾ موجود واپارين کي سختي سان منع ڪيو ويو تہ هو ٻيهر هن هنڌ تي نظر نہ اچن ٻي صورت ۾ ڪين خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري ڏنڊ ۽ گرفتاريءَ ڪيو ويندو پر ان تي هڪ هفتو بہ عمل ٿي نہ سگهيو اها ٻڪرين جي مال پڙي اج وري ٻيهر لڳائي وئي آهي. جنهن سبب رش جو آزار وڌي ويو آهي ٻئي پاسي شهرين انتظاميا کان مطالبو ڪندي چيو تہ باب احمد شاهہ گيٽ جهڙي اهم هنڌ تي مال پڙي لڳڻ سبب ٽريفڪ جام ٿي وڃي ٿي ۽ ان گذرڻ ڏکيو ٿي ٿو ان کي مڪمل طور تي ختم ڪرايو وڃي، ٻي صورت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي وينداسين.

بقايا 6 انصاف جو مطالبو

هنن مطالبو ڪيو آهي تہ مذڪوره ماڻهو خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 7 هڪ فوت

سبب موٽرسائيڪل سوار چار واهہ لڳ ڳوٺ عبدالله سمون جو رهواسي 25 ورهين جو نوجوان ڪانجي پٽ ميرو ڪولهي دماغ ۾ ڌڪ لڳڻ سبب موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن تہ ٻيو نوجوان مانو پٽ گبرو ڪولهي شديد زخمي ٿي پيو جن کي حادثي واري جاءِ تان پوليس ڪڙيوگهنور اسپتال ڪٺائي پهچايو جتي زخمي نوجوان کي شروعاتي طبي امداد ڏيڻ بعد تعلقا اسپتال گولاڙچي ريفر ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ فوتي نوجوان جو مڙهہ ڪڙيوگهنور اسپتال ۾ پيل آهي جتي ڪڙيوگهنور پوليس پاران ضروري ڪارروائي ڪرائڻ بعد مڙهہ وارثن حوالي ڪيو ويندو جڏهن تہ ٽريڪٽر ڊرائيور حادثي واري جاءِ تان فرار ٿي ويو آهي، ٽريڪٽر ٽرالي کي ڪڙيوگهنور پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بقايا 8 ڊي سي مٽياري

هيڊڪوارٽر اسپتال کان پريس ڪلب تائين نڪتي ريلي جي اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ ڪئي جڏهن تہ ساڻس گڏ ضلعي جي مختلف کاتن جا آفيسر سرڪاري عملدار ۽ سول سوسائٽي جا نمائندا پڻ شامل هئا ريلي کانپوءِ ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري جي لطيف هال ۾ تياري بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ڪئي اجلاس ۾ ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر آصف حسين شاهہ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر- II مٽياري اقرا جنت، اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبد الستار شيخ، اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر بروڙو، اسسٽنٽ ڪمشنر سعيد آباد عبد الشڪور سولنگي، ايڊيشنل ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر نذير ملاح سميت صحت کاتي جا آفيس ٻين لاڳاپيل کاتن جا نمائندا ۽ سول سوسائٽي جي ميمبرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران صحت کاتي جي نمائندي پوليو مهم بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ ٻڌايو تہ پوليو 02 فيبروري کان 05 فيبروري تائين NIDs هلائي ويندي. مهم دوران ضلعي مٽياري ۾ 181,722 ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ 648 ٽيمون، 38 يونين ڪائونسل ميڊيڪل آفيسر (UCMOs) ۽ 3 تعلقہ سپروائيزر مقرر ڪيا ويا آهن اجلاس جي آخر ۾ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ماضي ۾ پوليو مهم دوران شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ آفيسرن ۽ عملي کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون پڻ ڏنيون جڏهن تہ لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي وئي تہ هو ايندڙ مهم کي وڌيڪ اثرائتي نموني ڪامياب بڻائڻ لاءِ ميدان ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن

بقايا 9 نوٽيس جو مطالبو

کاتي ضلع خيرپور جي اعلي آفيسرن کي اسڪول بند هجڻ بابت ڏانهيو آهي اسڪول ۾ استاد مقرر ناهي ٿي سگهيو، ڳوٺاڻن شاهنواز خاصخيلي، محمد نواز، محمد چٽل ۽ ٻين ڳوٺاڻن ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو تہ ڪافي دفعا پرائمري اسڪول احمد علي خاصخيلي ۾ استاد نہ هجڻ بابت ڏانهيو آهي تعليم کاتي جا عملدار داد رسي ڪرڻ لاءِ تيار ناهن، هنن تعليم کاتي جي وزير، سيڪريٽري تعليم ۽ ٻين اعلي اختيارين کان گهر ڪئي تہ اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري اسان جي ٻارڙن جي تباهہ ٿيندڙ تعليم کي بچايو وڃي

بقايا 10 نينگر زخمي

الزام ميراڻي برادري جي ماڻهن تي ڏنو جن تي پوليس پڻ ڪيس داخل ڪري لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيو جيڪي هن وقت تائين سکر سينٽرل جيل ۾ آهن. جنهن بعد ڌرين ۾ تڪرار هلندڙ هو جنهن اڄ هي واقعو پيش آيو

بقايا 11 تشدد، 2 گرفتار

انهن چوري جو ڪوڙو الزام هڻي ڀاءُ کي تشدد جو نشانو بڻايو روسال کچيءَ ۾ وجهي گهليو ويو ۽ غليظ زبان استعمال ڪئي وئي اهڙي واقعي خلاف سيناريا جي صحافين حسين بخش کبر سجاد علي کبر،علي گل ، فاروق علي مگسيجو ،حنيف رضا لنڊ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو تہ صحافي جي ڀاءُ مٿان حملو ڪندڙ جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي نہ ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو مظاهرين ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان گهر ڪئي تہ جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي هوڏانهن ايس ايڇ او سيناريا موجب واقعي جو اطلاع مليو تہ جوابدار گرفتار ڪري ورتا آهن جڏهن تہ مک جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪوشش جاري آهن

بقايا 12 احتجاجي مظاهرو

خلاف شڪايت ڏنا ڪين تہ لچمڻ نائي چورن جي سپورٽ ڪرڻ سان گڏ چورن جو ساٿاري بڻجي چوريون ڪرائي ٿو.اسان سان وڌ ظلم هلي رهيو آهي.زرداري هائوس ۾ رهندڙ ملازم نهال مڪواڻي جي ڀاءُ لچمڻ نائي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي.پوليس کي بہ چورن خلاف ڪارروائي کان روڪي ٿو.نگرپارڪر ۽ ڏانوڏانڊل ٿاڻي جي پوليس چورن سان مليل آهي.اسان جو مطالبو آهي تہ نوٽيس وٺي چورن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 13 سون ۽ چاندي ڦر

ڪوشش ڪندي متاثر پورهيتن کي چوري واپس ڪرائڻ ۽ چورن کي گرفتار ڪرڻ جي يقين ڏياڻي ڏياري.

بقايا 14 دعويٰ

سائيڪلون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن.ان سلسلي ۾ ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو صحافين جي هڪ گروپ سان ڳالهائيندي ٻڌايو تہ ڌوهارين خلاف ڪامياب ڪارواين دوران هڪ زخمي ڌاڙيل سميت چار خطرناڪ جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن.هن ٻڌايو تہ پهريون مقابلو ڪنگري واري علائقي ۾ ٿيو جتي ڌاڙيل بخش علي شاهاڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جنهن جي قبضي مان هڪ پستول ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون. گرفتار ڌاڙيل سنگين ڏوهن جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هوجڏهن تہ زخمي ڌوهاري کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.ايس ايس پي وڌيڪ ٻڌايو تہ ٻي ڪارروائي شاهہ حسين واري علائقي ۾ ڪئي وئي، جتي موٽر سائيڪل لفٽر گينگ جي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري انهن جي قبضي مان 11 ڦر ٿيل موٽر سائيڪلون هٿ ڪيون ، گرفتار جوابدارن ۾ احمد ڦليوٽو محب علي ڪانهر ۽ الله بخش ميرجت شامل آهن.هٿ آيل موٽر سائيڪلون اصل مالڪن حوالي ڪيون ويون آهن.جڏهن تہ ٽين ڪارروائي اڪنامڪ زون ٿاڻي جي حد ۾ ناڪہ بندي ڪري چوري ٿيل مينهن چورن کان ڇڏائي وئي جڏهن مينهن جي قيمت5 لک ٻڌائي پئي وڃي جڏهن تہ چور فرار ٿي ويا جنهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو چيو تہ امن دشمن عنصرن خلاف روزاني بنياد تي ڪارروائيون جاري رکيون وينديون ۽ ڌوهارين جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو.

بقايا 15 احتجاجي مظاهرو

گهر مان گرفتار ڪري جبري طور گم ڪيو ويو آهي اگر استاد احمد رضا مٿان ڪوالزام يا ڪيس وغيره ٿيل آهي تہ کيس عدالت جي سامهون آندو وڃي ايئن هڪ استاد جي گرفتاري ۽ گمشدگيءَ جو عمل افسوس جوڳو آهي جيڪڏهن استاد احمد رضا شر آزاد نہ ڪيو ويو ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ۽ ايس ايس پي سانگهڙ آفيس آڏو احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 16 ڊي سي ڪشمور

سيڪيورٽي آڊٽ بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس ۾ ڪنهي تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن پوليس جي اعلي عملدارن بي بي ايل ڪنڊڪوٽ ۽ جينڪو گڊو جي اعلي آفيسرن ڊبل ون ڊبل ٽو جي آفيسرن صوبائي توڙي وفاقي کاتن جي عملدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر فائر سيفٽي انتظامن جي فوري ۽ جامع جانچ تي زور ڏيندي هدايت ڪئي تہ سڀ لاڳاپيل ادارا اهڙين عمارتن شاپنگ سينٽرن ملن نجي ۽ سرڪاري اسڪولن ۽ عوامي هنڌن جي نشاندهي ڪن جتي فائر هائيڊرنٽس ۽ ٻين حفاظتي سهولتن جي فوري ضرورت آهي ڊپٽي ڪمشنر پاران قائم ڪيل ڪاميٽي کي هدايت ڏني وئي تہ سرڪاري مراسلي ۾ ڏنل حڪمن موجب سرڪاري ۽ نجي عمارتن مالز ۽ شاپنگ سينٽرن جي فائر سيفٽي آڊٽ جي عمل کي سختي سان يقيني بڻايو وڃي اجلاس دوران ٽرمز آف ريفرنس (TORs)تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو جڏهن تہ سڀني لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي وئي تہ فائر سيفٽي قانون مطابق حفاظتي انتظام تفصيلي انسپيڪشن ۽ ضروري قدم فوري طور تي مڪمل ڪيا وڃن ڊپٽي ڪمشنر واضح ڪيو تہ عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ اولين ترجيح آهي ۽ ان حوالي سان ڪنهن بہ قسم جي غفلت يا لاپرواهي هرگز برداشت نہ ڪئي ويندي. هن سڀني ادارن تي زور ڏنو تہ باهمي رابطي ۽ هم آهنگي سان حڪمن تي بروقت ۽ اثرائتو عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا 17 دعويٰ

هي جنهن دوران جوابدار عورت کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو واقعي بعد لاش کي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو هو جڏهن تہ مقتولا جي وارثن جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو رستم پوليس موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جانچ ڪئي پئي وڃي ۽ جلد ئي ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو پوليس دعويٰ ڪئي آهي تہ ڪيس جي سڀني پهلوئن کي سامهون رکي قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 18 احتجاجي مظاهرو

آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي.

بقايا 19 گڏيل اجلاس

عشرت علي لوهار، نائب صدر نثار احمد چنا ، جنرل سيڪريٽري اسرار حسين چانگ ، جوائنٽ سيڪريٽري غلام علي ڏاليو گڏيل طور قتل واري واقعي ۾ روپوش ڄاڻايل 3 جوابدارن جي گرفتاري لاءِ قرارداد ذريعي سنڌ جي وڏي وزير ، گهرو کاتي جي صوبائي وزير کان مطالبو ڪري ڇڏيو آهي ، پاس ڪيل قرارداد ۾ اهو بہ ڄاڻايو ويو آهي تہ سنڌ جي هڪ نالي واري ليکڪ اديب دانشور جو بيدردي سان قتل ۽ سندس سوٽ ۽ هاري کي قتل ڪرڻ جي واقعي کي 9 مهينا گذرڻ باوجود قاتل گرفتار نہ ڪرڻ انتهائي افسوس وارو مقام آهي جنهن جي نہ صرف مذمت ڪئي وڃي ٿي پر ڀرپور جدوجهد جو پڻ عزم ڪيو ويو آهي ، ٽنڊو محمد خان بار جو پڻ گڏيل اجلاس ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي هال ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر آر بي سولنگي ، جنرل سيڪريٽري غلام مرتضيٰ سجاد ميمڻ ، آڪاش ميمڻ ، دانش علي ميمڻ ، رياض عالماڻي ، محسن عالماڻي ۽ ٻين قتل واري افسوسناڪ واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نہ ڪرڻ انصاف جو قتل قرار ڏنو آهي جنهن ۾ اهو بہ قرارداد ذريعي مطالبو ڪيو ويو تہ سنڌ جي گهرو کاتي واري صوبائي وزير ضياءالحسن النجار پنهنجي ٽنڊو محمد خان واري سرڪاري دوري ۽ کلي ڪچهري کانپوءِ بار جي وفد سان ملاقات ۾ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کي واقعي جو نوٽيس وٺڻ ۽ رپورٽ ڏيڻ لاءِ پابند بڻايو هو پر ان جي باوجود روپوش ڄاڻايل 3 جوابدار گرفتار ٿي نہ سگهيا آهن جنهن جي ڪري ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن طرفان ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاج جو چتاءُ ڏنو ويو آهي . هوڏانهن سنڌ هاءِ ڪورٽ ناليواري ايڊووڪيٽ محسن علي عالماڻي پنهنجي پريس بريفنگ ۾ صحافين کي ٻڌايو آهي تہ قتل وارو واقعو 26 اپريل 2025 تي پيش آيو هو جنهن ۾ شيخ پرڪيو ٿاڻي جي حد اندر هٿيارٻندن زرعي زمين جي تڪرار تان سنڌ جي ناليواري اديب ليکڪ دانشور ڊاڪٽر انور علي عالماڻي ، سندس سوٽ نعمت الله عالماڻي ۽ هاري احمد ٻارڙ کي گوليون هڻي قتل ڪيو هو جنهن جي شيخ پرڪيو ٿاڻي تي 27 اپريل 2025 تي ايف آءِ آر نمبر 46 تحت ڪيس داخل ڪري 6 جوابدارن خان محمد عرف خانڻ ، عبدالوهاب عرف شينهن نظاماڻي ، عمر فاروق ، عبدالستار ، بهادر ۽ محمد نظاماڻي کي جوابدار نامزد ڪيو ويو جنهن ۾ پوليس صرف 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري 3 جوابدارن عبدالستار ، بهادر ۽ محمد نظاماڻي کي روپوش ظاهر ڪري 9 مهينا گذرڻ باوجود گرفتار ڪري نہ سگهي آهي جنهن سلسلي ۾ گهرو کاتي جي صوبائي وزير ، آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سان بار بار ملاقاتون ڪري ڪين قاتل گرفتار ڪرڻ لاءِ اپيلون ڪيون ويون آهن پر ان تي ڪو بہ عمل ٿي نہ سگهيو آهي جنهن لاءِ هاڻي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن پڻ داخل ڪئي وئي آهي تہ وري ان جي بار ايسوسيئيشن ۽ ڪائونسل سان الڳ الڳ قرارداد ذريعي واقعي جي مذمت سان گڏ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو آهي ، جوابدار گرفتار نہ ڪيا ويا تہ ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ جي وڪيلن ، سول سوسائٽي سان گڏيل طور ڀرپور احتجاجي ڌرڻو حيدرآباد بدين روڊ تي لڳايو ويندو جيستائين قاتل گرفتار نہ ڪيا ويا تہ ڌرڻو جاري رکيو ويندو.

بقايا 20 لياقت جتوئي

ناهي سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ ڪرڻ شرمناڪ عمل آهي پيپلز پارٽي وارا پنهنجي ساهہ جي ورهاڱي تي بہ خاموش آهن سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ ممڪن ناهي پهريان اسان کي ٽڪرا ڪريو پوءِ سنڌ کي ورهايو عوام کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو پيو وڃي صوبيدارن ذريعي سياست ڪئي پئي وڃي فارم 47 وارا سمجهن ٿا تہ هميشہ حڪومت ڪندا رهندا، جن جي ڪلهن تي سوار آهن اهي ڪلهہ بہ نہ رهندا، مان وڏيرو ناهيان جيڪڏهن وڏيرو هجان ها تہ شوگر ملون وٺان ها، مان نظرياتي ماڻهو آهيان زرداري ٽيم کي جيل موڪليندس، جيڪو سچ ڳالهائي ٿو ان کي جيل موڪليو پيو وڃي، الله جو نظام قائم ٿي ڪري رهندو ان کي ڪو بہ روڪي نٿو سگهي، اسان جي حڪومت ۾ نوڪريون ميرٽ تي ملنديون، جيڪڏهن ڪميشن ثابت ٿيو تہ سياست ڇڏي ڏيندس، مان انهن وانگر ناچڻ وارو ناهيان، هي پنهنجن گهرن جا پولنگ اسٽيشن هروائين ٿا، ڌانڌلي ۽ زبردستي اميدوار بيهاريا وڃن ٿا، جعلي ٺپن سان ڪٽايو وڃي ٿو هي نمائندا ناهن پر ظالم آهن. اسان کي هن ظالماڻي نظام کان آزادي گهرجي پيپلز پارٽي بينظير ڀٽو سان گڏ دفن ٿي چڪي آهي هاڻي هي زرداري ليگ آهي جيڪي ماڻهو منهنجي دور ۾ رڪشا هلائيندا هئا اج هزارين ايڪڙ زمين جا مالڪ آهن. پئسو ڪٿان آيو؟ هي منهنجي حڪومت جا ڏينهن بہ برداشت نتا ڪري سگهن، اسان 18 سال برداشت ڪيو

بقايا 21 انصاف جو مطالبو

مجبور آهيان هن چيو تہ 2017 ۾ والد دين محمد پنهور سونڪي ۽ منهنجي مرحوم ڀاءُ نبي بخش پنهور ۽ امڙ کي پنهنجي ملڪيت مان لاتعلق ڪيو هيو ان وقت ڏيڍي ڀاءُ محمد علي کي والد جي ملڪيت مان 11 دڪان ۽ 6 ايڪڙ زمين ملي هاڻ هو ٻيهر مون مسڪين جي زندگي جي واحد گذر سفر جي ذريعي تي قبضو ڪري ويٺو رهيو آهي. دادو خزانہ آفيس بنا جانچ جي ڀاءُ جي پينشن ڏيڍي ڀاءُ جي چوڻ تي ڏيڍي ڀيڻ جي نالي ڪري ڇڏي آهي، دادو مختيارڪار آفيس جي تپيدار ۽ ڪلارڪ ڪجهہ پيسن عيوض ڏيڍي ڀاءُ کي ڪاغذن ۾ سڳو ڀاءُ ڏيکاريو آهي جنهن جي لکت ۾ شڪايت مختيارڪار دادو کي ڪئي پر درخواست تي عمل نہ ڪرايو آهي هن روئيندي چيو تہ لڳي ٿو هتي انصاف موڪلائي ويو آهي مون مسڪين ۽ فالج جي مريض جي حق تي ڌاڙو هنيو ويو آهي مون سان انصاف نہ ٿيو تہ پاڻ کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيندس جنهن جو ذميوار دادو مختيار ڪار آفيس ۽ دادو خزانہ آفيس جو عملو ۽ ڏيڍو ڀاءُ محمد علي پنهور هوندو

بقايا 22 اظهر سيال

تحفا پيش ان سلسلي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد جو سينئر نائب صدر اظهر سيال پارٽي ڪارڪنن جي وفد سان گڏ ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب پهتو جتي هن حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي نون چونڊيل عهديدارن صدر وسيم خان، جنرل سيڪريٽري جام فريد لاکو ۽ خزانچي جاني خاصخيلي کي اجرڪ اوڍائي گلن جا هار ڀارائي مبارڪون ڏنيون ان موقعي تي پ پ جي سينيئر نائب صدر اظهر سيال ڳالهائيندي چيو تہ سياست ۽ صحافت جو پاڻ ۾ چولي دامن وارو ناتو آهي حيدرآباد جي سياست توڙي صحافت هر دور ۾ جي مارشل لا سان مهاڏو اٽڪائي جمهوريت جي بحالي ۽ اظهار راءِ جي آزادي لاءِ جيلن جون سختيون برداشت ڪيون آهن حيدرآباد جي سياست توڙي صحافت ملڪي سطح تي فيصلا سازي ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي آهي هن چيو تہ پيپلز پارٽي مضبوط وفاق جي علامت آهي. سنڌ جا ڪجهہ نادان نابالغ سياسي سوچ رکندڙ سنڌ کي ورهائڻ جون ڳالهيون ڪن پيا اهي اهو ياد رکن تہ سنڌ جي وحدت تي پيپلز پارٽي ڪوبہ وار برداشت نہ ڪندي هن چيو تہ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ملڪ جو ايندڙ وزيراعظم آهي عوام پيپلز پارٽي سان گڏ آهي ايڇ يو جي جي صدر وسيم خان جنرل سيڪريٽري جام فريد لاکو ۽ خزانچي جاني خاصخيلي چيو تہ صحافت رياست جو چوٿون ستون آهي اڄ جي صحافت مختلف پيڪا ايڪٽ جي شڪل ۾ مارشل لا ۾ مڙهي وئي آهي اسان اهڙي ڪنهن بہ دستور کي نہ مڃينداسين جيڪو اظهار راءِ جي آزادي ڪسي عوام جي زبان جي تالا بندي ڪري. هنن چيو تہ اسان پ پ ضلعي حيدرآباد جي سينيئر نائب صدر اظهر سيال جا ٿورائتا آهيون جنهن ايڇ يو جي جي نون چونڊيل عهديدارن کي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ تي ساڻ ڏنو آهي ان موقعي تي حيدرآباد پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري اشوڪ شرما، صحافي فيصل ڏاهري، ساجد رضا مگريو غلام الله راهو لالا عمران ۽ ٻيا پيپلز پارٽي جا ڪارڪن موجود هئا.

بقايا 23 ڪري جائزو ورتو

شڪارپور جو دورو ڪرايو ويو جتي هنن سڀني شعبن جو جائزو ورتو ۽ مريضن کي مهيا ڪيل سهولتن جو بہ معائنو ڪيو سول اسپتال کي جديد تقاضائن موجب هلائڻ لاءِ وفد سان تفصيلي صلاح مشورا ڪيا ويا، جڏهن تہ وفد مڪمل سهڪار جي خاطري پڻ ڪرائي ان موقعي تي ڊي ايڇ او شڪارپور ڊاڪٽر ارشاد احمد سرڪي ايم ايس سول اسپتال ڊاڪٽر عبدالشڪور قريشي ڊاڪٽر جهانگير شيخ ڊاڪٽر ظهير شمس پتو سيد اظهر شاهہ ڊاڪٽر نجيب شاهہ ڊاڪٽر صفيہ ناز سميت ٻيا بہ موجود هئا.

بقايا 24 ريمانڊ ورتو

ڪري ڇڏي آهي ايس ايس پي عمرڪوٽ عذير احمد ميمڻ پاران پڻ ڪيس جي جلد اڻ ڌري ۽ شفاف جانچ مڪمل ڪرڻ جي سخت هدايت ڏني وئي جانچ آفيسر بهادر خاصخيلي ٻڌايو تہ نوجوان اسماعيل سميجي جو المناڪ قتل ڪيس پوليس لاءِ وڏو چيلنج هو ۽ ايس ايس پي عمرڪوٽ ۽ سموري پوليس ٽيم جي دلي ڪوشش سان 24 ڪلاڪن اندر اصل قاتل کي نہ صرف ظاهر ڪري گرفتار ڪري ورتو اهڙي طرح انشاالله ٻين جوابدارن کي بہ جلد بي نقاب ڪري گرفتار ڪيو ويندو مقتول جي وارثن جي مدد ۽ ايس ايس پي جي نگراني ۾ جانچ مڪمل ڪئي ويندي هوڏانهن مقتول جو والد جمال الدين سميجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان پوليس جي ڪيل ڪارروائيءَ مان مطمئن آهيون ۽ اميد آهي تہ باقي ملوث جوابدار بہ جلد گرفتار ٿيندا ۽ اسان سان ٿيل ناحق ظلم جو ازالو ڪري انصاف ملندو هن چيو تہ مقتول اسماعيل سان جوابدار الهداد 15 ڏينهن اڳ ڪنهن معاملي تي منهن ماري ڪرڻ بعد ۽ رات جي تاريڪيءَ ۾ هن پنهنجن ساٿين سان گڏجي اسانجي گهر تي حملو بہ ڪيو هو هن مڪمل واقعي جي پوليس تحقيقات ڪري پئي اميد تہ جلد اصل حقيقت سامهون اچي وينديون

بقايا 25 ڌوهاري پيش

ڌوهاري پاڻ پوليس جي حوالي ڪندي سرينڊر ڪري ڇڏيو سرينڊر ڪندڙ ڌوهارين ۾ شمشاد ولد محمد شريف جتوئي رهواسي ڪچي علائقي باگوڙجي ۽ قادر بخش ولد الاهي بخش جتوئي رهواسي ڪچي علائقي باگوڙجي شامل آهن.سرينڊر ڪندڙ شمشاد جتوئي تي انتهائي سنگين نوعيت جا (15) مقدما درج هئا جن ۾ قتل، ڦر ڌاڙي، پوليس مقابلي قتل جي ڪوشش، اغوا براءِ تاوان ۽ ٻيا سنگين ڪيس شامل هئا، جڏهن تہ ٻيو ڌوهاري قادر بخش جتوئي تي پڻ سنگين نوعيت جي ستن ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هئا.

بقايا 26 عدالت پيش

پيش ، جوابدار ساٿين جا نالا ميڊيا آڏو ظاهر ڪري ڇڏيا ، صحافي سڏائيندڙ سوشل ميڊيا ايڪٽيوسٽ بہ گروهہ ۾ شامل هجڻ جو انڪشاف ، ڪيترائي روپوش ٿي ويا ، پوليس پاران جاچ جو دائرو وڌايو ويو ميرپورخاص ۾ حساس ادارن وزيرن ۽ اعلي پوليس آفيسرن سميت ٻين عملدارن جي نالن تي فراڊ ڪندڙ گروهہ خلاف ڪارروائي دوران گرفتار ٿيل جوابدار همايون مصطفيٰ گجر کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ، عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي پنهنجن ساٿي جوابدارن جا نالا بہ ظاهر ڪيا آهن ۽ جنهن ۾ صحافي سڏائيندڙ سوشل ميڊيا ايڪٽيوسٽن جي شامل هجڻ جو بہ انڪشاف ٿيو آهي ، عدالت ۾ پيش ٿيڻ جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي جوابدار همايون مصطفيٰ گجر ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو تہ سندس اصل تعلق ڦلهڏيون شهر سان آهي ۽ هو ٻہ مهينا اڳ ميرپورخاص شهر ۾ لڏي آيو هو جتي صحافي سڏائيندڙ سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ عمران ملڪ وسيلي سندس رابطو رضا رند سان ٿيو. جوابدار موجب عمران ملڪ ۽ رضا رند کيس پنهنجي جار ۾ ڦاسائي استعمال ڪيو جڏهن تہ کيس گروهہ جي اصل ارادن جي خبر نہ هئي. رضا رند جي چوڻ تي هن پاڻ کي "ميجر ارسلان" ظاهر ڪري آفتاب ملڪ نالي شخص کي فون ڪري رقم جو مطالبو ڪيو. هن دعويٰ ڪئي تہ رضا رند ۽ عمران ملڪ ماڻهن جي ڪمزورين کان واقف هئا ۽ انهن ڪمزورين جو فائدو وٺي بليڪ ميل ڪندا هئا. جڏهن تہ عمران ملڪ خاص موبائل ايپ ذريعي جعلي ڪالون ڪندو هو. جوابدار ٻڌايو تہ 6 جنوري تي پهريون ڀيرو آفتاب ملڪ کي فون ڪرايو ويو ۽ جڏهن پيسا وصول ڪرڻ جي ڳالهہ آئي تہ هن وڃڻ کان انڪار ڪيو جنهن بعد رضا رند "شاهزيب" نالي نوجوان کي موڪليو جيڪو اتان گرفتار ٿي ويو. ان واقعي کان پوءِ رضا رند ۽ عمران ملڪ هن سان رابطو ختم ڪري ڇڏيو. همايون مصطفيٰ وڌيڪ دعويٰ ڪئي تہ هن گروهہ ۾ ايوان صحافت سان لاڳاپيل ڪجهہ سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ ماڻهو جن ۾ فلڪ شير سميت ٻيا شامل آهن جيڪي ماڻهن بابت معلومات فراهم ڪندا هئا. پنهنجي صفائي ۾ هن چيو تہ هو پاڻ کي محب وطن سمجهي ٿو ۽ کيس خبر نہ هئي تہ کيس اهڙي سنگين جرم ۾ استعمال ڪيو پيو وڃي، جڏهن تہ هن عدالت ۾ سچ ڳالهائڻ ۽ سموريون حقيقتون سامهون آڻڻ جو بہ عزم ظاهر ڪيو ٻئي طرف ذريعن موجب، پوليس جاچ جو دائرو وڌائيندي گرفتار جوابدار رضا رند جي موبائل فون مان اهم ڊيٽا حاصل ڪري ورتو آهي جنهن جي بنياد تي وڌيڪ جوابدارن جي گرفتاري جو بہ امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. جڏهن تہ عمران ملڪ ۽ فلڪ شير سميت ڪجهہ ٻيا جوابدار روپوش ٿي ويا آهن ، ياد رهي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ ٽائون ٿاڻي تي شاهزيب نالي شخص پاران ڪيس داخل ڪرايو ويو جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو تہ همايون مصطفيٰ گجر پنهنجي ساٿين سان گڏ حساس ادارن جو نالو استعمال ڪري سرڪاري نوڪري جو لالچ ڏئي لکين روپين جو فراڊ ڪيو. پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدار همايون مصطفيٰ گجر کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي. جنهن جي نشاندهي تي هڪ ٻيو جوابدار رضا رند پڻ گرفتار ڪيو ويو.

بقايا 27 پٽيشن داخل

4 ڏينهن اڳ تان کنيجي ويل پراپرٽي ڊيلر ڪريم رند جي ڀاءُ حضور بخش رند سنڌ هاءِ ڪورٽ ميرپورخاص ۾ پٽيشن داخل ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو آهي تہ پوليس منهنجي ڀاءُ ڪريم رند کي ٻرهون روڊ تان کنيجي گم ڪيو آهي خدشو آهي تہ منهنجي ڀاءُ کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويندو هن کيس بازياب ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 28 پينل ڪامياب

ڏاهري،ڊپٽي سيڪريٽري ڊاڪٽر ڏتي بخش،فنانس سيڪريٽري ڊاڪٽر اصغر علي شيخ ۽ انفارميشن سيڪريٽري تي ڊاڪٽر حسن راشد چونڊجي ويا جڏهن تہ ايگزيڪيٽو ڪائونسل سوشل سائنسز جي سيٽن تي ڊاڪٽر شاهنواز منگي ۽ مسعود احمد صديقي ،نيچرل سائنس تي ڊاڪٽر مظهر علي خاصخيلي ۽ ڊاڪٽر الياس خاڪي، آءِ ٽي ۽ ڪمپيوٽر تي ڊاڪٽر مهاوير راٺي ۽ توفيق احمد نظاماڻي، آرٽس ۽ هيومنٽيز تي پرويز علي ٻگهيو ۽ ڊاڪٽر مفتي حفيظ الرحمان ڪامياب ٿي ويا. اليڪشن ڪميٽي ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالمنان شيخ، پروفيسر الطاف احمد سمائر ۽ ڊاڪٽر نجم شيخ شامل آهن

بقايا 29 فوت، ڌرڻو

ٿي ويو جنهن بعد سندس وارثن پاران فوتيءَ جو لاش کڻي سچل سرمست گيٽ قومي شاهراهہ تي رکي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي سبب قومي شاهراهہ جي ٻنهي پاسن کان سوين گاڏيون بيهجي ويون. ان موقعي تي مظاهري جي اڳواڻي امير بخش جوڻيجو مسمات ارشاد خاتون، مسمات شهزادي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي مظاهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان راڻي پور ٿاڻي تي ڪيترائي دفعا درخواستون ڏنيون ۽ مخالف عبدالواحد جوڻيجو مٿان ڪيس پڻ داخل ڪرايو پر پوليس کيس کي تحفظ فراهم ڪري رهي آهي کيس کي گرفتار نہ ڪيس ڇاڪاڻ جو هو پاڻ پوليس اهلڪار آهي هنن چيو تہ اسان کي پنهنجي برادري جي ماڻهن مان خطرو آهي پوليس ڪو بہ تدارڪ نہ ڪيو آهي هنن وڌيڪ چيو تہ عبدالواحد جوڻيجو روزانو ڌمڪيون ڏيندو رهندو هو هن اج اسان جي گهر تي حملو ڪيو جنهن سبب سڪندر جوڻيجو کي اٽيڪ اچي ويو جنهن کي گمس اسپتال کڻي وياسين جتي هو فوت ٿي ويو اسان آءِ جي سنڌ کي اپيل ڪيون ٿا تہ اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسان هي ڌرڻو جاري رهندو جڏهن تہ ايس ايڇ او راڻي پور مظاهرين وٽ پهچي ڪين سان ڳالهيون ڪيون ۽ ڪين انصاف جي يقين ڏياڻي ڪرائي ڪين مڪمل انصاف ملندو جنهن بعد مظاهرين ڌرڻو ختم ڪيو

بقايا 30 عورتن جو احتجاج

جهڏوڪ سينيما روڊ، ڳاڳي کهاڙي روڊ، وارهہ روڊ، باڊهہ روڊ ۽ ٽوٽاري محلا ۾ ڊوائيس هولڊرز سرعام غريبن جي کيسي تي ڌاڙو هڻي رهيا آهن ال آصف ڪميونيڪيشن جو ساجد ٿيٻو ۽ ٻيا ڊوائيس مالڪ بنا ڪنهن خوف جي ڪٽوتي ڪري رهيا آهن هن سڄي نيٽورڪ جو مبينا طور مک ماڻهو ڪرتا ڌرتا اسلم شيخ آهي جنهن ڊوائيس مافيا کي کلي ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي پئسا وٺڻ لاءِ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين قطارن ۾ بيٺل رخسانا خاتون صدف خاتون آمنہ سميت ٻين نيائين ۽ امرين ڏانهينيندي چيو تہ اسان پهريان ئي مهانگائي جي ماريل آهيون مٿان وري هي ڊوائيس وارا اسان جي حق تي ڌاڙو هڻي رهيا آهن جيڪڏهن اسان احتجاج ڪريون ٿيون تہ پئسا نہ ڏيڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون نصيرآباد جي متاثر عورتن سنڌ حڪومت، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن روبينہ خالد، ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس مافيا خلاف فوري طور ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي ملوث جوابدارن جا لائسنس رد ڪري ڪين جيل حوالي ڪيو وڃي ۽ غريب عورتن کي انهن جي پوري رقم شفاف طريقي سان فراهم ڪرڻ يقيني بڻائي وڃي

بقايا 31 متاثرن جو احتجاج

رولايو وڃي ٿو ڊوائيسز مافيا سان پوليس ۽ ٻيا ملوث آهن هنن چيو تہ ڊوائيسز مافيا جي خلاف ڪارروائيءَ ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا 32 گهر سڙي رک

گهر شامل آهن باهہ متاثرين جو چوڻ آهي تہ اطلاع ڏيڻ باوجود فائربرگيڊ جو عملو نہ پهتو آهي باهہ لڳڻ ڪري 2 ٻڪريون، اناج، بسترا، کٽون ۽ ٻيا قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويا آهن ۽ جنهن ڪري کليل آسمان هيٺ، ٻي يارو مددگار ويٺل آهيون باهہ متاثرين ڊي سي مٽياري ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي تہ ٿيل نقصان جو ازالو ڪري مالي مدد ڪئي وڃي

بقايا 33 احتجاجي مظاهرو

احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هن موقعي تي يونين جي ريجنل نائب صدر راشده نظاماڻي چيو تہ ليڊي هيلٿ ورڪر گرمي سردي ۽ خطري باوجود گهر گهر وڃي ماءُ ۽ ٻار جي صحت لاءِ بنيادي خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن ان باوجود جڏهن اهي ملازم رٽائر ٿين ٿيون تہ کين پينشن جهڙو بنيادي حق بہ نہ ٿو ڏنو وڃي، جيڪو انتهائي افسوسناڪ ۽ ظلم آهي جڏهن تہ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان واضح فيصلي ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز کي پينشن جو حقدار قرار ڏئي چڪي آهي هن چيو تہ سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ اهڙو ڪو بہ مسئلو ناهي صرف بدين ۾ رٽائرڊ ملازمن سان امتيازي سلوڪ ڪيو پيو وڃي، جيڪو سراسر ناانصافي آهي هنن بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ، وزير صحت، سيڪريٽري فنانس، اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ، ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن سميت بدين ضلعي جي ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز کي اپيل ڪئي تہ هو فوري طور هن سنگين مسئلي جو نوٽيس وٺن ۽ رٽائرڊ ليڊي هيلٿ ورڪرز کي سندن جائز حق ڏيارڻ ان موقعي تي شاهده ناز رضيہ نياز توقير فاطمہ فخرالنساء ، زبيده خانم عابده نظاماڻي نظيران قمبراڻي زبيده آرائين ۽ ٻين ليڊي هيلٿ ورڪرز پڻ احتجاج ۾ شامل هئيون

بقايا 34 نوجوان فوت

جهوڪ شريف جي رهائشي پرويز علي جانوري جي مٿان چڙهي ويو جنهن جي نتيجي ۾ هو موقع تي فوت ٿي ويو فوتي نوجوان جو لاش سول اسپتال منتقل ڪيو ويو سجاول پوليس ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن تہ ڊرائيور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

بقايا 35 سائره بانو

مذمت ڪندي چيو تہ اسان آءِ جي سنڌ کي گذارش ٿا ڪريون تہ خدا جي واسطي عوام کي اهو احساس ڏيارين تہ پوليس کاتو سياسي پارٽين لاءِ نہ پر عوام جي حفاظت لاءِ آهي.هن چيو تہ پوليس واقعي کي ذاتي تڪرار جو رنگ ڏئي رهي آهي ڪجهہ ڪلاڪن ۾ پوليس کي خبر پئجي تہ اهو واقعو ذاتي نوعيت جو هو؟ هن آءِ جي سنڌ کي هن واقعي جي جاچ ڪرڻ گهرجي پوليس کي سنڌ جي ماڻهن ۽ سانگهڙ جي ماڻهن تي رحم ڪرڻ گهرجي اپيل ڪئي آهي

بقايا 36 اسپتال منتقل

موجب جنهن هنڌ لاش پيل هو اتي ڪنهن ٻئي ماڻهو جي موجودگي جا نشان پيرن جا نشان يا ٻي ڪا بہ شڪي شاهدي نہ ملي سگهي آهي پوليس وڌيڪ ٻڌايو تہ جمشير سڪواڻي جي والدين موجب نوجوان گذريل ٻن سالن کان سرگهي جي مرض ۾ مبتلا هو ابتدائي جاچ موجب نوجوان جو موت سرگهي جي دوري پوڻ سبب ٿيو آهي

بقايا 37 هڪ قتل

برادري جا ٻہ ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا. زخمين مان رضا ڪوسا حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ زخمن جي تاب نہ آڻيندي فوت ٿي ويو جڏهن تہ ٻئي زخمي جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي واقعي بعد فوت ٿيل شخص جي وارثن هالا پوليس خلاف احتجاج ڪندي الزام هنيو تہ واقعي جو ڪيس داخل ٿيڻ باوجود بہ ٻچا برادري سان تعلق رکندڙ بااثر جوابدارن کي گرفتار نہ ڪيو ويو آهي، جيڪا کليل ناانصافي آهي وارثن آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي پوليس کان مطالبو ڪيو تہ نامزد جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل پڻ ڪئي آهي

بقايا 38 هڪ فوت

موٽر سائيڪلن جي وچم آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ جهندو ٻبر جو رهواسي 45 سالن جو رجب علي ٻبر پٽ اسماعيل ٻبر فوت ٿي ويو جڏهن تہ حادثي ۾ هڪ ٻيو آصف علي ٻبر سخت زخمي ٿي پيو ان دوران ڪڙو پوليس حادثي واري جاءِ تي پهچي زخمي ۽ فوتي جي لاش کي تعلقي اسپتال خيرپور ناٿن شاهہ پهچايو جتي فوتي جي ضروري ڪارروائي ڪرڻ کانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي جو مڙهہ ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هوڏانهن سخت زخمي ٿيل جي حالت ڳنڀير جوکي ٻڌائي پئي وڃي جيڪو زير علاج آهي

DAWOOD UNIVERSITY

DAWOOD UNIVERSITY OF ENGINEERING AND TECHNOLOGY (DUET)

New M.A. Jinnah Road, Karachi-74800(PAKISTAN)
PHONE: 021-99231195-98, 99230307, 99232381

CAREER OPPORTUNITY

Applications for the following non-teaching position on purely contract basis are invited from qualified candidates having domicile of Sindh Province

NON-TEACHING POSITION

S.NO	POSITION AND BPS	NUMBER OF POST	AGE LIMIT (MAXIMUM)
1.	**Director QEC.** (Equivalent to BPS-20). Tenured Post.	01	45 Years

1. Please visit the official website **https://duet.edu.pk/careers/** for the complete procedure of applying, details regarding the qualification, experience, eligibility criteria and other terms and conditions.
2. The application forms complete in all respects should reach to the Director Human Resources (HR) Office on or before **Tuesday, the 10-02-2026** through courier service.

Sd/-
Director Human Resources
Dawood University of Engineering and Technology
New M. A. Jinnah Road, Karachi-74800 (Pakistan)

URAAN PAKISTAN

PID K-2607/25

ڊائريڪٽوريٽ جنرل آف پبلڪ لائبريريز سنڌ ڪلچر، ٽوئرزم، اينٽيڪئٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ

عهدا خالي آهن

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان ڊائريڪٽوريٽ جنرل آف پبلڪ لائبريريز سنڌ، ڪلچر، ٽوئرزم، اينٽيڪئٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ ۾ هيٺ ڏنل خالي جاين لاءِ درخواستون طلب ڪيون وڃن ٿيون. جيئن هيٺ ڏنل پوسٽن تي ظاهر ڪيل قابليت ۽ تجربي مطابق، هن اشتهار جي اشاعت جي (15) ڏينهن اندر:-

سيريل نمبر	عهدي جو نالو	عمر جي حد	تعليمي قابليت، تجربو ۽ ٻيون حالتون ڀرتي جي ضابطن مطابق	خالي عهدن جو ڪل تعداد
01	لائبريري اسسٽنٽ (بي پي ايس-14)	21-28	HEC جي تسليم ٿيل يونيورسٽي مان لائبريري سائنس ۾ گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ بيچلر ڊگري.	12
02	ڪلاسيفائر (بي پي ايس-13)	21-28	HEC جي تسليم ٿيل يونيورسٽي مان لائبريري سائنس ۾ گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ بيچلر ڊگري.	10
03	اڪائونٽ اسسٽنٽ (بي پي ايس-11)	21-28	ايڇ اِي سي جي تسليم ٿيل يونيورسٽي مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ B.com.	07

2- جيڪي درخواست ڏيندڙ هيٺ ڏنل گهرجن کي پورو ڪن ٿا، انهن کي سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk تي مٿي ذڪر ڪيل خالي عهدن لاءِ درخواست ڏيڻ گهرجي.

- i. درخواست ڏيندڙن کي سکر IBA ٽيسٽنگ سروسز (STS) پاران ڪيل گريجوئيشن ڪيٽيگري جي جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ کي گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو نمبرن سان ڪاميابي سان پاس ڪرڻ گهرجي ۽ مٿي ذڪر ڪيل پوسٽ تي مقرري لاءِ گهربل STS پاران جاري ڪيل ان جو سرٽيفڪيٽ هجڻ گهرجي.
- ii. سنڌ سول سرونٽس (عمر جي حد ۾ رعايت) رولز، 2024، تاريخ: 16 آڪٽوبر، 2024 جي اعلان کان اڳ ٽيسٽ لاءِ درخواست ڏيندڙ اميدوارن جي عمر جو حساب درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ يعني 30.11.2021 کان ڪيو ويندو، عمر جي مٿئين رعايت جي حد 15 سال هوندي. جڏهن تہ انهن لاءِ 05 سال جيڪي مٿي ڏنل رولز جي اعلان کانپوءِ درخواست ڏني ۽ عمر جو حساب سنڌ حڪومت جي سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن مطابق ڪيو ويندو.
- iii. شروعاتي مقرري لاءِ رکيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي قانون/ضابطن/پاليسي جي مطابق عمل ڪيو ويندو.
- iv. اهي درخواست ڏيندڙ جيڪي اڳ ۾ ئي سرڪاري نوڪري ۾ آهن، انهن کي انٽرويو جي وقت کان ڊپارٽمينٽ سليڪشن ڪميٽي اڳيان جمع ڪرائڻ لاءِ اين او سي حاصل ڪرڻ گهرجي.
- v. مقرري سنڌ حڪومت پاران نوٽيفڪيشن ڪيل پاليسي ۽ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ 1973 ۽ ان جي قاعدي جي تحت ڪئي ويندي. جيئن وقت بوقت ترميم ڪئي ويندي آهي.
- vi. صرف اهل ۽ شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي انٽرويو لاءِ سڏايو ويندو.
- vii. درخواست ڏيندڙن کي جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيل شيڊيول مطابق انٽرويو لاءِ اصل دستاويزن سان گڏ ڊپارٽمينٽ سليڪشن ڪميٽي اڳيان پيش ٿيڻ گهرجي.
- viii. انٽرويو لاءِ ڪو بہ TA/DA قابل قبول نہ هوندو.

ڊائريڪٽوريٽ جنرل آف پبلڪ لائبريريز سنڌ
ڪلچر، ٽوئرزم، اينٽيڪئٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ

INF-KRY.NO.0320/2026

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

ٺل لڳ جاري آپريشن ۾ وڏي ڪاميابي، بنگلاڻي گينگ جا 5 ڌوهاري پوليس آڏو پيش

گهيرو تنگ ٿيڻ بعد بنگلاڻي گينگ جي منصب، حيات، گلزار احمد، حامد، مير حسن بنگلاڻي گرفتاري پيش ڪئي

جيڪب آباد مقرر ٿيڻ کان فوري بعد تعلقي ٺل ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن تيز ڪري ڇڏيو؛ ايس ايس پي

ڌوهارين پاران پنهنجو پاڻ پوليس آڏو پيش ٿيڻ پوليس جي وڏي ڪاميابي آهي، امن امان صورتحال بهتر ٿيندي

جيڪب آباد (ڊ ر) ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ پاران ڌوهارين جو گهيرو تنگ، هڪ ڀيرو ٻيهر بنگلاڻي گينگ جا 5 ڌوهاري پوليس آڏو پيش ڌوهارين خلاف آپريشن تيز ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪاميابي ملي آهي: ايس ايس پي خبر موجب: جيڪب آباد پوليس ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ جي اڳواڻي ۾ ڌوهارين خلاف بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: هٿيار پيش ڪندڙ بنگلاڻي گروهه جا ڌوهاري پوليس جي حراست ۾ بيٺل آهن

ٺٽون ڳوٺ مقتول اميد علي سرگاٺي جو 10 ڄڻن تي ڪيس داخل

مقتول جي ڀاءُ صدام حسين جي فرياد تي 8 سڃاتل ۽ 2 نامعلوم تي ڪيس داخل ڪيو ويو

واقعي کي 5 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس ڪا به ڪارروائي نه ڪري سگهي

ٺٽون ڳوٺ (ن ع) ٺٽون ڳوٺ يوسي جي ڳوٺ گهارو واسي 5 ڏينهن اڳ ميهڙ ۾ بيدردي سان مبينه قتل ڪيل نوجوان اميد علي سرگاٺي جو قتل ڪيس 8 سڃاتل جنهن ۾ جوابدار خلاف 1 ڪريم بخش سرگاٺي 2 بابر سرگاٺي 3 پورو عامر سرگاٺي 4 راشد عرف قادن سرگاٺي 5 مٺل عرف دلدار سرگاٺي 6 رياض سرگاٺي 7 دلبر سرگاٺي 2 اڻسڃاتل ماڻهو مٿان مقتول جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

راڌيپور ۾ هفتو اڳ بند ڪرايل مال ٻيهر شروع، رهواسي پاران احتجاج جو چتاءُ

باب احمد شاهه گيٽ تي لڳندڙ غيرقانوني مال پڙي سبب سخت پريشاني آهي: رهواسي

مال پڙي مڪمل طور تي ختم ڪرائي وڃي، ٻي صورت احتجاج تي مجبور ٿي وينداسين

راڌيپور(ن ع) راڌيپور جي باب احمد شاهه گيٽ تي غيرقانوني طور لڳندڙ مال پڙي هڪ هفتو اڳ مختيارڪار ختم ڪرائي هئي پر اتي ٻيهر مال پڙي لڳائي وئي، جنهن سبب شهري ان جا رهواسي سخت پريشانيءَ کي منهن ڏيڻ لڳا، گذريل هفتي اسسٽنٽ ڪمشنر سوبوديرو سخت نوٽيس وٺندي اهم قدم کنيو ۽ ان مال پڙيءَ کي مستقل بنياد تي ختم ڪرائي ڇڏيو واضح رهي ته اسسٽنٽ ڪمشنر جي هدايتن تي پوڻي مختيارڪار پياس علي پتافي پوليس بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ کهڙا واسين جو کهڙا ۾ پنج ڏينهن اڳ قتل ٿيل طالب علم جي قاتلن لاءِ احتجاجي مظاهرو

مقتول عدنان چنا جي وارثن وحيد علي، يونس، نعيم احمد، ممتاز علي، ڊاڪٽر نذير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

طالب علم عدنان کي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي خودڪشي جو ڊرامو رچايو پيو وڃي: مظاهرين

مدرسي ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرا هجڻ باوجود فوٽيجز مٽايا ويا آهن، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(ڊ ر)گمبٽ کهڙا ۾ پنج ڏينهن اڳ مخدوم شهيد عبدالرحمان جي مدرسي جي طالب علم مقتول عدنان علي چنا جي خون سان انصاف ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ معصوم عدنان علي چنا جي وارثن چنا بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٺٽون ڳوٺ: قتل ٿيل شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

شهدادپور ۾ مال جي واپارين جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور جي ڳوٺ حاجي واحد ڏنو لاڪو جي واپاري ڏٽي پرتو لاڪو ۽ شاهنواز لاڪو صحافين آڏو دانهيندي الزام هنيو آهي ته واپاري مراد علي شاهه عرف ممتاز شاهه مون کان سوا چار لک ۾ مينهن خريد ڪئي جنهن جا 95 هزار روپيا ڏني بقيه 3لک 30هزار ڪاٽي ويو آهي هن پيسا گهرڻ تي مون کي وياج جي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور ۾ موٽرسائيڪل ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر، هڪ فوت، ٻيو زخمي

باڊيڪو پيٽرول پمپ سامهون تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل ۾ زوردار ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڪانجي پٽ ميرو ڪولهي موقعي تي فوت، مانو ڪولهي زخمي ٿي پيو

لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل، ٽريڪٽر ڊرائيور موقعي تان فرار، پوليس ٽريڪٽر ٽرالي کي تحويل ورتو

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور- گولاڙچي روڊ غريب آباد ڪالوني وٽ باڊيڪو پيٽرول پمپ سامهون تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل ۾ زوردار ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ حادثو ٿي پيو جنهن بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور: فوتي نوجوان جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

پوليو خاتمي لاءِ محنت، ايمانداري ۽ گڏيل حڪمت عملي جي ضرورت آهي: ڊي سي مٽياري

والدين پنهنجي ٻارن کي پوليو ڦڙا ضرور پيارين ته جيئن صحتمند مستقبل کي يقيني بڻائي سگهجي

پوليو مهم 02 فيبروري کان شروع ڪئي ويندي، 181،722 ٻارن کي پوليو ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو آهي

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو آهي ته پوليو جي خاتمي لاءِ مسلسل محنت، ايمانداري ۽ گڏيل حڪمت عملي جي ضرورت آهي ۽ جيڪي آفيسر ۽ عملي ماضي ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري آهي اهي ٻين لاءِ مثال آهن هن والدين تي زور ڏنو ته هو پنهنجي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا ضرور پيارين ته جيئن صحتمند مستقبل کي يقيني بڻائي سگهجي ضلعي انتظاميا مٽياري پاران اينڊ پوليو نيشنل اميونائيزيشن ڊيز (NIDs) فيبروري 2026 ع جي حوالي سان آگاهي ريلي ڪڍي وئي جيڪا تعلق بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

پوليو مطلب مستقل معذوري
مٽياري: ڊپٽي ڪمشنر جي اڳواڻي ۾ پوليو جاڳرتا ريلي ڪڍي پئي وڃي

هنگورجا جي ڳوٺ احمد خاصخيلي جو پرائمري اسڪول استاد نه هجڻ ڪري بند، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

هنگورجا (ن ع) هنگورجا جي ڳوٺ احمد علي خاصخيلي جو پرائمري اسڪول ڪيترن ئي مهينن کان بند پيل آهي، ڳوٺاڻن پاران اسڪول ۾ استاد مقرر نه هجڻ ڪري تعلقه آفيسر سپروائيزر توڙي تعليم بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: هڪ پورهيت ناري مڪئي جا سنگ پچي رهي آهي

شاهپورچاڪر ۾ استاد احمد رضا شر کي ڪنهي گم ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين اختر سنجراڻي، عارف خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

جيڪڏهن استاد احمد رضا شر کي آزاد نه ڪيو ويو ته ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاج ڪنداسين

شاهپورچاڪر(ن ع) شاهپورچاڪر ۾ رات جو نامعلوم گاڏين ۾ سوار گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول شاهپور چاڪر جي استاد احمد رضا شر کي ڪنهي گم ڪرڻ جي خلاف نوجوان اتحاد تنظيم جي اڳواڻن اختر سنجراڻي عارف خاصخيلي،زاهد علي ڏاهري جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي مظاهرو ريلي ڪڍي پريس ڪلب شاهپورچاڪر اڏو ڌرڻو هڻي ويهي رهيا احتجاجي مظاهرو ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته استاد احمد رضا شر گورنمينٽ بوائز هائر سيڪنڊري اسڪول جو استاد آهي جنهن کي ظلما طور رات جي انڌيري ۾ سنڌس بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران ڌوهارين خلاف ڪاروائيون، هڪ زخمي سميت 4 خطرناڪ ڌوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪنگري واري علائقي ۾ مقابلي بعد ڌاڙيل بخش علي شاهاڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو: پوليس

شاهه حسين واري علائقي ۾ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري 11 ڦر ٿيل موٽر سائيڪلون برآمد ڪيون آهن

هٿ آيل موٽرسائيڪلون اصل مالڪن حوالي ڪيون آهن، ڌوهارين جي خاتمي تائين ڪاروائيون جاري رکيون

خيرپور(عبدالمجيد پنهور)خيرپور ۾ ڌوهارين خلاف ڪاروائين دوران پوليس هڪ زخمي ڌاڙيل سميت چار خطرناڪ ڌوهاري گرفتار ڪري ورتا آهن جڏهن ته جوابدارن جي قبضي مان هٿيار ۽ 11 ڦر ٿيل موٽر بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

رستم پوليس پاران قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

چڪ (ن ع) رستم پوليس 5 ڏينهن اڳ ڳوٺ محمد حسن چنڙ ۾ قتل ٿيل عورت سيما زال عبدالرزاق چنڙ جي ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي ڪندي مک جوابدار غلام محمد چنڙ کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب جوابدار واقعي ڪانپوءِ فرار ٿي ويو هو جنهن جي گرفتاري لاءِ مختلف علائقن ۾ ڇاپا هنيا ويا،پوليس جو چوڻ آهي ته قتل جو واقعو گهريلو تڪرار تان پيش آيو بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: نوجوان جي قتل ۾ ملوث جوابدار کي عدالت آندو پيو وڃي

دادو ۾ معذور جو وڳي ڀاءُ جي ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

دادو(ڊ-ر) شهيد مخدوم بلاول جي رهواسي پيرسن فالج جي مريض عطا محمد پنهور دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته وڳي ڀاءُ محمد علي پنهور جيڪو پوليس ۾ اهلڪار آهي پنهنجي وردي جو ناجائز استعمال ڪري مونکي ۽ منهنجي مرحوم ڀاءُ پوليس اهلڪار نبي بخش پنهور کي ڪاغذ ۾ پيسن عيوض سڳو ڀاءُ ڏيکاري سنڌس پينشن کٽي رهيو آهي جنهن سبب آءُ فالج جو مريض پنهنجي زندگي تڪليف ۾ گذارڻ تي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ اولين ترجيح آهي: ڊي سي ڪشمور

لاڳاپيل ادارا اهڙن عوامي هنڌن جي نشاندهي ڪن جتي فائر هائيڊرنٽس ۽ سهولتن جي ضرورت آهي

سرڪاري ۽ نجي عمارتن، مالز ۽ شاپنگ سينٽرن جي فائر سيفٽي آڊٽ عمل کي سختي سان يقيني بڻايو وڃي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪشمور: عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ اولين ترجيح آهي ۽ ان حوالي سان ڪنهن به قسم جي غفلت يا لاپرواهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور آغا شير زمان ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور آغا شير زمان جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ سرڪاري ۽ نجي عمارتن، شاپنگ سينٽرن ۽ ٻين ڪمرشل عمارتن جي فائر بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

بٺوري ۾ هڙادو مهانگائي خلاف پورهيتن جو احتجاجي مظاهرو

اٽي، سبزي، گوشت جا هڙادو اگهه مقرر ڪري عوام کي ليٽيو پيو وڃي: مظاهرين

انتظاميا پاران منافعي خور واپارين خلاف ڪا به ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي

ميرپوربٺورو(ن ع) ميرپوربٺورو ۾ هڙادو مهانگائي خلاف پورهيتن جو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو اٽي سبزي، فروٽ سميت مرغي جي گوشت جا هڙادو اگهه مقرر ڪري عوام کي ليٽيو پيو وڃي، اعلي اختياريون هڙادو مهانگائي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري پورهيتن جو مطالبو خبر موجب ميرپوربٺورو ۾ وڌندڙ هڙادو مهانگائي جي آزار خلاف پورهيتن پاران امجد مگنهار قاسم ڪوڙ اشوڪ مهيشوري ۽ اڪبر ملاح جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڊاڪٽر انور علي عالماڻي جي قتل خلاف ٽنڊومحمدخان ۽ حيدرآباد بار جو گڏيل اجلاس

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار حيدرآباد ۽ ٽنڊو محمد خان ڊسٽرڪٽ بار جو قرار داد ذريعي جوابدارن گرفتاري جو مطالبو

قتل واقعي ۾ ملوث 3 جوابدار اڃا تائين روپوش، پوليس 9 مهينن ۾ گرفتار نه ڪري سگهي: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) سنڌ جي مها ليکڪ اديب دانشور ڊاڪٽر انور علي عالماڻي جي سوٽ هاري سميت قتل ٿي ويل واري واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن حيدرآباد ۽ ٽنڊو محمد خان ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن گڏيل طور اجلاس ذريعي قاتلن جي گرفتاري لاءِ قرارداد پاس ڪري ورتي آهي ، سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن حيدرآباد جي صدر بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ ممڪن ناهي، پهريان اسان کي ٽڪرا ڪيو پوءِ سنڌ ورهايو: لياقت جتوئي

مان وڏيرو ناهيان مان نظرياتي ماڻهو آهيان، زرداري ٽيم کي جيل موڪليندس

اسان جي حڪومت ۾ نوڪريون ميرٽ تي ملنديون، جيڪڏهن ڪميشن ثابت ٿيو ته سياست ڇڏي ڏيندس

دادو(ڊ ر) اڳوڻي وزيراعليٰ سنڌ ۽ جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ لياقت علي جتوئي عوامي اجتماع کي خطاب ڪندي چيو ته مون کي ان ڪري هارايو پيو وڃي جو مان عوام جي ڳالهه ڪندو آهيان پيپلز پارٽي ڪشمش جا واپاري ڪٽي آئي آهي نه ڪيس آهي نه بجلي اسپتالن ۾ علاج موجود بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سياست ۽ صحافت جو چولي دامن وارو ناتو آهي، پ پ مضبوط وفاق جي علامت آهي: اظهر سيال

ڪجهه نادان نابالغ سياسي سوچ رکندڙ سنڌ کي ورهائڻ جون ڳالهيون ڪن پيا پر پ پ سنڌ جي وحدت تي ڪو به وار برداشت نه ڪندي

حيدرآباد جي سياست توڙي صحافت ملڪي سطح تي فيصلا سازي ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي آهي: ايڇ يو جي اڳواڻ

پ پ حيدرآباد ضلعي جي سينيئر نائب صدر اظهر سيال جي وفد سان گڏ پريس ڪلب آمد، ايڇ يو جي جي نون چونڊيل عهديدارن کي تحفا پيش

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد جي سينيئر نائب صدر اظهر سيال جي وفد سان گڏ حيدرآباد پريس ڪلب آمد، ايڇ يو جي جي نون چونڊيل عهديدارن کي اجرڪن ۽ گلن جا بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5


لاڙڪاڻو: مقامي ڪاليج ۾ لڳايل سائنس ميلي ۾ شاگرديائيون اسٽال ڏيکاري رهيون آهن

حيدرآباد: ريڊيو پاڪستان ٻاهران مزدور چڪو ٺاهي رهيا آهن

ٺٽون آباد لڳ هٿياربندن هٿان زخمي ڳوٺاڻو اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

گذريل ڏينهن نامعلومن مير محمد شاهه کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا هئا

زخمي کي حيدرآباد اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

جام نوازعلي (ن ع) ٺٽون اباد ٿاڻي جي حد ۾ هڪ ڏينهن اڳ نامعلوم ماڻهن پاران حملو ڪري بي دردي سان زخمي ڪيل ڳوٺ معصوم شاهه جي رهواسي مير محمد شاهه زخمن جا سور نه سهندي حيدر آباد جي سول اسپتال فوت ٿي ويو مقتول جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو حد جي پوليس واقعي جي اصل ڪارڻ معلوم ڪري نه سگهي مقتول جو قتل ڳجهارت بڻجي وئي علائقي ۾ سخت خوف وارو ماحول هڪ ڏينهن اڳ رات دير سان نامعلوم هٿيار بندن هٿان گهر ۾ گهڙي ڪهاڙين جي وار ڪري بي دردي سان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

واهه: سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين عبدالقادر کي پاڪستان آرڊيننس فيڪٽري جي دوري جي موقعي تي بريفنگ ڏني پئي وڃي

پنوعاقل لڳ مهيسر ۽ ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان نينگر زخمي

ڳوٺ ڳاڙهڪر ۾ جوابدارن نينگر ظفر ميراڻي کي تشدد ڪري زخمي ڪري فرار ٿي ويا

زخمي کي وارث اسپتال کڻائي آيا جتان نازڪ حالت ۾ سکر ريفر ڪيو ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل پرسان دادلو ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڳاڙهڪر ۾ اسڪولي شاگرد مٿان تشدد جو الزام شاگرد تعلقہ اسپتال منتقل،جتان سکر ريفر ،مهيسر ۽ ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان نوجوان اسڪولي شاگرد ظفر ميراڻي مٿان تشدد، ياد رهي ته ڪجهه سال اڳ ڪٽڪ جي ديري تي ستل نيڪ محمد مهيسر کي هٿياربند گوليون هڻي زخمي ڪري ويا جنهن بعد نوجوان نيڪ محمد مهيسر ڪجهه ڏينهن بعد علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيس جنهن ڪانپوءِ مقتول نوجوان جي وارثن قتل جو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سيتاراجا لڳ جوابدارن جو صحافي سليم رضا لنڊ جي پيءُ تي تشدد، 2 ڄڻا گرفتار

چوپائي مال جو واپار جا پئسا گهرڻ تي جوابدارن وسيم لنڊ تي وحشياڻو تشدد ڪيو

صحافين جي احتجاج بعد پوليس جٽ برادري جي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي

سيتاراجا(ن ع) چوپائي مال جو واپار ڪندڙ نوجوان مٿان سيتاراجا پرسان جوابدارن ڪنب جي سينئر صحافي سليم رضا لنڊ جي پيءُ وسيم رضا لنڊ کي سيتاراجا ٿاڻي جي حد ۾ محسن شاهه لڳ جٽ برادري جي ڳوٺ ۾ چوپائي مال جي واپار جا پئسا وٺڻ لاءِ وڃڻ دوران جوابدارن پئسا ڏيڻ بجاءِ سنڌس مٿان تشدد ڪري ڳچيءَ ۾ رومال وجهي گهلي سخت تشدد ڪيو ويو جنهن کي زخمي حالت ۾ ميرواهه اسپتال داخل ڪرايو ويو آهي هن ڏس ۾ متاثر جي وارثن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو پيءُ مال جي واپار جي رقم وٺڻ ويو جتي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻن جو چوپائي مال جي چورين خلاف احتجاجي مظاهرو

اسان جي ڳوٺن ۾ چوپائي مال جون سرعام چوريون ٿي رهيون آهن: مظاهرين

چورن کي ننگرپارڪر ۽ ڏانوڏانڌل پوليس جي آشيرواد حاصل آهي، نوٽيس ورتو وڃي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڪندر علي بجير) ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڏاڀي سمان جي ڳوٺاڻن پاران چوپائي مال جي چورين خلاف پريس ڪلب اسلام ڪوٽ آڏو احتجاج،ڳوٺاڻن حنيف سمون،مير محمد سمون،محمد صديق سمون،حفيظ سمون،محمد قبول،محمد هاشم،محمد يوسف سمون ۽ ٻين دانهيندي چيو ته اسان جي ڳوٺن ۾ چوپائي مال جون سرعام چوريون ٿي رهيون آهن،تازو پنجن مهينن ۾ 50 کان وڌيڪ چوپايو مال چوري ٿي چڪو آهي،چورن کي ننگرپارڪر ۽ ڏانوڏانڌل پوليس جي آشيرواد حاصل آهي،اسان چورن بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

چمبڙ ويجهو هٿياربندن جي گهر تي ڌاڙو، سون ۽ چاندي ڦر

نامعلوم ڦورو هٿياربندن ڪولهين جي گهر اندر داخل ٿي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻايو

جوابدار سون ۽ چاندي ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار، واقعي خلاف متاثرن جو احتجاج

چمبڙ (ن ع) چمبڙ ويجهي بلاول پبلڪ ڪاليج پرسان مقاتيدار سڪندر لاشاري جي زمين تي ڪکاوان گهر ٺاهي ويٺل پورهيت چيتن ولد ڏنگو ليمون ولد چترو پدمو ولد چترو ڪولهي جي گهرن اندر رات دير سان نامعلوم ڦورو داخل ٿي هٿيارن جي زور تي تمام گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي عورتن ۾ پريمي زال ليمون ڪولهي ،چميا زال پدموگوري زال چيتن ڪولهي جي پيرن ۾ پاتل چاندي بيوهه ٻنڊڙي امڙ جي هٿن پيرن ۾ چاندي جون ڪڙيون ۽ نڪن ۾ پاتل سون جون ڦلڙيون لاهي کڻي ويا، اطلاع تي چمبڙ پوليس پهچي پيرو کڻائڻ جي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: بند پيل احمد علي خان خاصخيلي پرائمري اسڪول

ضياءُالدين اسپتال جي وفد پاران شڪارپور سول اسپتال جو دورو ڪري جائزو ورتو

وفد ۾ ڊاڪٽر ندا عاصم، ڊاڪٽر وي سي عباس ظفر، پروفيسر محمد علي شيخ ۽ ٻيا شامل هئا

سول اسپتال کي جديد تقاضائن موجب هلائڻ لاءِ وفد سان تفصيلي صلاح مشورا ڪيا ويا

شڪارپور (ڊ ر) سنڌ اسيمبلي جي رڪن امتياز احمد شيخ سول اسپتال شڪارپور کي جديد سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر ضياءُالدين اسپتال جي وفد کي شڪارپور اچڻ جي دعوت ڏني هئي جنهن بعد ڊاڪٽر ضياءُالدين اسپتال جو وفد گذريل ڏينهن شڪارپور هائوس شڪارپور پهتو جتي وفد جو شاندار آڌرڀاءُ ڪيو ويو وفد ۾ ڊاڪٽر ندا عاصم ڊاڪٽر وي سي عباس ظفر پروفيسر محمد علي شيخ سميت ٻيا شامل هئا امتياز احمد شيخ وفد کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ تحفي طور پيش ڪيا بعد ۾ وفد کي "آر بي يو ٽي" سول اسپتال بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ پوليس اسماعيل سميجو ڪيس ۾ گرفتار جوابدار عدالت پيش ڪري ريمانڊ ورتو

پوليس جوابدار الهداد سميجو کي عدالت پيش ڪري ست ڏينهن جو ريمانڊ گهريو

مقامي عدالت ٽي 3 ڏينهن جو ريمانڊ ڏئي جوابدار کي پوليس حوالي ڪيو

عمرڪوٽ (ن ع) عمرڪوٽ جي مڪ موتي چوڪ تي ڪي ڏينهن اڳ گلو ڪپي بيدردي سان قتل ٿيل نوجوان اسماعيل سميجو ڪيس جي گرفتار مڪ جوابدار الهداد سميجو کي عمرڪوٽ پوليس مقامي عدالت ۾ پيش ڪري، عدالت کان ست ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي درخواست ڪئي پر عدالت کي 3 ڏينهن جو ريمانڊ ڏئي جوابدار کي پوليس حوالي ڪيو عدالتي ريمانڊ بعد جاچ آفيسر بهادر خاصخيلي پاران جاچ جو دائرو وڌائيندي جاچ تيز بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي سکر آڏو ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث ٻه وڏيڪ ڌوهاري پيش

پيش پوندڙ ڌوهارين ۾ شمشاد تي 15 ۽ قادر بخش جتوئي تي ست ڪيس داخل آهن: پوليس

باگڙجي ڪچي ۾ جاري آپريشن دوران ۽ گهيرو تنگ ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڌوهاري پيش پيا آهن

سکر(بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو/سکر ناصر آفتاب ۽ ايس ايس پي سکر اظهر خان جي قيادت هيٺ باگڙجي ڪچي جي علائقن ۾ جاري آپريشن دوران خطرناڪ ڌوڪڙن خلاف گهيرو تنگ ڪرڻ جي نتيجي ۾ انتهائي سنگين نوعيت وارن ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث ٻه وڏيڪ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص حساس ادارن جي نالي ٺڳي ڪندڙ گروهه جو پردو فاش، گرفتار جوابدار عدالت پيش

گرفتار جوابدار پاران پنهنجي ساٿين سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ عمران ملڪ ۽ رضا رند جا نالا ظاهر ڪيا

گروهه ماڻهن جي ڪمزورين کان واقف هوءِ ان جو فائدو وٺي بليڪ ميل ڪندو هو: همايون گجر

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ حساس ادارن جي نالي تي ٺڳي ڪندڙ گروهه جو پردو فاش، جوابدار همايون مصطفيٰ گجر عدالت ۾ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

شهدادپور مان ڪنهي گم ڪيل پراپرٽي ڊيلر ڪريم رند جي بازيابي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل

شهدادپور(ن ع) شهدادپور جي برهون روڊ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

جي سي يونيورسٽي حيدرآباد ٽيچرس ايسوسيئيشن جي چونڊ، پروگريسو پينل ڪامياب

ڊاڪٽر شفيق احمد شاهاڻي صدر ۽ ڊاڪٽر شڪيل احمد ميمڻ سينئر نائب صدر منتخب

پرويز سولنگي جنرل سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري عبدالسميع ڏاهري،ڊپٽي سيڪريٽري ڏتي بخش جوڻيجو ٿيا

حيدرآباد(رپورٽ: اعجازلغاري) جي سي يونيورسٽي حيدرآباد ٽيچرس ايسوسيئيشن جي چونڊ پروگريسو پينل جا سمورا عهديدار وڏي اڪثريت سان ڪامياب،ڊاڪٽر شفيق احمد شاهاڻي صدر، ڊاڪٽر شڪيل احمد ميمڻ سينئر نائب صدر،مس اقرا لاکو نائب صدر فيميل، ڊاڪٽر الله رکيو جوڻيجو نائب صدر، پرويز سولنگي جنرل سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر عبدالسميع بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

راڻي پور پرسان جوڻيجا ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو، دل جي دوري سبب هڪ ڄڻو فوت، ڌرڻو

ڳوٺ وريو واهڻ ۾ جهيڙي دوران 40 ورهين جي سڪندر علي جوڻيجو مبينا دل جو دورو پوڻ سبب بيهوش ٿي

ڳوٺاڻي کي وارث کڻائي گمس اسپتال پهتا ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي ته وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

وارثن امير بخش جوڻيجو، مسمات ارشاد خاتون، مسمات شهزادي ۽ ٻين لاش کڻائي قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو

راڻي پور(رپورٽ عبدالخالق گلال) راڻي پور پرسان ڳوٺ وريو واهڻ ۾ جوڻيجا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙي دوران دل جو دورو پوڻ تي گمس اسپتال ۾ 40 سالہ سڪندر جوڻيجو فوت بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

راڻيپور: قتل ٿيل شخص جي لاش تي وارث عورت سوڳوار ويٺل آهي

نصيرآباد ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام وظيفي مان ڪٽوتي، غريب عورتن جو احتجاج

مستحقين جي قسط جاري ٿيڻ شرط ٿي ڊوائيس مافيا سڌين سڌي لٽ مار شروع ڪري ڏني

الآصف ڪميونيڪيشن جو ساجد تنيو ۽ ٻيا ڊوائيس مالڪ بنا خوف جي ڪٽوتي ڪري رهيا آهن: عورتون

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط جاري ٿيڻ شرط ٿي ڊوائيس مافيا سڌين سڌي لٽ مار شروع ڪري ڏني آهي پئسا وٺڻ آيل مستحق عورتن کان 1000 کان 1500 روپيا ۽ ڪن حالتن ۾ اا رقم ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي جنهن ڪري علائقي جي سوين بيوس ۽ پورهيت عورتن ۾ سخت ڪاوڙ ۽ بيچيني پکڙيل آهي متاثر عورتن ۽ شهرين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته شهر جي مختلف علائقن بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

راڻيپور ۽ ڀرپاسي مستحق عورتن جي رقم ڪٽوتي جاري، متاثرن جو احتجاج

جيڪا عورت ڪٽوتي ڪرڻ نه ٿي ڏئي تنهن کي رولايو وڃي ٿو: مستحق

ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيسز مافيا جي خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

راڻي پور(ن ع) بينظير انڪم سپورٽ جي قسط اچڻ سان ئي ڊوائيسز مافيا مقرر سينٽرن جي بجاءِ ٻهراڙين ۽ پنهنجي گهرن ۾ ڊوائيسز هرهڪ عورت جي قسط مان هزارين روپيا ڪٽوتي ڪرڻ لڳا مستحق عورتن جو چوڻ آهي ته جيڪا عورت قسط مان ڪٽوتي ڪرڻ نه ٿي ڏئي تنهن کي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال لڳ چلهه جي چڻنگ مان اچانڪ باهه لڳڻ سبب 5 گهر سڙي رک

اڏيرولال (ن ع) اڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ نوان ميرجت ۾ چلهه جي چڻنگ مان اچانڪ باهه لڳڻ سبب 5 گهر سڙي رک ٿي ويا آهن جنهن ۾ گل حسن، سون الهرکيو گلاب ميرجت اربيلو ميرجت جا بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

احتجاج
29 جنوري 2026
SINDH PROFESSORS & LECTURERS ASSOCIATION
WE WANT FIVE TIER FORMULA
GOVT GIRLS ZUBAIDA COLLEGE HYDERABAD
حيدرآباد سيلا پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرن جو ٽريزري عملي خلاف احتجاجي مظاهرو

بدين (ڊ ر) آل ليڊي هيلٿ ورڪرز يونين پاران ٽريزري آفيسر بدين ۽ سنڌس عملي خلاف ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس بدين آڏو بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سڄاول ويجهو لاڙ شگر ملز وٽ ٽرالر جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت

ٽريڪٽر ٽرالي جي پر ۾ ستل پرويز علي جانوري مٿان ٽرالر چڙهي ويو

حادثي جي نتيجي ۾ پرويز علي موقعي تي فوت، لاش سول اسپتال منتقل

پوليس ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، جڏهن ته ڊرائيور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

سڄاول (ڊ ر) سڄاول ويجهو لاڙ شگر ملز وٽ جهوڪ شريف کان ڪمند جي ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي لاڙ شگرملز کڻي پهتا هئا ٽرالي خالي ٿيڻ ڪانپوءِ به پاڻ ٽريڪٽر ٽرالي جي پر ۾ سمهي رهيا سامهون ايندڙ ٽرالر بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت عوام کي ڌاڙيلن ۽ قاتلن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي: سائره بانو

پوليس ڊاڪٽر سليم آرائين واقعي کي ذاتي تڪرار جو رنگ ڏئي رهي آهي

آءُ جي سنڌ خدا جي واسطي عوام کي احساس ڏيار ته پوليس سياسي پارٽين لاءِ نه پر عوام جي حفاظت لاءِ آهي

شهدادپور(ن ع) جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ اڳوڻي ايم اين اي ميڊم سائره بانو وساڻ چيو آهي ته جڏهن به امن امان جو مسئلو هوندو آهي ته ائين لڳندو آهي ڄڻ ڪنهن سينهن آڏو بين وڄائڻ يا ڪنهن پٿر سان مٿو ٽڪرائڻ آهي هن چيو ته اهو امن امان جو مسئلو هجي يا قتل هجي يا وري بدامني جو راڄ آهي ائين لڳي ٿو ته سنڌ حڪومت سانگهڙ کي نظرانداز ڪري رهي آهي. سنڌ حڪومت عوام کي ڌاڙيلن قاتلن ۽ دهشتگردن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي سائره بانو وساڻ سانگهڙ ۾ ڊاڪٽر سليم آرائين جي واقعي جي سخت بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: اڳوڻي ايم اين اي سائره بانو عبرت سان ڳالهائي رهي آهي

گهوٽڪي: ڊگري ڪاليج ۾ اڳوڻي ريجنل ڊائريڪٽر جي مان ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

اسلام ڪوٽ پرسان ڊيپلو روڊ تي نوجوان جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ڊيپلو روڊ تي نوجوان جو لاش هٿ آيو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته فوتي نوجوان سرگهي جي مرض ۾ مبتلا هو پوليس بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

هالا پرسان ڪوسا ۽ پچا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ قتل، ٻيو زخمي

ڳوٺ لکاڏنو پچو ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙي دوران ڪوسا برادري جا ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي رضا ڪوسو دم ڏئي حوالي ڪيو

واقعي بعد فوتي جي وارثن جو پوليس خلاف احتجاج، فوري طور جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

هالا(ن ع) هالا پرسان ڳوٺ لکهاڏنو پچو ۾ معمولي ڳالهه تان ڪوسا ۽ پچا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي دوران ڪوسا بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

هالا: قتل ٿي ويل رضا ڪوسي جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ڪوٽڙي پوليس هٿان وارداتن ۾ ملوث 4 جوابدار گرفتار، چوري جو سامان هٿ

گشت ڪندڙ پوليس اهلڪارن 4 جوابدارن جو پيڇو ڪري کين گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدارن وٽان ٻه پاڻي جا موٽر، هڪ روٽر مشين، پلاسٽڪ جا پڪا ۽ ٻيو سامان هٿ آيو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي پوليس گشت دوران 4 جوابدارن جو پيڇو ڪري کين گرفتار ڪيو آهي جن جي قبضي مان ٻه عدد موٽر هڪ روٽر مشين پلاسٽڪ جا پڪا ۽ ٻيو سامان هٿ ڪري سندن خلاف اهڙو ڪيس داخل ڪيو آهي جوابدارن ۾ توفيق ابڙو حسن شورو جميل ڪونهارو ۽ پرويز سرگاٺي شامل آهن جيڪي مختلف چورين جي وارداتن ۾ ملوث ٻڌايا ويا آهن

ڪڪڙ پرسان ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، هڪ فوت، ٻيو زخمي

ٽڙڙي جادو شهيد لنڪ روڊ تي ٻن موٽر سائيڪلن جي وچم آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو

ڳوٺ جهنڊو ٻپر جو رهواسي 45 سالن جو رجب علي ٻپر فوت، جڏهن ته آصف زخمي ٿي پيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان افسوس ناڪ حادثو ٻن موٽر سائيڪلن جو آمهون سامهون ٽڪر حادثي ۾ هڪ همراهه فوت ۽ ٻيو سخت زخمي تفصيل موجب ڪڪڙ ويجهو ٽڙڙي جادو شهيد لنڪ روڊ تي ٻن بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development
Company Limited
ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBT-PT-PPE-310642567-2026	PRE-QUALIFICATION (03 YEARS) AND SUPPLY OF PERSONAL PROTECTIVE EQUIPMENT ON CONTRACT BASIS (01 YEAR)	19.02.2026 AT 1130 HRS
2.	OGDC-SCM-FA-CB-DS-310996978-2026	POLY ANIONIC CELLULOSE- LOW VISCOSITY (PAC-LV)	02.03.2026 AT 1100 HRS
3.	OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-D-310720425-2026	WHIPSTOCK	02.03.2026 AT 1100 HRS
4.	OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-D-310796811-2026	CASING ACCESSORIES	03.03.2026 AT 1100 HRS
5.	OGDC-SCM-FD-CB-ECMP-2026	MAN PORTABLE SHOT HOLE RIGS	03.03.2026 AT 1100 HRS

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 16/47

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.